
پور وڇوٽ پاڇا
(لاڪ ڊائون ۾ لکيل خط)
احمد شاڪر

# پور وچوٽ پاڇا

(لاڪ ڊائون ۾ لکيل خطَ)

## احمد شاڪر

سپيتا پبليڪيشن
حيدرآباد
2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سمورا حق محفوظ

**Book no: 14**

ڪتاب: پور وڇوٽ پاڇا

موضوع: خط

ليکڪ: احمد شاڪر

پهريون ڇاپو: 2020ع

ڇپيندڙ: سپيتا پبليڪيشن، حيدرآباد.

رابطي لاءِ: 0308-3885242

قيمت: 250 روپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

**2023ع**

# ارپنا

ڪورونا وائرس سان جهيڙيندڙ
ڊاڪٽرن، نرسن،
مريضن، فوت ٿيندڙن
۽ لاڪ ڊائون جي ڪري
بيروزگار ٿيندڙ مزدورن جي نانءِ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعر ۽ نثرنگار احمد شاڪر جي خطن تي مشتمل ڪتاب ”پور وچوٽ پاچا“ اوهان اڳيان پيش آهي.

هي ڪتاب احمد شاڪر پاران لاڪ ڊائون جي دور ۾ سنڌ جي اديبن ڏانهن لکيل خطن جو اهڙو مجموعو آهي جنهن ۾ شاعراڻي نثر جا رنگ سمايل آهن. خطن جي هن مجموعي کي پڙهي ماڻهو لفظن جي سحر ۾ وڪوڙجي ٿو وڃي. احمد شاڪر لفظن جو جادوگر آهي، هن وٽ جذبن جي اظهار جي سگهه شدت سان موجود آهي.

هي ڪتاب 2020ع ۾ **سپيتا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون احمد شاڪر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


پنهنجي پاران: احمد شاڪر 07

- پهريون خط ـــ رحمت سومري، ڏانهن 10
- ٻيون خط ـــ مجيب اوٺي، ڏانهن 14
- ٽيون خط ـــ امرتا، ڏانهن 19
- چوٿون خط ـــ جهانگير ڏاهري، ڏانهن 24
- پنجون خط ـــ علي آڪاش، ڏانهن 29
- ڇهون خط ـــ حاجي ساند، ڏانهن 34
- ستون خط ـــ امر اقبال، ڏانهن 39
- اٺون خط ـــ سنڌو ستار پيرزادو، ڏانهن 45
- نائون خط ـــمقبول هاليپوٽي، ڏانهن 51
- ڏهون خط ـــشميم مري، ڏانهن 56
- يارهون خط ـــ ساگر مشتاق، ڏانهن 63
- ٻارهون خط ـــ ناشاد رضوان، ڏانهن 69
- تيرهون خط ـــ فراق هاليپوٽي، ڏانهن 77
- چوڏهون خط ـــ امداد سولنگي، ڏانهن 83
- پندرهون خط ـــ فواد ڪلوڙ ڏانهن 90
- سورهون خط ـــ آس ٻبر، ڏانهن 97
- سترهون خط ـــ عرفان لُنڊ، ڏانهن 105
- ارڙهون خط ـــ ذوالفقار گاڏهي، ڏانهن 112
- اڻويهون خط ـــ منور ملاح، ڏانهن 119
- ويهون خط ـــ جاويد جبار، ڏانهن 125
- ايڪويهون خط ـــ حبيب ساجد، ڏانهن 131

پنهنجي پاران:

## منهنجون آڱريون اگربتيون....

هڪڙيون اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن، جيڪي لکڻ سان سڪون جي ڇيڙن تي تخليقڪار پهچي ويندو آهي ۽ ادب ۾ ان کي ورجاءُ چئجي ٿو. ان سان گڏوگڏ انهيءَ کي اهو به چئي سگهجي ٿو ته هاڻي اڳلي وٽ لکڻ لاءِ نئون ڪجهه ڪونهي. هيءُ به اکر پنهنجي پاران لکڻ دوران مان هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي ڳالهه ورجائيندس ته مون کي پڙهڻ، لکڻ ۽ پيار ڪرڻ کان سواءِ ڇوٽون ڪم اچي ئي ڪونه ٿو. اها ڳالهه مان ان ڪري به ورجائي رهيو آهيان، جو جنهن رفتار سان مان هيءُ ڪتاب لکي پنهنجن پڙهندڙن جي هٿن ۾ ڏئي رهيو آهيان. اها رفتار ڏاڍي تيز ۽ تکي آهي. ان جي باوجود به منهنجي من ۾ هزارين ڳالهيون ڪرَ ڪٽي ٻيٺيون آهن ۽ مون کي هر روز رات جو ننڊ مان اٿاري ٿيون ڇڏين ۽ مان انهن کي ڪنهن وقت نظم جو ته ڪنهن وقت نثر جو سِلڪي چولو پارائي ڇڏيندو آهيان.

مان سفر ۾ هجان ڪنهن سان گڏ ويٺو هجان ڪيڏي به رنج و غم جي گهيري ۾ هجان ته ان وقت جيڪڏهن منهنجي ذهن ۾ ڪو خيال ايندو آهي ته ايئن لڳندو آهي، جيئن ڪو قتيل پکي آسمان مان ڪريو آهي ۽ تڪڙي ان جِي ملم پٽي ڪري موت جي منهن مان موٽائجي. بلڪل ايئن ئي مان خيال کي ڪرندڙ قتيل پکي سمجهندو آهيان ۽ ان کي نثر ۽ نظم جِي ملم پٽي ڪري ڇڏيندو آهيان، ان کان پوءِ جڏهن اهو خيال هڪ خوبصورت شڪل اختيار ڪري جڏهن منهنجي اڳيان ايندو آهي ته منهنجي ڇپن جِي ٺاريءَ تي مُرڪ جو گل ٽڙي پوندو آهي.

مان امرتا: کي بار بار اهو ئي چوندو رهندو آهيان ته ڪنهن به خيال کان منهن موڙڻ ايئن هوندو آهي، جهڙوڪ تخليقڪار ساهه واري شيءِ جو خون ٿو ڪري ڇڏي. هڪ سُچيت سرجڻهار خيال کي ڪٽي اندر ۾ اوتيندو آهي، دماغ جي گهاٽي ۾ پاڻ کي ۽ خيال کي پيڙيندو آهي ۽ آخر ۾ خيال کي ڪٽي عام اڳيان آڻيندو آهي ۽ انهيءَ سڄي عمل دوران تخليقڪار جو تن ۽ من تنبوري جيان وڄندو رهندو آهي ۽ ان جون تارون ڇيڙيندو رهندو خيال جِي آڱر ۾ هوندو آهي.

مون جتي ذات جي ڏيهه ۾ اڪيون ڏيئا ڪري ٻاريون آهن ته اتي ئي آڱريون اگربتيون ڪري ٻاريون آهن ۽ انهن اگربتين جِي خوشبو اوهان

پڙهندڙن کي جيڪڏهن ڪتاب جي ڪنهن به خط مان محسوس ٿئي ته مان ايئن سمجهندس ته منهنجو پورهيو صاب پيو.

هي ڪتاب "پور وڇوٽ پاڇا" جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي. اهو لاڪ ڊائون ۾ لکيل خطن تي مشتمل آهي. ان جي لکڻ جو سبب مون اڳيان اهو ئي هو ته ڪورونا وائرس ڪان پوءِ لاڪ ڊائون جا ڏينهن هڪ تخليقڪار جا ڪيئن ٿا گذرن! ان لکڻ سان پو ٻيون به ڪيترين ئي ڳالهيون هنن خطن جو حصو ٿي ويون آهن. ان سان گڏوگڏ منهنجو هڪڙو خاص جيڪو مقصد هو ته مان لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ هڪڙو اهڙو ڪتاب ڏيان جيڪو ايندڙ وقت ۾ هنن ڏينهن جي لکت ۾ تاريخ ڳڻجي. هنن ڏينهن ۾ مون جيترو لکيو آهي، اوترو ئي پڙهيو آهي. شاعريءَ جون ته صبح، شام منهنجي دماغ ۾ نيون وهي اينديون رهيون آهن ۽ مون جيتري شاعري هنن ڏينهن ۾ سرجي آهي، ايتري اڳ ڪڏهن به ڪونه ڪئي آهي. هن ڪتاب کان پوءِ مان لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ ڪيل شاعريءَ کي سهيڙي جلد آڻڻ چاهيان ٿو.

هيءُ خط آهن يا منهنجي دل جا ٽڪڙا آهن! اهو فيصلو ڪرڻ مون لاءِ انتهائي ڏکيو آهي. اهو سڀ ڪجهه مان اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو ته اوهان هنن خطن کي ڪيئن ٿا ڏسو ۽ پڙهو. ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ ئي سڀ کان وڏو منصف آهي ۽ جڏهن پڙهندڙ وٽان راءِ ايندي آهي ته ليکڪ کي اڳتي سفر ڪرڻ ۾ تمام گهڻي آساني محسوس ٿيندي آهي.

محبتون سائين رسول ميمڻ: جون جنهن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکيو. انهن سيني ڳالهين کان سواءِ مان پنهنجي حسين ۽ جميل "شاعريءَ جهڙي ڇوڪريءَ" جو ٿورائتو آهيان، جنهن جو من ڪاڇي جِي ڇيڪي مِٽيءَ مان ٻُوهيل آهي ۽ اها ئي منهنجي شاعريءَ ۽ لکڻ جو خاص سبب آهي، جنهن اڳ ڪان وٺي مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ ۽ ڳالهائڻ سيکاريو.

**احمد شاڪر**

03473230193

اشڪا جو گهر ميهڙ

1 جولاءِ 2020ع

# پور
# وڇوٽ
# پاڇا

( لاڪ ڈائون ۾ لکيل خطَ )

اشڪا جو گهر، ميهڙ
١٧ اپريل ٢٠٢٠ع

رحمت،
اميد ته خوشحال ۽ زنده آباد هوندين
ڪراچيءَ جي ڪَرائِيءَ ۾ سهڻي ڪنگڻ جيان
ڦرندو رهندو هوندين
۽ سندس مٿي تي
بنديا جيان چمڪندو هوندين
۽ سندس مُک تي
تازي گلاب جيان
ٽڙندوهوندين!

احوال خير!
امر اقبال، پڇيو آهي ته ”لاڪ ڊائون دوران ڇا لکيو اٿوَ؟ يا ڇا لکي رهيا آهيو؟“ ۽ مون کان ويٺي ويٺي هيءُ سڀ ڪجهه لکجي ويو آهي، جيڪو به منهنجي اندر ۾ هيو ۽ اهو سڀ ڪجهه ميڙي سيڙي تو اڳيان اکرن جي صورت ۾ کڻي آيو آهيان ۽ ان دوران مان ڪيڏي پيڙاءُ مان گذريو آهيان. ان تڪليف کي مان ڪنهن ٻي پيري اوهان سان ونڊبيندس. مان نه ٿو چاهيان ته تو، سميت مان پنهنجي ٻين يارن، پيارن، دوستن ۽ پنهنجي پڙهندڙن کي لُڙڪن، سُڏڪن جي سرحد تي وٺي هلان، افسوس! ته مون وٽ مُرڪن جي مالها ڪونهي، جيڪا تو، سميت پنهنجن يارن، پيارن، دوستن ۽ پنهنجن پڙهندڙن کي ڳلي ۾ پارايان.

هڪ پيري مون کي ڪنهن بزرگ دوست چيو هو ته ”تون سدائين تڪليف ۽ درد جي درياهه سان ٿُبتار نثر ۽ نظم ڇو لکندو آهين!؟“ مون ڪنڌ مٿي کڻي ڇلڪندڙ نيڻن جي ڪنورن سان، پريل ڳلي سان ٿڌو ۽ ڏکو ساهه کڻي چيو هو ته يار! منهنجي نظر ۾ نثر ۽ نظم اهو ئي اثرائتو

آهي، جنهن ۾ سچائي بيان ڪيل هجي ۽ مون ڪي قسم آهي، امان ارباب جو تہ مون ڪڏهن بہ خالي سڪٽو ۽ ڪوڙ ڪونہ اظهاريو آهي. منهنجي اندر ۾ جيڪو بہ ڪجهہ آهي، منهنجي روح ۽ جسم تان جيڪا بہ تڪليف گذري آهي، مون ان ئي تڪليف ڪي پنهنجي تحريرَ ۾ چِٽي چڙهيو آهي.

هي لاڪ ڊائون جا ڏينهن ۽ راتيون پاڻ ڏهاڙي ڪمائيندڙن لاءِ تڪليف جو سبب ضرور بڻيا آهن، پر ان هوندي بہ پاڻ پنهنجي پڙهڻ، لکڻ تي معاشي تنگيءَ کي حاوي ٿيڻ ناهي ڏنو.

”منهنجي وات مان
ڪير گرهہ تہ کڻي سگهي ٿو
پر منهنجي هٿ مان
ڪير بہ قلم ۽ ڪتاب نہ ٿو کسي سگهي.“

مون کي اهو سوچيندي ڏندين آڱريون اچي وينديون آهن ۽ حيرت جا پَرت مون تي کُلي پوندا آهن تہ منهنجو ڪُتنب ٽن ڀاتين تي مشتمل آهي، اڌ بُک تي اڌ ڍوءَ تي ڏُکيو. سُکيو گذر سفر ڪري ٿو، پر جيڪي ڏهاڙي تي ويندڙ مزدورَ آهن ۽ ستن، اٺن گهر ڀاتين تي مشتمل آهن، انهن جو گذر سفر ڪيئن ٿيندو هوندو!؟

پنجويهين مارچ کان مان پنهنجي ڇهہ سئو فٽن جي ننڍڙي سيل نما گهر ۾ جهڙوڪ نظربند آهيان ۽ ڪتابن جي ڪائنات جو سير ڪري رهيو آهيان، قلم سان ڪاڳر جي ڪئنواس تي نثر ۽ نظم جون ٻاريون ٺاهي رهيو آهيان ۽ پنهنجن احساسن جي انهن ۾ پوکي ڪندو پيو وڃان. منهنجي اندر ۾ هڪ درد ڄِڃي ندي ڇوليون پائي رهي آهي. هي احساس بہ منهنجو آهي، جنهن کي مون غزل جو چولو پارايو آهي.

درد جي هڪ ندي کي چِٽي ٿو مصور،
هڪڙي پوري صدي کي چِٽي ٿو مصور.

لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۽ راتين دوران مون برابريءَ جي بنياد تي پڙهيو ۽ لکيو آهي.

منهنجي ڪُتب خاني ۾ جيڪي به جيلَ ڊائريون موجود هيون. اهي مون ٻيهر پڙهيون آهن ۽ ان سان گڏوگڏ آريسر صاحب جي ڪتابن جو مڪمل سيٽ پڙهيو آهي، هينئر گارشيا مارڪيز جي ڪتاب جو اردو ترجمو ”وطن میں جلاوں“ پيو پڙهان. ان کان پوءِ اورحان پاموڪ جي ڪتاب جو اردو ترجمو ”سرخ میرا نام“ پڙهندس. اهي مٿيان ٻئي ڪتاب تو ئي مون کي ڏنا هئا ۽ مان تنهنجي شڪر گذاري ڪهڙن لفظن ۾ ادا ڪيان ..... شڪر گذاري ادا ڪيان به ڪي نه.... ڇاڪاڻ ته منهنجي خيال ۾ شڪر گذاري پائرن سان يا دوستن سان نه ٿي ڪري سگهجي. واقفڪارن سان يا ڪنهن اوپري جي شڪر گذاري ڪرڻ گهرجي. پنهنجو ته روح جو رشتو آهي، جيڪڏهن اهو نه هجي ها ته پوءِ سُنا ڪتاب پڙهائڻ جي شڪر گذاري ادا ضرور ڪيان ها!

هڪ وک اڳتي وڌندي:

رحمت،

توئي ٻڌايو هو ته ”گارشيا چئي ٿو ته مون کي انهن اديبن تي حيرت ٿيندي آهي، جيڪي پنهنجي ايندڙ ڪتابن جا خاڪا ٻڌائيندا آهن.“ پر، هاڻي ڳالهه ڇا آهي، جو هر انسان پنهنجي واٽ ناهيندو آهي، منهنجي خيال ۾ جيڪو انسان پنهنجي واٽ نه ٿو ناهي وٺي ته اهو انسان ئي ناهي. سو مٿين ڳالهه جيڪا تو گارشيا جي ٻڌائي آهي، اهو گارشيا جو خيال آهي ۽ منهنجو يعني احمد شاڪر جو خيال ڪجهه مختلف آهي ۽ اُهو خيال اِهو آهي ته مون کان جيڪڏهن ڪير پڇا ڪري ته فلاڻو ڪم تو ڪيو آهي؟ جيڪڏهن مون اهو ڪم ڪيو هوندو ته ها ۾ جواب ڏيندس، پر ڪوڙ ڪڏهن به ڪونه ڳالهائيندس. سو امر اقبال! پڇيو آهي ته ”لاڪ ڊائون دوران تو ڇا لکيو آهي؟ يا ڇا لکي رهيو آهين؟ “ مون ڪيس ٻڌايو ته،

لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ مون ابابيل جي پنجين ڪڙي جو ڪم جهڙو مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان اميد سان ته وري رونقون بحال ٿينديون ۽ پهرين جون تي ابابيل جي پنجين ڪڙي پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچائيندس. ابابيل ڪتابي سلسلو مان سمجهان ٿو ته تون ۽ مان رڳو سهيڙي / ڇپرائي پڙهندڙن تائين پهچايون ٿا، پر ان ڪم جي پنيان اصل هٿ اسان جي

پڙهندڙن / پيارن جا آهن، جن اسان جي انهي ڪم ڪي پڙهيو، پسند ڪيو ۽ ساراهيو آهي.

لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ تمام گهڻي شاعري ڪئي آهي ۽ ڪيان پيو. لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ خاڪن جو ڪتاب لکڻ جو ارادو رکان پيو، جنهن مان ٻه خاڪا "ڇا هُو جان ڪيٽس جيتري عُمر ماڻي سگهندو ۽ وبا جي وقت ۾ آيل ڪومل جو جنم ڏينهن" فئس بُڪ تي پڻ رکيا آهن ۽ اِن ڪتاب جي سلسلي جا ٽي خاڪا ٻيا به لکي ڇڏيا آهن جيڪي آهستي آهستي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪبا.

۽ آخري ڳالهه اها ته جيڪو منهنجو ڪتاب ڪجهه مهينا پهريان ڇپجي پڌرو ٿيو هو، "هڪ نظر هيڏانهن ٻه" مون مڪمل ان ڪي ٻيهر لکڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي. خاص ڪري جديد سنڌي نظم جي شاعرن تي لکڻ جو ڪم جيڪو اڄ ڪان وڌيڪ ان ڪي اڪلائي چڪو آهيان ۽ منهنجي اها ئي ڪوشش هوندي ته هن ڪتاب جو ايندڙ ڇاپو نج ادبي ۽ تنقيدي هجي.

ان ڏينهن الائي ڪنهن پڇيو ته ڪٿي ۽ ڪيئن پيو وقت گذري؟ مون ڪان بي ساخته جملو نڪري ويو ته

"امان، بابا ۽ ڪتابن جي ڇانوَ ۾ پيو وقت گذري!"

انهن سڀني ڳالهين جي ونڊڻ ڪان پوءِ جيڪا مان آخري ڳالهه ونڊڻ چاهيندس اُها اِها ته ان خوشخبري جو هر پل شديد انتظار رهي ٿو ته من ان وبا ڪورونا وائرس جي وئيڪسين جي جُڙڻ جِي دنيا جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪا خوشخبري اچي وڃي.

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاعريءَ جي شهر جون مٽيُون پريندڙ:

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر، ميهڙ
١٩ اپريل ٢٠٢٠ع

مجيب-
احوال خير
اُميد ته خوش هوندين.

ڳالهه اها آهي جو ڪلهه رات مون امان تي لکيل خاڪو فيئر پئي ڪيو ته ان وقت رات جا ٽي لڳي پنجٽيهه منٽ ٿيا هئا ۽ جڏهن خاڪو فيئر ڪري بس ڪئي ته منهنجي ذهن ۾ اوچتو هيءَ سٽ اُڀري آئي ته
”اولادَ جا ڳوڙها ماءُ جي قرض ادائگي هوندا آهن“
مون ڪي ان سٽ سمهڻ ئي ڪونه ٿي ڏنو. مسلسل انهي سٽ جي آڌار تي مان سوچيندو رهيس ته مون، امان! جو ڪڏهن به ايئن قرض ادا ڪونهي ڪيو، جيئن مٿين سٽ ۾ تو چيو آهي.
اڄ ڪان ٽي يا چار سالَ اڳ مون ڀارتي شاعر منور رانا ڪي يوٽيوب تي ٻڌو هو. ان جي گهٽي ته نه پر ڪافي شاعري مون کي متاثر ضرور ڪيو هو. اهو ان ڪري جو سندس شاعريءَ ۾ موضوع جي انفراديت هئي ۽ اُها انفراديت اِها هئي جو منور رانا جي شاعريءَ جو گهڻو موضوع گهر جي ڀاتين ۽ رت جي رشتن تي آڌاريل هو ۽ مون کي گوگل تان ان جو هڪڙو ڪتاب ملي ويو، جنهن جو نالو هيو”ماں“
مون اهو ڪتاب پڙهيو مون کي وڻيو. ان کان اڳ مئڪسم گورگي MOTHER ناول لکيو هو. ان ناول جي تعريف ڪهڙن لفظن ۾ ڪجي!؟
مون ڳالهه پئي ڪئي منور رانا جي ڪتاب جي ته ان کي پڙهڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ هڪڙو خاڪو جڙي آيو ۽ اهو خاڪو هي هيو ته مان ”ماءُ“ تي هڪ مڪمل نظمن جو ڪتاب لکان ۽ ان سلسلي ۾ مون هيئنر تائين ويهه، پنجويهه نظم پڻ لکيا آهن. مان سمجهان ٿو ته جڏهن به منهنجو هيءُ

ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو تہ ادبي دنيا ۾ هيءُ ڪتاب ئي منهنجي سڃاڻپ جو سبب بڻيو.

توکي خبر آهي، هاڻي تہ امان رليون بہ سِبڻ گهٽائي ڇڏيون آهن، ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ مون ڪڏهن بہ امان کان ڪونهي پڇيو. سچي ڳالهہ اها آهي تہ نہ ڪڏهن امان مون کان سوال پڇندي آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن مان امان کان سوال پڇندو آهيان. اسان هڪ ٻئي جي اکين کي ڏسي اها ڳالهہ پڙهي وٺندا آهيون، جيڪا اسان هڪ ٻئي کي چوڻ چاهيندا آهيون، پر چئي ناهيون سگهندا. سو مان سمجهان ٿو تہ امان! رليون ان ڪري سِبڻ گهٽائي ڇڏيون آهن، جو اڳ گهٽي غربت هئي. بابا جي وفات کان پوءِ گذر سفر امان جي رلين جي سِبڻ تي هو ۽ ان کان علاوه ڀينرن جون شاديون بہ ٿي ويون. ان ڪري هاڻي خرچ پکي جي گهٽجڻ جي ڪري امان رليون سِبڻ جهڙوڪر ڇڏي ڏنيون آهن.

مجيب!

توسان اڄ اهڙي ڳالهہ ٿو ونڊيان جيڪا مون ان کان اڳ نہ ڪنهن سان ونڊي آهي ۽ نہ ئي ڪٿي لکي آهي. ڳالهہ اها آهي جو مون بہ سال اڳ ”ماءُ“ نالي سان هڪڙو نظم لکيو هو ۽ اهو نظم جڏهن اسان جي ٽَر جي عالم پڙهيو تہ مون کي گهرائي اهو چيائين تہ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ معصوم نہ هجين ها ۽ منهنجو شاگرد بہ نہ هجين ها تہ هينئر ئي توکي مان اهڙي سزا ڏيان ها جو تنهنجي هم خيال ساٿين لاءِ عبرت جو سبب بڻجي ها. توکي خبر آهي، ان کي اعتراض ڇا جي ڪري هو. اهو نظم جي هنن سٽن جي ڪري هو.

ماءُ

هيءَ دعوا حقيقت ناهي
خدا جِي مالڪي
انسانن تي آهي
ڏهہ مهينا
پيچ ڊاهہ جا پندارَ

توئي پوڳيا
تنهنجي مالڪي جِي دعوا
هن ڌرتيءَ جي گولي ڪان
وزنائتي آهي.

هن ڪي اهو اعتراض هو تہ تو خدا ڪان وڏيڪ ماءُ ڪي چو سڏيو آهي! هاڻي مان ڪيس ڇا ٻڌايان تہ ماءُ ڇا آهي ۽ ان جي مالڪي انسان تي ڪيتري آهي. ان واقعي ڪان پوءِ مون نہ رڳو امان تي پر وطن تي بہ دل کولي لکيو، ڪنهن بہ خوف خطري ڪي پنهنجي سوچن تي حاوي ٿيڻ نہ ڏنو.

ان ڏينهن اقرار پيرزادي پڇيو تہ ”احمد ڪنهن جو راڳ ٻڌندو آهين؟“مون ڪيس جواب ڏنو تہ ”شاھ لطيف جو مڪمل رسالو عابده پروين جي آواز ۾، مرزا غالب جي شاعري جڳجيت ۽ چترا جي آواز ۾ ڪڏهن ڪڏهن استاد ٻڙي غلام علي خان جي ٺُمري ”یادپیاکی آئی“،راڳ مالڪوس ۽ سورٺ ٻڌندو آهيان ۽ بس!“

وري چيائين تہ ”درگاھ واري وائي ٻڌندو ڪر!“

مون ڪيس جواب ڏنو تہ ”راڳ جي ڄاڻ ڪونهي مون ڪي پهريان مٿين جا اسم وٽيا پوءِ مون جاچ ورتي ڪنهن ڄاڻو دوست ٻڌايو تہ اهي اسم فلاڻي راڳڻين ۾ ڳاتل آهن، راڳداري جي ڄاڻ جنهن ڪي سمجھ ۾ اچي. خوش نصيب آهن، اهي جن ڪي اهو علم آهي“

اقرار ٻڌايو تہ ”ها! راڳ جي ڄاڻ تہ وڏي شيءِ آهي پر درگاھ واري وائي پٺائي صاحب پاڻ ڳائيندو هو. هو راڳ جي اهڙي لي ٻڌي ويو آهي جو نہ سمجھڻ باوجود ماڻهو جا ڳچ ڳري ٿا پون“

انهي تي مون ڪيس ٻڌايو تہ ”امان منع ڪندي آهي گهر ۾ پٺائي ڪي هلائڻ ڪان! هڪ دفعي ڏک هڻي ڪديائين. موبائل پرتي اڇليائين ۽ تيز ڳالهايائين تہ تون مان جو (منهنجو) دشمن آهين! مون ڪانئس پڇيو تہ ڳالھ کهڙي اَهي (آهي) تہ چيائين مان لطيف ڪِ (ڪي) ٻڌان ٿي تہ پڇي پُري ٿي پوان ۽ تڪليف جي ڪڙهائيءَ م (۾) ڪڙهڻ لڳان ٿي ۽ غمان (غمن) جِي غار م غرق ٿي وڃان ٿي!“

مجيب!

توکي حيرت ٿيندي ان ڳالهه جي تہ امان ستَ حج پڙهيا آهن ۽ تقريبن پنڌرنهن، سورنهن سالَ سعودي عرب ۾ رهي آهي، پر هن تي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ مذهبَ جو مڪمل پاڇو ڪونہ پيو آهي.

سندس چپن تي ماسٽر چندر جو ڳايل اباڻا فلم جو گيت:

(وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا.

پکي ديس پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا!)

ايندو آهي تہ اکيون پرجي ايندیون اٿس. هڪ ڀيري مون ڪانئس پڇيو تہ امان! تو تہ ورهاڱو ڏٺو ئي ڪونہ هو پوءِ تون انهيءَ درد کِ (کي) ڪيئن ٿي محسوس ڪرين.؟ مون کي هڪڙو جملو چئي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي ۽ اڱڻ ڏانهن وڃي کٽي تي ويني وري ساڳيو ماسٽر چندر جو گيت ڳائڻ لڳي. خبر اٿئي تہ امان جواب ڪهڙو ڏنو هو.!؟ چيائين تہ

"مان انان (انن) ٻاران جي ماءُ آهيان ۽ ماءُ ٻچي جي ٻاتي ٻول کِ (کي) ئي سمجهي وندي (ويندي) آهي. ماسٽر چندر تہ وڏي واکي سان درد کِ (کي) ٿو بيان ڪري سو مان اُن نُون ڪيئن ڪن لاٿار ڪيان"

اڪثر گهر ۾ پنڻ ايندڙ فقيرياڻين / باگڙياڻين سان ايئن رلي ملي ويندي آهي، جهڙوڪ ڪو پيءُ، ماءُ جي گهران پاتي اُڪير مان پڇڻ آيو هجيس.

"هُوءَ تہ مون کي
اوائلي دؤر جي
اها عظيم عورت لڳندي آهي
جيڪا اَن اُپائي ٿي
ٻار ڄڻي ٿي
پينگهو لوڏيندي
گيت ڳائي ٿي
۽ دنيا تي حڪمراني
ڪري ٿي!"

پاڙي جي مسيت مان ملان اسُر جي اذان ڏيندي ڏٽيءَ جي وڏائي بيان ڪري رهيو آهي ۽ مان تو ڏانهن خط لکندي امان جي تعريف ۾ ريشم / لفظن جا تاڪيا کولي رهيو آهيان!

مجيب!

موڪلاڻي ڪونهي.

خط جو جواب ضرور ڏجان تہ جيئن رهجي ويل ڳالهيون دريافت ٿي سگهن ۽ توکي خط جي ٻي قسط ۾ ارسال ڪري سگهان.

فقط تنهنجو

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢٢ اپريل ٢٠٢٠ع

پياري امرتا،
اميد تہ خوش هوندينءَ،
حيدرآباد جي هوائن سان ڪيڏندي هوندينءَ.

جيڪا ڳالهہ توسان ڪرڻي آهي. انهي ڳالهہ تي اچڻ کان پهرين مان چاهيان ٿو تہ توسان تنهنجي ئي شهر جون ڳالهيون ڪريان ۽ انهيءَ منگهن واري شهر جي خوبصورت عمارتن، ڇيلهہ جئن سنهڙين گهٽين جي يادن کي ورائڻ ٿو چاهيان ۽ تنهنجي گهر ڏانهن ايندڙ سنڌ ميوزم واري روڊ جو ذڪر ڪرڻ ٿو چاهيان. ان جي ٿورو اڳيان پونم پيٽرول پمپ جي انهيءَ چوراهي کي اکين جي فريم ۾ قيد ڪرڻ ٿو چاهيان، جتي آخري ساهہ جي هڏڪي حسن درس ڪنئين هئي ۽ انهيءَ کان ٿورو اڳتي قاسم چونڪ کان سڌو المنظر تائين مان پڪي بڻجي چوطرف حيدرآباد جو طواف ڪرڻ ٿو چاهيان.

حيدرآباد، جيڪو پاڻ لاءِ ماءُ جِي ٻاجهہ جهڙو شهر آهي، حيدرآباد جيڪو حسين عورت جي ٻانهُن جئن آهي، جنين تي مان هفتي جا ٻہ ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر اچي ٽڪ ٽِڪندو آهيان ۽ تسڪين جي تلاءُ ۾ ترُ ڪندو آهيان. سنڌءِ وارن جو ۽ حيدرآباد جي هوائن، گلن جو واس وٺي ميهڙ ايندو آهيان ۽ باقي هفتي جا پويان پنج ڏينهن امان جي اکين آڏو هوندو آهيان. ڪتابن جي ڪائنات جي سفر تي نڪري ويندو آهيان ۽ قلم جي قط سان نثر ۽ نظم کي ڪاڳر تي رقص ڪرائيندو آهيان، رقص بہ اهڙو جهڙو استوپا تي سمبارا ڪندي هجي، رقص بہ اهڙو جهڙو ڪونيا جي گهٽين ۾ رومي ڪندو هجي ۽ رقص بہ اهڙو جنهن ۾ ڪائنات جو هر ذرو رقص ڪري رهيو هجي.

”جيئن علي بابا سنڌو درياهہ ڏانهن ناڙي ڇوڙ ڪونہ ڪندو هو، ايئن مان وري حيدرآباد ڏانهن پير ڪري ناهيان سمهندو.“

امرتا،

توکي خبر آهي، ته ذري گهٽ اڇي مهينو پورو ٿيو آهي ۽ مون ميهڙ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه شهر ناهي ڏٺو ۽ مون وٽ جيڪا تات ۽ تڙپ رهي پئي آهي، حيدرآباد ڏانهن اچڻ جي انهيءَ تڪليف کي اظهارڻ لاءِ مون کي ٽن هفتن ڪان ڪا تشبيهه ئي نه ٿي ملي. حيدرآباد شهر جيڪو منهنجي شاعري آهي، حيدرآباد جيڪو منهنجو اُتساهه آهي ۽ حيدرآباد شهر جيڪو قلم قبيلي جو، قومي ڪارڪنن جو، پيار وارن ۽ پڙهندڙن جي هڪ گڏيل پناهه گاهه آهي.

الائي ڪنهن جِي فيس بُڪ تي ڪجهه وقت اڳ پوسٽ پڙهي هئي ته ”حيدرآباد سنڌ جو ريسٽ هائوس آهي.“

امرتا،

مان اصل ڳالهه تي اچڻ چاهيان ٿو ۽ اُها ڳالهه اِها آهي جو، تو ان ڏينهن ٽيڪسٽ مئسيج ۾ لکيو آهي ته هتي (حيدرآباد) وبا جي ڏينهن ۾ به ادارن مان ملازمن کي فارغ پيو ڪيو وڃي، جن جي گهرن جي چُلهه سندن ڪم ڪار سان ٻرندي آهي ۽ گهر ڀاتين لاءِ ماني پچندي آهي.

”مون اڳيان ان وقت ڏُک جو ڏيهه اچي ويندو آهي، جنهن وقت هڪ مزدور جڏهن صبح جو سوير مزدوري تي ويندو آهي، ۽ شهر جي مُک چونڪ تي وڃي ويهندو آهي، پر ڪيس ڪوبه ڪم ڪونهي ملندو ۽ خالي هٿين واپس گهر ورندو آهي!“

امرتا،

مون کي ڪڏهن ڪڏهن الائي ڇو ايئن محسوس ٿيندو آهي ته لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ مون کي سج جا ڳوڙها لڳندا آهن ۽ اهي ڳوڙها انهن مزدورن جي همدردي لاءِ هوندا آهن، جيڪي سڄو ڏينهن اُس تي تغاريون کڻن ٿا، ٻَنن تي سِرون ڪاهن ٿا ۽ ملن ۾ مزدوري ڪن ٿا.

”هر ڪنهن سان پيار نه ٿو ونڊي سگهجي ۽
نه ئي هر ڪنهن سان دل جي ڳالهه ٿي ڪري سگهجي!“

مان توکي هڪ مختصر قصو ٿو ٻڌايان.

اڪثر ڪري ڇنڇر ۽ آچر حيدرآباد ۾ رهڻ دوران صبح صبح جو ساجهر اُٿي واڪ تي نڪري ويندو آهيان. هڪ پيري واڪ ڪندو. پڪوڙا چونڪ تي پهتس ته اڏاوتي مزدورَ هڪ ڊگهي قطار ناهي وينا هئا ۽ ڪم ڪار جي انتظار ۾ پنهنجون ٻئي اکيون روڊن تي وڇايون وينا هئا. مان به ساڳيءَ ئي قطار ۾ ويهندي اخبار پڙهڻ لڳس ته هڪڙو مزدور مون ڏانهن سُري اچي وينو ۽ پڇيائين ته ڇا اٽو سستو ٿيو آهي، ڪجهه مهنگائي گهٽي آهي، ڇا پيو وهي واپري ملڪ ۾ دنيا ۾ هن ڪيئي ٽڪڙا ٽڪڙا سوال ڪيا ۽ مان ڪيس ڪو به مثبت جواب نه ڏئي سگهيس. ايتري ۾ هڪ ڪار آڏو اچي بيٺي ۽ سيئي مزدور ان ڪار ڏانهن ڊوڙيا هو به انهن سان گڏ ڊوڙيو ۽ مان اتان اٿي سڌو جڳهه تي هليو آيس.

مون کي حيرت ان وقت ٿيندي آهي
جڏهن ان اُپائيندڙ جي گهر ۾
بُک جو فصل اُسريل ڏسندو آهيان
مون کي ان وقت حيرت ٿيندي آهي
جڏهن ڪپڙو اُڻيندڙ جو
اڌ اگهاڙو انگ ڏسندو آهيان
مون کي ان وقت
ڏندين آڱريون اچي ويندیون آهن
جڏهن عمارتون ٺاهيندڙ کي
ڪکائين جُهوپڙي ۾ رهندي ڏسندو آهيان!

امرتا،

توکي هن خط ۾ پنهنجو اهو نظم پڙهايان ٿو، جيڪو مون ڪوئٽي شهر ۾ هڪ هفتو نيم روپوشيءَ وارين حالتن ۾ رهندي لکيو هو. جتي مان رهيل هيس ان علائقي ۾ رهندا ئي مِل جا مزدورَ هئا ۽ هڪ شام جو پاڙي واري گهر مان هڪ آهه اُٿي..... مون کي معاف ڪجانءِ مان انهي درد کي اظهارڻ جي سگهه ئي نه ٿو ساري سگهان.

بس! تون هيءُ نظم پڙهي اندازو لڳائي سگهين ٿي ته اهو واقعو هڪ گهر لاءِ ڪربلا جي واقعي کان گهٽ نه هو.

## مِل جو مزدور

هڪ گهر هڪ شهر هڪ مُلڪ
هڪ مزدور جي اک آڏو
هڪ مشيني مِل هوندي آهي

هڪ ويلو ڪاٽڻ وقت
گرهه گرهه ۾
بُک جو گرهه
گردش ڪندو رهندو آهي

صبح کان شام تائين
ڪربَ جي قبيلن مان گذرندو رهي ٿو
هڪ مزدور

سج جي ڪنيجي وڃڻ کان پوءِ
تارا، چنڊ جي اڳواٽيءَ ۾
آڪاس تي احتجاج لاءِ نڪري ايندا آهن
۽ ٻارَ بک وگهي روئي پوندا آهن

مِل جو مزدور
ٻارن جي روئڻ کي مشين جو آواز سمجهي
ننڊ جي نگريءَ طرف نڪري وڃي ٿو
وري ڪين واپس وري ٿو!

هنن وبائن جي ڏينهن ۾ جڏهن سڄي دنيا درد جي دياهه جِي ڪنڌيءَ تي پڪڙو اڏي وينل آهي ۽ ڏُک جا نندڙا پکي اُڀَ هينئان اڏري رهيا آهن ۽ بُک جِي بيچڙي بلا هر گهر جي در تي ڊگهن نهن سان رانيوٽا ڏئي رهي آهي. انهي وقت منهنجي اکين ۾ ڳوڙها آهن ۽ مان تو ڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان.

خط جي وصوليءَ وقت تصديق لاءِ مختصر ميسيج ضرور ڪجانءِ. تنهنجي جواب جو انتظار ايئن رهندو جيئن رات ڪان پوءِ سج ايرڻ جو رهندو آهي ۽ مزدوري تي وڃڻ جو، ڪجهه پئسا ڪمائي اچڻ جو امان ۽ بشيران لاءِ انهن پئسن مان اٽي ۽ ڀاڄي وٺي اچڻ جو انتظار رهندو آهي.

تنهنجو پنهنجو

احمد شاڪر

اشڪا جو گھر ميھڙ
٢٤ اپريل ٢٠٢٠ع

جھانگير،
اميد تہ خوش ھوندين ۽
سُھائيءَ سان گڏ رقص ڪندو ھوندين!

الائي ڇو توڏانھن خط لکندي لکندي دير ٿي وئي آھي. ان دير جو سبب ڪھڙو ٿي سگھي ٿو. اھا مون کي خبر ناھي. ممڪن آھي تہ لڳاتار چار ڏينھن ۽ چار راتيون سخت پورھيي جي ڪري جيڪا جسماني ٿڪاوٽ ٿي آھي. ان جي ڪري لکڻ نہ ٿو پڄي يا وري عالمي وبا ڪان پوءِ لاڪ ڊائون جي ڪري "ھُن" سان نہ ملڻ جي ڪري جيڪو ذھني ذري گھٽ نفسياتي مونجھاري ۾ ڦاسي پيو آھيان، جنھن سبب نہ لکي سگھان ٿو نہ پڙھي سگھان ٿو. پر ڇا بہ ٿئي مون کي خط ضرور لکڻو آھي.

تو ڪڏھن انھيءَ تي سوچيو آھي تہ حيدرآباد کان اُتر طرف بہ وسيع شاھراھون نڪرن ٿيون. ھڪڙي دادو طرف ۽ ٻي مورو طرف ۽ اھي ٻہ وسيع شاھراھون مون کي جھڙوڪ سنڌ جون ٻہ ٻانھون لڳنديون آھن، جنھن جي ھڪ ڪلھي ڪان سائين جي ايم سيد آھي تہ ٻي ڪلھي ڪان شاھ عبداللطيف ڀٽائي آھي.

مان اصل ڳالھ تي اچڻ ڪان پھرين توسان ھڪڙي ڳالھ ھڪڙو خيال ونڊڻ چاھيان ٿو ۽ اھا ڳالھ يا اھو خيال منھنجي ذھن جي زمين تي ان وقت اُسري آيو ھو، جڏھن تون گذريل مھيني جي پھرين ھفتي ڀٽ شاھ ڏانھن وڃي ھليو ھئين ۽ جيئن ئي پاڻ ڀٽ شاھ جي حدن ۾ داخل ٿيا ھئاسين تہ مون کي ايئن لڳو ھو تہ جڻ مان شاعريءَ جي شھر ۾ داخل ٿي رھيو آھيان. سچ لھي رھيو ھو. مرڪزي شھر جي ھڪ ٿلھي تي وڏو مچ ٻري رھيو ھو، سئو سوا ماڻھو ڪانپ ٻڌي وينا ھئا ۽ تنبوري جي تارَ مان جنم وٺندڙ تُون تُون تي وجد جي انھي ڪيفيت ۾ اچي ٿي ويا، جنھن ڪيف ۾ مولانا رومي وجد ۾ اچي ڪونيا جي گھٽين ۾ رقص ڪندو ھو.

”مان اهو منظر / محفل رُوبرو ڏسڻ ٿو چاهيان، جنهن ۾ خود لطيف سائين، فقيرن جي چوڪڙيءَ ۾ درگاهہ واري وائي ڳائيندو هو ۽ ٻيا سڀ فقيرَ تنبوري جي تارن کي ڇيڙيندي آڱريون ڇلي وجهندا هئا، جن مان رت سيمو ڪري پئي وهندي هئي ۽ اهي بي سڌ پنهنجي ڌُن ۾ مگن هوندا هئا.

پٽ شاهہ شاعريءَ جو شهر آهي.
بقول علي بابا: شاهہ لطيف شاعريءَ جو الله آهي.
ڪڏهن ڪڏهن مون کي سنڌي ٻوليءَ جي اها چوٽي ڪوڙ لڳندي آهي ته هڪ ٻيلي ۾ ٻه شينهن نه ٿا رهي سگهن. جيڪڏهن ايئن هجي ها ته پٽ شاهہ جي ڪُتيل جهنگ ۾ ٻه شينهن نه رهن ها ۽ اهي شينهن اهڙا آهن، جيڪي هڪ ئي جهنگ ۾ رهن ٿا ۽ جڏهن گجن ٿا ته ٻنهين جي ٻولي (گجگوڙ) مختلف ۽ ڇٽي ٿي پري پري تائين ٻڌڻ ۾ اچي.
اهي ٻئي ٻبر شينهن شاعر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز آهن.
لطيف: جيڪو سنڌي ٻوليءَ، سنڌي شاعريءَ ۽ سڄيءَ سنڌ جو شناختي ڪارڊ آهي.
اياز: جيڪو جديد سنڌي شاعريءَ جو مُرڪندڙ، ٽهڪندڙ، ڇهڪندڙ مُک آهي.

جڏهن تنهنجي ننڍي ڀاءُ جي شادي تي ڳوٺ ڄام ڏاهري آيو هيس. اتان پوءِ ساجن راهوءَ سان سندس ڳوٺ ويو هئس. اتي رات موکيءَ جا جام مَٽ ذري گهٽ خالي ٿي ويا هئا ۽ اسُر اچي ٿيو ۽ سج ڪَر موڙڻ وارو هو ته ڪچهري کي اختتام ڄِي ڪنڌيءَ تي لڳائي مان حيدرآباد ڏي وڃڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ وينس ۽ اوجاڳيل اکين سان لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا ”وهي کاتي جا پنا“ ۾ گُم سم هئس ته ڪلينر آواز ڏنو پٽ شاهہ ..... پٽ شاهہ گاڏي بريڪ هنئي ته مان ٻه لهي پيس ۽ سڌو لطيف جي درگاهہ تي حاضري ڀري جيئن ئي ٻاهر نڪتس ته فقيرَ وائي ڳائي رهيا هئا. ”منهنجي آيل ماءُ“ ته منهنجي اکيان پنيور جو شهر اچي ويو ۽ سسئيءَ جا سڏڙا ۽ سُڏڪا سڄي سرشتيءَ ۾ پڙاڏا ٻڻجي ويا هئا.

يار، مون کي معاف ڪجانءِ مان ان منظر کي نہ ٿو ڇٽي سگهان!

توسان لطيف ۽ اياز جون ڳالهيون ان ڪري پيو ڪيان جو، تون لطيف ۽ اياز جو عاشق آهين ۽ عاشقن سان محبوبن جي ذڪر ڪرڻ وقت جيڪا سندن چهرن تي مُرڪ ۽ خوشي رقص ڪندي آهي، ان کي ڏسي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ هوبهو اهڙو ئي رقص سمبارا اسٽيپوپا تي سج لٿي وقت ضرور ڪندي هوندي ۽ تارن جو بہ پنهنجي طرف توجهہ ڇڪرائيندي هوندي.

مون کي خبر ناهي تہ توکي آثارِ قديمہ پاڻ ڪان بہ وڌيڪ ڇو پسند آهن.؟ مون هي نظم سنڌي ڪهاڻي جي ڪاڪ جي راڻي، سنڌو دياھ ۽ سائين جي ايم سيد جي عاشق ۽ قديم سنڌ جي ڳولائو علي بابا لاءِ لکيو هو ۽ جڏهن هي خط تو ڏانهن لکي رهيو آهيان تہ مون کي الائي ڇو ٿو لڳي تہ هي نظم مون لکيو ئي تو لاءِ آهي.

## ڪهاڻيڪار....

علي بابا!
تنهنجون آڱريُون
جيڪڏهن انجيل ڇُهن ها تہ
هن دؤر جو عيسي' پيدا ٿي پئي سگهيو

تنهنجو ذهن
سنڌ جي سرزمين جي
اوائلي ڪردارن جي ڳولا لاءِ
مُسلسل گردش ۾ رهيو

نيڻ تنهنجا
سدائين
سنڌو جي پُراڻي ڪپَ کي
سنڌو جي اوج ۽ موج کي

۽ ڏاهر جي آزاد سنڌ کي
هميشہ ڳوليندا رهيا

تنهنجي هر ڪهاڻيءَ جو ڪردار
رُوپو ۽ دودو آهي.

هنن لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ منهنجي دل جي در تي درد ڪوپو ڪوڙي ويهي رهيو آهي ۽ مان ڪيس پوري ڏيڍ مهيني کان هنيانوَ جي گوشت سان صبح، سانجهي مهماني جهلي رهيو آهيان ۽ اهو درد اسان جي ديس جي جهڙوڪ سڃاڻپ جي نشاني بڻجي ويو آهي. جيڪو هزارين سالن کان هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لڏو لاهي ويهي رهيو آهي. درد جهڙوڪ اسان جي گهر جو ڀاتي هجي.

جهانگير،

توکي حيرت ٿيندي اهو ٻڌندي تہ مون جڏهن کان لکڻ شروع ڪيو آهي. اڳ ڪڏهن بہ ايڏو گهڻو لکيو ۽ نہ ئي پڙهيو آهي، جيڏو لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران ڏيڍ مهيني ۾ لکيو ۽ پڙهيو آهي. اصل ۾ درد ۽ ڏات جون ڏاوڻيون مون هاڻي محسوس ڪيون آهن. قرنطينہ ۾ رهڻ دوران تہ آزاد هوا ڇا ٿيندي آهي.

قرنطينہ ۾ رهڻ سان مون تي ڪيترن ئي رازن، ڳالهين ۽ ڳُجهن جا پردا چاڪ ٿيا آهن. انهن تي مان جدا ۽ تفصيل سان لکندس. هنن ڏينهن ۾ پنهنجو پاڻ سان ملڻ جو جيڪو تجربو ٿيو آهي، اهو سير سفر مان حاصل ٿيڻ کان سئو سيڪڙو مختلف آهي. حقيقت اها آهي، تہ جيڪو مزو پنهنجو پاڻ سان ملڻ جو آهي، اهو مزو ذري گهٽ ماءُ سان ۽ محبوبا سان ملڻ جهڙو آهي. هن پئراگراف ۾ مون جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن، جهڙوڪ رازن، ڳالهين ۽ ڳجهن جون پنهنجو پاڻ سان ملڻ جون اهي سيئي ڳالهيون مون لاءِ هڪ وسيع ۽ منفرد ناول جو جهڙوڪ پلاٽ ڪٽي آيون آهن. جي

ناول نہ لکي سگهيس تہ ڪو طويل مقالو مان انهن سپني ڳالهين تي ضرور لکندس.

هينئر صبح جا اٺ ٿيا آهن ۽ مون کي هڪ ڪارخاني جي سيٺ کي ڪاتو فيئر ڪري ڏيڻو آهي ۽ بدلي ۾ اتو ونئي گهر واپس اچڻو آهي ۽ رف ڪم کي فيئر بہ ڪرڻو آهي ۽ اُرون ڌتي راءِ جو تازو ناول ”بي انت خوشيءَ جي مملڪيت “ کي بہ پڙهڻو آهي، جيڪو ممڪن آهي تہ اڄ رات پڙهي پورو ڪندس ۽ تنهن کان پوءِ گارشيا مارڪيز جو ناول ”وبا جي ڏينهن ۾ محبت“ پڙهندس.

ڳالهيون آهن ڳچ
موڪلاڻي ڪونهي
سهائي کي سڪ پريو سلام!

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢٦ اپريل ٢٠٢٠ع

آڪاش سائين،
اميد تہ خوش هوندا ۽
لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران
ذات جي ڏيهہ ۾ ڏيئا ٻاريندا هوندا!

علي سائين،
مون کي اها خبر ڪونهي تہ ڄام شورو کي پٿرن جو شهر ڇا جي ڪري سڏيندا آهن، پر مون کي اها خبر ضرور آهي تہ ڄام شورو پٿرن جو شهر سڏجڻ جي باوجود ان جو نانءُ اچارڻ سان ذهن ۾ اهڙي تہ عالم جي عڪس بندي ٿيڻ لڳندي آهي، جنهن ۾ علم جون ڪيئي نديون تارُون تار وهندي نظر اينديون آهن.

ڄام شورو هڪ استعارو ڇئجي.؟
ڄام شورو قومي تحريڪ جي ڪُڪ ڇئجي.؟
يا ڄام شورو درياهہ جِي اُها پُل ڇئجي، جتي ڪيئي جوڙا دنيا جهان کي وساري جِيءَ سان جِيءُ ملائيندا آهن ۽ واعدن کان وينِدي پيار جي پَرين پاسي وڃڻ چاهيندا آهن، جتي سُک جِي سيج وڇايل هوندي آهي ۽ گوڏي جا گاديلا وڇايل هوندا آهن ۽ انهن گوڏن تي ڪامٽين جون نونيون ۽ ڪنڌ رکيل هوندا آهن ۽ انهن جي ڪاڪُلن ۾ عاشقن جون آڱريون ڦرنديون ۽ گول ڇلا ٺاهينديون رهنديون آهن.؟

آڪاش سائين،
اوهان کي اهو ٻُڌي حيرت ٿيندي تہ مان ٿي پيرا سنڌ يونيورسٽيءَ جي چانئٺ چمندي بہ پڙهائيءَ جي پيچري تي پنهنجي وک وڌائي ناهيان سگهيو. ان جا ڪيترا ئي سبب ٿي سگهن ٿا پر بہ سبب نمايان آهن. هڪ سياسي ۽ ٻيو معاشي!

خير، اهو وري هڪ الڳ باب آهي، پر اها ڳالهہ ان ڪري بہ ڪئي جو مان سنڌ يونيورسٽيءَ طرف پڙهڻ لاءِ ڊگري وٺڻ ڪان وڌيڪ انهيءَ خيال سان وڪ وڌائي هئي تہ مان ان ”رهجي ويل منظر“ کي مڪمل ڪرڻ پيو چاهيان، جيڪو سنجها ۽ پُنهونءَ جي وچ ۾ هو ۽ ان منظر کي مڪمل چٽڻ پيو چاهيان، جنهن ۾ آزاد وطن جو تصور ڏيکاريل هو.

مون کي اهو احساس ضرور آهي تہ
چام شوري جو لفظ اُچارڻ سان
سنڌ جِي جوانيءَ جو ڏيان
ڇڪجڻ سان گڏ
ڇرڪ بہ نڪري ٿو وڃي
تہ پوڙهائپ جي اکين جون پنبڙيُون بہ
پُسي ٿيون پون.

مان چام شوري جو وڌيڪ ذڪر ڪري ڪنهن جِي ڏکندڙ رڳ تي هٿ نہ ٿو رکڻ چاهيان ۽ مان وڌيڪ اڳتي وڪ نہ ٿو کڻان ڇاڪاڻ تہ مون وٽ بدلي ۾ آٿت ڪونهي.

کهڙي آٿت توکي مان محبوب ڏيان،
منهنجو روح آ جيڪو مون ۾ روئي ٿو.

مون کي جيڪا اصل ڳالهہ اوهان سان ونڊڻي آهي، اُها ڳالهہ اِها آهي تہ هن هيڏي ساري ميهڙ شهر ۾ منهنجو سواءِ رحمت؛ جي هڪ بہ اهڙو دوست ڪونهي، جنهن سان روز شام جو گڏجي ڇهل قدمي ڪجي، چانهہ جي ڪوپ تي ادب، سياست ۽ هر انهيءَ ذري پُرزي تي بحث ڪجي، جيڪو بہ انساني زندگيءَ لاءِ اهم آهي.

اڄ اوهان سان اها بہ ڳالهہ اڳيان رکڻ ٿو چاهيان تہ مان شاعريءَ سان گڏوگڏ نثر ۽ اهو بہ تمام گهڻو ڇو لکيو آهي ۽ اڃا بہ لکان پيو.؟

ان جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو

جو مون ننڊ ۾ ۽ جاڳ ۾ ٻہ
لڳاتار لکڻ ۽ پڙهڻ کي
پاڻ کان بہ وڏيڪ وقت ڏنو آهي
اهو مان ڄاڻڻ ٿو چاهيان.؟
۽ مان
اهو بہ ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ
ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن جو
جنهن جي هٿ ۾ قلم ۽ ڪتاب آهي
جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ سُهاني سوچ رقص ڪري ٿي
ان جي حصي ۾ آخرڪار
ڏُک جو ڏيهہ ئي ڇو ٿو اچي.؟

جڏهن بہ شاعريءَ جي وارن کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جڏهن اها سنورجي ويندي آهي ۽ پوءِ ان کي پري کان بيهي ڏسندو آهيان تہ ان جي سينڌ سڌي نڪتل ناهي هوندي ۽ پوءِ مان نثر لکي ان کي سونهن / سينگار بخشيندي سينڌ سڌي ڪري ڇڏيندو آهيان.

ڪتابن جي ڪائنات مان جڏهن جڏهن بہ سير سفر ڪري موٽندو آهيان يا وري جڏهن جڏهن بہ زندگيءَ جون ۽ روح کي رهڙي ڇڏيندڙ روين جون ڇوليون لڳڻ شروع ٿينديون آهن ۽ ان کان پوءِ جيڪو اندر پرجي ايندو آهي تہ ان کي نثر جي ندي ۾ ڇوڙ ڪرائيندو آهيان. چاڪاڻ تہ هتي اهڙو ڪوبہ ڪونهي جنهن کي پنهنجو حال ۽ هنيانءُ هٿن تي ڪڍي ڏيکاري سگهجي.
مون محسوس ڪيو آهي تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سزا نظر انداز ڪرڻ آهي پر مان ان کان بہ اڳيان پهرين نمبر تي هن سزا کي رکندس تہ اوهان جو اندر پريل هجي ۽ اهڙو ڪوبہ اوهان کي نہ ملي جنهن سان اوهان پنهنجي اندر اور ڪري سگهو. پنهنجا سُور سلي سگهو.

مون وٽ هڪڙو اهڙو بہ الميو رهي پيو آهي، جو مون سان ڳوڙهن جي دوستي ناهي ٿي سگهي! مون گهڻو ئي هٿ وڌايو آهي، تہ ڳوڙهن

سان سنگت ٿي وڃي ته جيئن اندر جي غبار کي ڳوڙهن ۾ وهائي ڇڏجي ۽ اڪرن کان پاند ڇڏائي سگهجي. اهو ان ڪري پيو چوان جو اڪرن جي عظمت کي هميشه حُسناڪ ۽ اوچو رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ته
پنهنجي شعرن جون سٽون به
ڏنگي وڄهنديون آهن
جڏهن جڏهن به
انهن جي بر خلاف
ٿورو به ٿيو آهيان.

هتي ميهڙ ۾ پنهنجا هم خيال نوجوان ساٿي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان ۽ ان ۾ ڪجهه اڳڀرائي پڻ ٿي آهي، پر نظرياتي ۽ هم خيال دوست پيدا ڪرڻ ۾ ايترو وقت ضرور لڳي ٿو وڃي، جيترو اوڏڪي پٽ کٽڻ ۾ لڳي ويندو آهي ۽ ان کان به گهڻو ڪجهه وڌيڪ چئجي ته بهتر.

ڄام شورو کي ته پٿرن جو شهر سڏيو ٿو وڃي، پر ڪڏهن ڪڏهن ته مون کي ميهڙ پٿرن جو شهر لڳندو آهي، تڏهن، جڏهن دل جي دنيا جِي دري کولڻ تي ڪنهن اڳيان دل چاهيندي آهي، تڏهن، جڏهن ڪنهن سان ڪچهري ڪرڻ تي دل ڪندي آهي ۽ دل جي دنيا جِي دري مان جيڪو منظر ڏيکارڻو هوندو آهي، ان ۾ درد جو درياهه وهندي نظر ايندو آهي ۽ نيري نِڀ تي ننڍڙا ڏُک جا پکي اڏرندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ ڪچهري اهڙي ڪرڻ تي دل ڪندي آهي، جنهن ۾ ڪائنات جو هر اهو موضوع موڙ ٻڌي اچي اڳيان ويهي جنهن جو تعلق آرٽ سان آهي.

علي سائين،

مون اڳيان ڳالهين جو ڳوٽ اچي ويو آهي، جنهن جو سير اوهان کي خط جِي ٻِي قسط ۾ ضرور ڪرائيندس. هينئر به ڳالهيون ڪري خط کي ڪونر سان ڇنبڙائي اوهان ڏانهن موڪليان ٿو.

پهرين ڳالهه:

اوهان ڪي جيڪي سوالَ موڪليا هئا. انهن تي ڪم ڪيو پيا.؟ اها منهنجي خواهش آهي، ته اوهان انهن سوالن جا جواب تُرت لکي ڇڏيو ۽ فائنل تيار ڪري رکي ڇڏيو ته جيئن ئي لاڪ ڊائون ختم ٿئي ۽ معمول مطابق دنيا جو چرخو چُرڻ لڳي ته انهي تاريخي ڳالهه ٻولهه کي ڪتابي صورت ۾ آڻجي. مان سمجهان ٿو ته سنڌي ادب جِي تاريخ ۾ هيءَ ڳالهه ٻولهه طويل ٻه هوندي ۽ جديد سنڌي ادب جي اڏاوت ۾ پيڙهه جي پٿر رکڻ کان وٺندي عاليشان عمارت جي تيار ٿيڻ تائين ڪردار ادا ڪندي.

ٻِي ڳالهه:

ابابيل جي پنجين ڪڙيءَ تي ٻه آهستي آهستي ڪم ڪيان پيو. ان لاءِ اوهان کي مرزا غالب تي خاڪو لکڻ لاءِ عرض ڪيو هو. ان تي ڪم ڪيو آهي.؟ جي ها ته اي ميل ڪري ڇڏجو، جي نه ته ضرور ان تي ڪم ڪجو. مون کي انتظار رهندو.

خط لکي ضرور آگاهه ڪندا.

علي سائين
موڪلاڻي ڪونهي
سُجاتا لاءِ سلام
وديا ۽ ڪبير لاءِ قُرب ڀريو پاڪُر!

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
۲۸ اپريل ۲۰۲۰ع

حاجي!
سدا سُکيو رهين ۽
روحل واءُ مٿان ڪڙيل چنڊ ڪي
پُراڻي نِم جي وڻ وچان ڏسندو رهين
۽ سوچ جي اُونهي سمنڊ مان
غزلن ۽ نظمن جا موتي
ميڙيندو رهين.

اڄ لاڪ ڊائون کي ايڪٽيهون ڏينهن آهي ۽ مان مسلسل اڪرن جي عالم ۾ ايئن گهمي رهيو آهيان، جيئن ڌرتيءَ جو گولو گهمي رهيو آهي. لاڪ ڊائون جا ڏينهن جتي ڏُهاڳَ ٻڄي ڏيهه مٿان ڏائڻ جيان حملي آور ٿيا آهن تہ اتي هن ڪيترين ئي تبديلين جا طوفان آندا آهن. انهي دوران تخليقڪار اڪيلائي سان چوويهہ ڪلاڪ هم ڪلام آهي.

"اڪيلائي جيڪا تخليق جي ماءُ آهي."

انهي اڪيلائيءَ جو فائدو ڪٽندي مون ڪيترو ئي پڙهيو ۽ لکيو آهي. هن وبا جي اچڻ سان هر مذهبَ جو در بند ٿي ويو آهي ۽ جيڪڏهن در بند ناهي ٿيو تہ اهو سائنس جو آهي. اڄ سڄي دنيا جي هر فرد اهو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ ڪو بہ در اهڙو ناهي جيڪو هن وبا کان ڇوٽڪاري جي جهنڊي جهولائيندو سواءِ ليبارٽري جي ۽ سڄي دنيا جي هر فرد جون اکيون ليبارٽريءَ جي در تي وڇايون پيون آهن تہ اجهو ٿو ڪورونا وائرس جي اعلاج جِي دريافت جو جهنڊو سائنسدان هٿ ۾ کڻي نڪري.

حاجي،
توکي اڄ مان هڪڙي اهڙي ڳالهہ ٿو ٻڌايان جنهن جو پسمنظر تنهنجو گيت آهي.

”مان ڏسي رهيو هئس تہ سج پهاڙن پويان آهستي آهستي لهي رهيو هو ۽ آڪاس تي آهستي آهستي چنڊ چڙهي رهيو هو. ان سمي من جي مندر جي ڏاڪڻ جي پهرين ڏاڪي تي هڪ ڏکي قداور ڇوڪري هٿ تري تي ٻرندڙ ڏيئو کڻي اچي رهي آهي ۽ انهي منظر جي پسمنظر ۾ هڪ ڏکهو قديمي ٻِمر جو وڻ آهي، جنهن جي مٿان چنڊ چونڪي ڏئي رهيو آهي ۽ هڪڙو شاعر شاعري لکي رهيو آهي.“

انهي منظر کي جڏهن مون ڏٺو تہ مون کي تنهنجي خواهش جي پوري ٿيڻ جي خوشخبري ملي تہ تنهنجي من جي مندر ۾ ”هُوءَ“ ڏيئا ٻارڻ آئي آهي، جنهن خواهش کي تو ”پُوڄارڻ“ گيت جو گهاڙيٽو ڏنو هو.

حاجي،

تو ڏانهن خط لکندي جڏهن مان هي سٽون لکي رهيو آهيان تہ پني تي سُرخ سڏ ڏيندڙ شاعر نماڻو سنڌي سهڻي سنڌي ويس ۾ ايري اچي اڳيان آيو آهي ۽ توکي سلام ڏئي رهيو آهي.

هڪ شاعر ٻي شاعر تي هڪ يار ٻي يار تي ايئن ئي لکي ٿو سگهي جيئن تو نماڻي سنڌي جي ورسيءَ تي لکيو هو.

ٿُون ان ديس جي اپ تي
اندلٺ ٿي اپريو آهين
جتان جا ماڻهو انڌا آهن

حاجي،

اهو پيار ئي آهي، جيڪو پنهنجي هئڻ جو احساس ٿو پيدا ڪري. اهو پيار ئي آهي جيڪو پيءُ، ماءُ جي عظمت جا اُوچا مينار ٿو ڏيکاري ۽ اهو پيار ئي آهي، جنهن ميهڙ ۽ مُهراڻي جي ماڻهوءَ کي ايترو ويجهو ڪري ڇڏيو آهي، جيترو هڪ ڇهري تي ٻن اکين جو هئڻ ۽ انهن اکين جي وچ ۾ ٻن انچن جو فاصلو بہ مشڪل سان هوندو آهي.

”مون توسان اهڙي محبت ڪئي آهي

جهڙي محبت غلام قومن جا باغي
پنهنجي ڌرتي سان ڪندا آهن.”

مون ڪي روحل واءُ انهي ڪري به وڻندو آهي، جو اتي اڄ به سيد جو اصحابي ماما جمن دربدر جي صورت ۾ ساهه کڻي رهيو آهي، جنهن وطن جي آزاديءَ ۽ آسودگيءَ جا اکين ۾ خواب کڻي سنڌ جي ڪُوڻن ۾ اهي ڇٽيا آهن.

مون ڪي روحل واءُ انهي ڪري به وڻندو آهي، جو اتي اڄ به باغي ۽ ان جي شاعري ساهه کڻي رهي آهي، جنهن شاعري قومي ڪارڪنن ۽ شاگردن جي دلين جي ديس تائين هڪ ڪريون وڪون ڪنيون آهن.

مون ڪي روحل واءُ انهيءَ ڪري به وڻندو آهي، جو اتي اڄ به قداوار شخص حاجي رهندو آهي، جنهن جو سنڌي شاعريءَ ۾ قد ڪاٺ ايئن پري کان نظر ٿو اچي، جيئن ميهڙ مان بيني سانجهيءَ ٽاڻي ڪارو جبل ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

مون ڪي روحل واءُ انهيءَ ڪري به وڻندو آهي، جو هن ڳوٺ جي ٽنهين شاعرن جي شاعري مون ڪي ڪالر کان ڇڪي جهلي بيهندي آهي ۽ پاڻ طرف توجهه ڇڪرائي ڇڪرائي ڇڏيندي آهي.

مون سان هڪڙي عجيب ٽريجڊي جڙي وئي آهي ته جنهن ڪي ٿورو به پنهنجو سمجهندو آهيان، ان سان اندر اوري ڇڏيندو آهيان، باقي لوڪ ڪي طاقت ئي ڪونهي ته منهنجي درد جي دنيا دريافت ڪري سگهي.

هر انسان
پنهنجي حصي جي تڪليف
پاڻ ئي پيدا ڪندو آهي.

جيئن راهه ويندي، ڪنهن بزرگ کان اڳ ڪونهي ڪيبو،اهڙيءَ ئي طرح ان تحرير کان اڳ ڪيڻ / اڳتي لکڻ ڪي مان گستاخي ٿو سمجهان.جنهن تحريرَ ۾ وطن وڏ ڦُڙي جيئن وسندو آهي. جنهن تحريرَ ۾ عورت جي عظمت اکيون کولي ڇڏيندي آهي.جنهن تحريرَ ۾شاعري جي ديوي رقص ڪندي آهي ۽ سڄي سرشتيءَ ڪي ڪيف جي ڪائنات ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي.

حاجي،
ڪڏهن ڪڏهن ”هُن“ جي جدائي ايتري تڪليف ڏيندي آهي ۽ ان وقت لطيف جي هن بيت :مون ڪي چاڙهي چينءَ.... جو مفهوم سمجهه ۾ اچي ويندو آهي.

مون ڪي ان وقت ڏندين آڱريون اچي وينديون آهن، جو اسان وٽ هاٿي هڪ بئي لاءِ آٿت بہ ناهي رهي. انهيءَ ڪان وڏيڪ ٻي بہ ڪا حيرت ٿي سگهي ٿي!؟

مون جڏهن اياز صاحب ڪي پڙهيو ۽ ان پنهنجي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ تر جي پسمنظر ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ پنهنجي نثر ۾ تہ سڄي تر ڪي ڪٽي رکي ڇڏيو اٿائين. هتي مان سندس ڪنهن بہ نظم ۽ نثر جو حوالو ڏئي خط ڪي طوالت ڪان بچائيندي، اصل ڳالهہ ڏانهن اچان ٿو ۽ اُها ڳالهہ اِها آهي تہ اياز صاحب ڪي جڏهن پڙهندي جيڪو تر جو خاڪو منهنجي ذهن ۾ جُڙيو هو ۽ تر تہ اڄي بہ الائي ڪيترا ئي ڀيرا ويو هئس پر جڏهن مون ويجهر ۾ وَس ڪان پوءِ جيڪو تر ڏٺو آهي تہ مون تي حيرتن جا جهان کلي پيا آهن جو ستن ئي جنتن ڪي تر جي ساين پٽن جي ير ۾ ڪنڌ جهڪايل ڏٺو آهي.

حاجي،
مان هڪ ڀيرو ٻيهر تر توسان گڏجي گهمڻ ٿو چاهيان ۽ اهو بہ ڏڪار جي موسم ۾ ۽ ڪاري ڪاڙهي ۾ تر ڪي گهمڻ ۽ ڏسڻ ٿو چاهيان. انهي ڏڪار جي موسم ۾ ۽ ڪاري ڪاڙهي ۾ جيڪڏهن تون مون سان هم سفر ٿيڻ لاءِ تيار نہ هوندين تہ مان اڪيلو ئي نڪري پوندس ۽ جيڪڏهن انهي سير سفر ۾ مان ڪنهن پٽ جي ير ۾ يا ڏهر ۾ يا ڪنهن سُڪل نوٽ ڳُوهہ ڪان ۽ ترائيءَ جي تري ۾ اُڃ وگهي مري بہ ويس تہ اهو مون ڪي پورو پورو يقين آهي تہ جڏهن جڏهن بہ پوءِ تر ۾ مينهن وسندا ۽ گاهہ ڦُٽندا تہ مينهن جي ڦُڙي ڦُڙيءَ ۾ گاهہ جي گونچ گونچ ۾ منهنجو وجود ڪَر موڙي اُٿندو ۽ تر تي ”تڏو چنڊ“ ڪڙي پوندو.

ڳالهين مان ڳالهيون
ايئن نڪري رهيون آهن
جيئن وَس ڪان پوءِ
جبلن جو سخت سينو چيري نئيون
نڪري ايندڙيون آهن.

حاجي،
جيئن ئي وبا جي وئڪسين تيار ٿيندي ۽ تنهن ڪان پوءِ جيڪا هر مُک تي مُرڪ جِي مُڪڙِي ٽڙندي ۽ ان مُرڪ مان جيڪو سُرخ گُلاب ڦُٽندو ته ان گُلاب جو پهريون پهريون تحفو ڪومل ۽ امرتا کي ڏيڻ حيدرآباد ويندس ۽ تنهن ڪان پوءِ تو ڏانهن ايندي ميرپُور ۾ "ڪنهن" جي چپن تي چُميءَ جو چنڊ چٽي تو وٽ ايندس ۽ روحل واءُ جي نِم هيٺان ويهي چنڊ، تون ۽ مان ذات جي ڏيهه جي دري ڪوليندا سين ۽ ڪانڀ ٻڌي ڪچهري ڪندا سين.

چڱو موڪلاڻي ڪونهي.
مير حسن، اشرف، سائينداد کي سلام چئجانءِ ۽ غالب کي منهنجي طرفان هڪڙو ڀاڪر ضرور پائجانءِ.

تنهنجي سنگ جو ساٿي
احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٣٠ اپريل ٢٠٢٠ع

امڙ،
شال سرهو هوندين
خيرپُور جي
ڪجين جيان اُوچي ڳَر سان
ٻينو هوندين
ڏات جي ڏيهہ ڏانهن
ويندڙ واٽ کي نهاريندي
نظم جا نندڙا پکي
پني تي لاهيندو هوندين!

امڙ،
هن خط وسيلي مان توتي ڪيترن ئي خيالن جي خزانن جا در کوليندس ۽ خاص ڪري هن خط ۾ خيرپُور ۽ خيرپُور جون ڪجيون، ٻالي ۽ مير علي نواز ناز ٽالپر جي سارَ جِي عاليشان عمارت جوڙي راس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ توسان پيار ونڊيندس.

توکي حيرت ٿيندي اهو ٻڌائيندي تہ منهنجن ستن پيڙهين ۽ منهنجي جاڻ ۾ امان جو نالو "اقبال" جي نالي سان هيو ۽ جڏهن منهنجي جنم ڏينهن تي هن سال ٥ فيبروري ٢٠٢٠ع تي سائين علي دوست عاجز فيس بُڪ تي پوسٽ رکي هئي. مان چاهيان ٿو تہ پهريان اها پوسٽ توکي پڙهايان:

"هن جي جمڻ کان پوءِ، پٽس رڳو ايترو وقت هيو، جيستائين هن اکيون مس کوليون، تنهن ڪري پٽس هن کي تہ ڏٺو، پر هي پيءُ کي پوري طرح ڏسي ڪونہ سگهيو، جنهن کي ڊائلاسز پِي وئي!

ماڻس مريم ڪونہ هئي، جنهن عيسيٰ کي جنم ڏنو هو، پر هن لاءِ ربُ هئي، جنهن ماءُ کي ڇهہ نياڻيون ۽ هڪ صغير پُٽ هجي، تنهن کي ربُ ٿيڻو ئي پوندو آهي!

ارباب کي ڏسي، قرآن جي ان آيت جو مفهوم ڪنهن قدر سمجهہ ۾ اچيو وڃي، تہ: ”اسان انسان کي ڏک ۾ پوڻ لا خلقيو آهي!“ جنهن جي هڪ ننڍڙي نياڻي جي وفات جو سبب بہ ڇڙو ننڍڙڪائي ئي هئي!

هي شعر و ادب جي دنيا ۾ ايئن داخل ٿيو، جيئن هرڻي جو ٻچو شينهن جي شڪار گاهہ ۾ وڃي نڪرندو آهي. مون هن کي هيسائي، دل شڪستو ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. رڳو هڪ ڏينهن ايترو سو، چيو مانس: ”شينهن تہ رڳو ٻُک ۾ شڪار ڪندا آهن، پر هن پاسي هاتار ٿئي، ايڏانهن پُلجي بہ نہ وڃجانءِ!“

زندگي چاهي، اهو هن کي ٻيو ڪير ڇا ڏسيندو، اها تہ هن کي پاڻ روز اکيون پٽي ڏيکاريندي آهي!

تن ڏينهين هي اڃا مکي پاڪ ۾ ئي هئا، مون خط يا ڪيسٽ ۾ ماڻس کان احوال وٺندي، هن سُوڏو ٻين ٻارن جو پُڇيو هو. تڏهن هن ڏُک ڪندي، امان کي چيو هو: ”ادي کي تہ منهنجي هڪڙي پُٽ جو نالو بہ صحي ياد ناهي!“ اڄ الاءِ ڪيترن سالن کان پوءِ، جڏهن هن جي پُٽ جو ادبي حوالي سان ٻيو جنم بہ ٿي چُڪو آهي، تڏهن آنءُ ساڻس مخاطب ٿيندي، سندس پُٽ جو صحي نالو ڪڻندي، چوان ٿو تہ:

”ارباب!

توکي احمد شاڪر جي جنم ڏينهن جون واڌايون هجن!“

اِن ڳالهہ ڪرڻ جو خبر اٿئي تہ سبب ڇا آهي.؟ سبب اِهو آهي، جو مون کي ان ڏينهن اها خبر پئي تہ امان جو نالو ”ارباب“ آهي ۽ ان کان اڳ اسان جي ڄاڻ ۾ امان جو نالو ”اقبال“ هيو. مون جيئن ئي تو ڏانهن خط لکڻ شروع ڪيو ۽ جيئن ئي تنهنجو نالو اقبال لکيو تہ امان جو خُوبصُورت چهرو اکين جي تلاءُ ۾ ترڻ لڳو.

امر،

توکي هڪ ٻي بہ ڳالهہ ٿو ٻڌائيندو هلان تہ هي جيڪي مان لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران خطَ لکي رهيو آهيان. انهن جي لکڻ جي پويان

تنهنجو ئي هٿ آهي ۽ مان تنهنجو شڪر گذار آهيان، جو تون مون وٽ هڪ ننڍڙو سوال ڪٽي آئين ۽ مان ان ڪي هڪ نه پر ڪيترا ئي خطَ لکي جواب ڏئي رهيو آهيان ۽ اهي خطَ جڏهن جڏهن به پڙهيا ويندا ته انهن مان خيرپُور ميرس جي مِني امر اقبال جِي شڪر گذاريءَ سان شروعات ٿيندي.

خيرپُور جيڪو ڪيترن ئي حوالن سان هر هينئين ۾ هُري رهيو آهي. هيءُ اهو شهر آهي، جنهن ۾ اڄ به فيض محل اُوچائيءَ سان اُڀ ڏانهن اکيون ڪري بيٺو آهي، جهڙوڪ چنڊ کي چُمي ڏئي رهيو آهي.

خيرپُور جيڪو ڪجين جي ڊگهن ۽ مضبوط سپاهين جي ڪَڙي ۾ محفوظ آهي ۽ انهن سپاهين جي هٿن ۾ ڦرها آهن، جيڪي مون کي ڪڏهن ته شهيد راجا ڏاهر ۽ شهيد هوشو شيديءَ جي تلوار جيان لڳندا آهن.

خيرپُور جيڪو
باليءَ جي ٻانهن ۾ موتيي جو ڪگڻ آهي.
خيرپُور جيڪو
مير علي نواز ناز جي پڳ ۾ لڳل ڪوهِ نُور جو تجلا ڇڏيندڙ موتي آهي.
خيرپُور جيڪو
آڪاس تي اپريل انڊلٺ آهي، جنهن ڏانهن هر اک ڪڇي ٿي وڃي.
خيرپُور جيڪو
سنڌي ڪلاسيڪل صنف ڪافي آهي، جنهن کي سينگار علي سليم ڳائي رهيو آهي.

تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان
آسان به آ دشوار به آ
تنهنجي واعدي تي اعتبار ڪهڙو
اقرار به آ انڪار به آ

امر،

هي سٿون لکندي لکندي منهنجي اڳيان هڪڙو اهڙو محل اچي ويو آهي، جنهن ۾ درٻاري فيصلن جي پاران مشاعرو ٿي رهيو آهي ۽ جنهن ۾ سوين شاعرَ شاعري پڙهي رهيا آهن. ڪنهن مهل شمعِ محفل ڪنهن ڏانهن ته ڪنهن مهل ڪنهن ڏانهن ڦري رهي آهي ۽ جڏهن شمعِ محفل مشاعري جي صدارت ڪندڙ وٽ پهچي ٿي ته ان جي جهيڻي نارنگي روشنيءَ ۾ مير علي نواز ناز جو چهرو چٽو ٿو نظر اچي ۽ هو ترنم ۾ ڪافي پڙهي رهيو آهي.

مون کي منهنجي وطن جون ڪجون، تُلسي داس جِي ڪويتا ڪان مختلف لڳنديون آهن. اُهي مون کي ڏوڏي ۽ ڪتل جي صورت ۾ منو ميوو به ڏينديون آهن ته ڇانوَ به ڏينديون آهن.

تلسی ایسی پریت نہ کریو جیسی لمبی کھجور،
دھوپ لگے تو چھاؤں نہیں بوکھ لگے تو پھل دور.

هڪڙي بالي هئي.
هڪڙو مير علي نواز ناز هيو.
هڪڙو عشق هيو / آهي.

هڪڙو خيرپُور آهي، جنهن ۾ اڄ به باليءَ جو عاشق ۽ شاعر.... آغا شاعر قزلباش دهلويءَ جو شاگرد مير علي نواز ناز پنهنجي جڳ مشهور ڪافي سوز و سُرور سان ترنم ۾ ڇئي رهيو آهي ۽ رات جامد ٿي وئي آهي. وڻن جا پنَ ڇڻي رهيا آهن ۽ تڪليف جو اوتر گهلي رهيو آهي. ان ڪافي جو آواز آهستي آهستي چٽو ٿو ٻڌڻ ۾ اچي ۽ هنيانءُ هڪ دم هٿن ۾ ٿو اچي وڃي.

عشق هاڻي ڪجي ڪنهن سان جان جو جانان نه رهيو،
بزم خلوت نه رهي عيش جو سامان نه رهيو.

مون کي اها خبر ڪونهي ته تو هيءَ سٽ ”ڇا رکيو آهي، امر اقبال ۾“ ڇو، ڇا لاءِ، ڪيئن ۽ ڪهڙي منظر / پسمنظر ۾ لکي آهي، بهتر تون ئي ڄاڻي ۽ سمجهي سگهين ٿو.

مان توکي ٻڌايان تہ ڇا رکيو آهي، امر اقبال ۾.؟

امر اقبال ۾ شاعري آهي، شاعري بہ اهڙي، جنهن ۾ غزلَ گفتگو ڪري رهيا آهن ۽ نظمَ نيري رنگ مائل آسمان جي نديءَ ۾ تري رهيا آهن.

ڪيڏا ڪشاده رستا آهن ۽ انهن جي ٻنهين ڪنڌين ڪان ڪجين جا باغ آهن، جيڪي ڪجيون پورهيتن جي پگهر تي وڌيون ٿيون آهن، الائي جي تہ جَر تي. اها مون کي خبر ڪونهي، پر مون کي اها خبر ضرور آهي تہ انهن ڪجين ۾ جڏهن ميوو پچي راس ٿيندو آهي تہ پهريان انهن پورهيتن جي هٿن مان پاس ٿي ايندو آهي، پوءِ هر هٽ ۽ وات تائين پهچندو آهي.

پورهيت
جيڪو مِٽيءَ جو مشتاق آهي
مِٽي
جيڪا پهريان ماءُ آهي
مِٽي
جيڪا پوءِ محبوب آهي
مِٽي
جيڪا وري ماءُ آهي
۽ پورهيت
جيڪو ان جو مشتاق آهي.
امر،
هن وقت مان تو ڏانهن خط لکي رهيو آهيان
امان پنجون روزو خارڪُونءَ سان کولي رهي آهي
نيرو آڪاس پُراسرار ٿي رهيو آهي
چنڊ ڇٺو ٿو وجي ٿيندو ۽
تارا ڪُڙڪٻيتن جيان ٽمڪي رهيا آهن.

مون کي اها خبر ڪونهي تہ هنن وبا جي ڏينهن دوران تنهنجو وقت ڪيئن پيو گذري؟

ڇا لکين ۽ پڙهين پيو؟

خط جي جواب ۾ ضرور ٻڌائجان.
ڇڱو موڪلاڻي ڪونهي.

منهنجا جاني

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢ مئي ٢٠٢٠ع

سنڌوءَ
اميد تہ خوش هوندين
پيائو رحمت ۽ سونوءَ سان
لاڪ ڊائون جا ڏينهن
ڪِلَ، يوڳَ ۾ تبديل ڪندي هوندينءَ
شاعريءَ جي شجر هينان ويهي
شاعري لکندي هوندينءَ
۽ پيائو رحمت کي ٻڌائيندي هوندينءَ.

جڏهن کان لاڪ ڊائون شروع ٿيو آهي، تڏهن کان يادن جي دري کُلي آهي ۽ جڏهن ان دريءَ مان ڏسجي ٿو تہ هڪ قديم پپرَ جو وڻ ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جنهن جي هڪ هڪ پنَ تي هڪ هڪ ڏينهن جي ياد تحرير ٿيل آهي ۽ جڏهن مان پپر جو ڇڻيل پن کڻان ٿو تہ ان تي هڪڙو نثري نظم لکيل آهي:

### مون سمنڊ ناهي ڏٺو

هوءَ هر پيري
اهو ئي سوال
ڪندي آهي تہ
تنهنجي شاعريءَ ۾
ساموندي هوائن جو هُٻڪاءُ
ڇو ناهي هوندو؟
۽ آئون هر پيري
هن کي
سوال جو جواب ڏيڻ بجاءِ

نئين شاعري ٻڌائيندو آهيان
۽ هوءَ
شاعريءَ جي شهر جي
شهزادي بڻجي ويندي آهي
۽ آئون شهزادو.

ٻيو پن ڪٽي پڙهڻ لڳان ٿو، جنهن ۾ لکيل آهي ته:
”هي اهو شهر آهي، جنهن جي شاعريءَ جو استعارو چئي سگهجي ٿو. هي اهو شهر آهي، جنهن کي سنڌ جو شناختي ڪارڊ چئي سگهجي ٿو. ڪراچي! جيڪو ڪنهن به حوالي سان جيڪڏهن ڏسجي ٿو ته ان حوالي سان هزارين حُسناڪيءَ ڀريا حوالا ملي وڃن ٿا. هي اهو شهر آهي، جيڪو ڪنهن ڪنواري ڪامڻيءَ جِي ڪَرائِيءَ ۾ موتئي جي ٻانهونتي جهڙو آهي.“
مٿيون پن پڙهڻ ڪان پوءِ مون ڪيترائي پنَ ميڙي ان ڊائريءَ ۾ ڪٽي رکيا، جنهن ۾ نڪور نظمَ ۽ غزلَ هڪ ٻئي سان گفتگو ڪري رهيا هئا ۽ مان پنڌ پنڌ سڌو سنڌي وڏي سمنڊ ڏانهن وڃان ٿو، جتي ڪيترا ئي ڪُٽنبَ ۽ ڇوڪريون ڇوڪرا سامونڊي ڇولين کي ڇُهي رهيا آهن ۽ واريءَ تي هلندي هلندي سامونڊي هوائن سان راند ڪيڏي رهيا آهن. هوا سندن وارن کي اڏاري رهي آهي ۽ هُو وار سنواري رهيا آهن ۽ انهيءَ دلچسپ منظرن مان جيڪو وڏيڪ وڻندڙ منظر منهنجي اک جي ماٽڪيءَ ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو. اُهو اِهو هو ته جيئن جيئن شام جي ڇوڪري پنهنجي ڇهري تي سيفون جو رئو تاڻيندي پئي وئي ۽ سج آهستي آهستي سمنڊ ۾ لهندو پئي ويو ته مٿان چنڊ تارن جي ڏاکڻ رکي آڪاس تي ترندو پئي ويو. ان وقت سمنڊ جي مستي ڏسڻ وٽان هئي.

سنڌو!
مان سمنڊ تان واپس پنڌ پنڌ اڻ ڄاتل منزل ڏانهن هلڻ لڳو هئس ۽ هلندي هلندي اڌ رات اچي ٿِي هئي. پکي آکيرن ۾، ماڻهو گهرن ۾ آرامي وڃي ٿيا هئا پر، ڪراچي جو شهر جاڳي رهيو هو. مان هڪ چوراهي تي

لڳل وڏي بلب جي روشني هينان وچي وينس ۽ ڊائريءَ مان پيپر جو پن ڪڍي پڙهڻ لڳس، جنهن تي لکيل هو:

”هن شهر جي آواز کي شهرِ خموشان ۾ تبديل ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وئي ۽ هر نئين ايندڙ حڪومت هن شهر کي آهستي آهستي ڪٽيندي، اڻ ڄاتل هنڌ ڏانهن قيد ڪري رهي آهي. ڪڏهن روزگار ته ڪڏهن امن ته ڪڏهن انسان.... اهڙيءَ طرح هيءُ شهر سهٽيءَ جيان مَڇَن جي گهيري ۾ آهي پر هر دؤر ۾ هن شهرَ کي مورڙي ميربحر جي صورت ۾ مَڇَن جي وات مان ڪڍي اچي ڪنڌيءَ لاتو آهي.“

سنڌو!

ڪڏهن ڪڏهن ڪراچيءَ کي تصور ۾ آڻن سان ڪيترائي خوبصورت خيالَ ڪَر موڙي اُٿندا آهن ۽ جڏهن اٿي بيهندا آهن ته اهي ايڏا اوچا لڳندا آهن، جهڙوڪ ڪڪرن کي ڇهندا هجن ۽ هڪ ڏينهن اهي خيال منهنجي هٿ ۾ ننڍڙو بُرش ڏئي ويا ۽ مون هٿ تري کي رنگن جي وٽي بڻائي اندلٺ جا رنگ چورائي ڪراچي جي نانءِ نظم لکيو هو، جنهن جون آخري سٽون هيءُ آهن:

اهو شهر
چترڪار جي چترن تي
چنڊ جئن چمڪي ٿو
۽ ڪنوار جي هٿن تي
مينديءَ جئن مهڪي ٿو
ساري سنڌ کي پاڻ ڏي سوري
ياڪر پري
پيشاني تي
چُميءَ جو چنڊ سجائي ٿو.

رات جو پويون پهر ريل جيان ڪُوڪندي اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ مان ڊائريءَ مان پيپر جو پن ڪڍي پڙهي رهيو آهيان، جنهن ۾ ڪراچيءَ

جِي پُراڻين عمارتن جو ذڪر ٿيل آهي ۽ انهن عمارتن جي جارن ۾ ڏيئو ٻري رهيو آهي.

”هن شهر جي پُراڻين عمارتن ۾ لڳل ڪاٺ جا درَ ۽ دريُون اڄ ٻه انهن هٿن جي ڇهاءُ کي ساريندي ڪڙڪندا ۽ روئندا آهن، جن درن ۽ ڪڙن کي ڇُهيو هو ۽ انهن عمارتن جِي بالڪونين ۾ هاڻي پپر جا وڻ بيٺل نظر ٿا اچن، جن بالڪونين ۾ ڪڏهن ڪنهن شاعريءَ جهڙي ڇوڪري ڪنهن جو بيٺي انتظار ڪيو هوندو يا شام جي وقت ڪرسي رکي چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ جهلي ڍُڪ ڍُڪ پيئندي ناول پڙهندي هوندي، جنهن ناول جي پهرين باب ۾ ئي مرڪزي ڪردار کي انگاس تي ان ڪري ٽنگيل ڏيکاريل هوندو آهي، جو هُن پيار سان گڏ انقلاب جو ڳاڙهو جهنڊو ٻه هٿ ۾ جو ڪنيون هو.“

سنڌو،

هن وقت جڏهن سڄي دنيا اندر ڪورونا وائرس جي ڪري لاڪ ڊائون دوران ڪراچيءَ جا روڊ رستا، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون جتي خاموشيءَ جي ور چڙهيل آهن، اتي اهي سُپر مارڪيٽون ٻه موت جهڙي ماٺ جي پاسي ۾ بيٺل آهن، جتي ماڻهن جِي اچ وڃ سان رونق لڳي پئي هوندي هئي.

رات رڙهڻ لڳي هئي، تارا آهستي آهستي گم ٿيڻ لڳا هئا ۽ پکين جو آواز ٻڌائي رهيو هو ته سج وِهِنجي سِهِنجي تيار ٿي اجهو ٿو نڪري.... مان هڪڙي سُپر مارڪيٽ جي دڪي تي اخبار وڇائي سٽل آهيان ۽ ڊائري منهنجي مٿي هيٺان رکي آهي. ڪُتن جي يونڪڻ تي ننڊ جو ننڍڙو پکي پڙڪو ڪائي اڏري وڃي ٿو ۽ مان ڳورين اکين سان چوطرف ڏسان ٿو ڪوئي ٻه اهڙو ڪونهي، جنهن کي ڏسي آٿت جو احساس ٿئي. مان ڊائري ڪڍي ان مان پپر جو آخري پن ڪڍي پڙهان ٿو، جنهن ۾ نظم جا حصا ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل آهن، جن جون ڪجهه سٽون ڊهي ويون آهن ۽ جيڪي ظاهر ٿي رهيون آهن، انهن تي ڪراچيءَ جي نانءَ بابت اهو لکيل آهي ته:

”اهو شهر

جنهن جي روشن هر رات

جنهن جو هر ڏينهن
ٻرندڙ مشالا

***

اهو شهر
جنهن ڪي، جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ
جيءُ جهان جيڏو گهرجي
جنهن جي گهر گهٽيءَ ڪي
شاهراهن ۽ چوراهن ڪي
هٿ ترِيءَ تي رکي ڏسجي
چين حاصل ڪجي ۽
اکين کي جوت ڏئي سگهجي

***

اهو شهر
منهنجي ۽ تنهنجي
اسان سڀ جي
ٻُک مٿائي ٿو
صبح کان سانجهي تائين
ماني پچائي ٿو
۽ پالڻهار جا فرض نڀائي ٿو"

آخري پنو پڙهڻ کان پوءِ مون ڊائري جي پوئين اڇي پني تي هيءُ سٽون لکيون:

"اي ڪراچي! ڪير ڪيتري ٻه ڪَنَ لاٿارَ ڪري پر تون اها ماءُ آهين، جنهن هميشه پراوا پيٽ ڄايا پنهنجي هنج ورتا آهن ۽ انهن کي سنڌوءَ جي پاڪ جَل جِي ٿڃ پياري آهي ۽ انهن کي اٿڻ، ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ کان ويندي جيئڻ جو هُنر سيکاريو آهي. جڏهن جڏهن ٻه تنهنجي ڇاتي تي ڪو بم ڦاٽو آهي يا ڪا گوليءَ جِي گونجار ۾ ڪا کُک رت روئي دم ڏنو آهي ته ان جي پٺيان اهي ئي پراوا پيٽ ڄايا اڻ سُڌريل اولاد ئي رهي آهي، جيڪي هميشه خاڪي ورديءَ جِي ڇانوَ ۾ ماڻهو مارڻ جي سکيا ورتل هوندا آهن."

مون مٽيون سٽون لکڻ کان پوءِ خالي پيٽ سان اُڃيو ۽ بُکيو اٿيس مون کي جنهن پاسي کان ٿڌي هوا پئي آئي ان طرف رخ رکيو.

هڪڙو سمنڊ منهنجي سيني ۾ آهي. جيڪو سڄڻن جِي سِڪ ۾ هر وقت موج ۾ رهندو آهي. هڪڙو سمنڊ منهنجي ذهن ۾ آهي. جيڪو تخليق جو موتي ڪنهن وقت منهنجي قلم جِي قط تي رکي ويندو آهي. هڪڙو سمنڊ هن شهر ۾ ماڻهن جو ۽ ٻيو اهڙو سمنڊ آهي، جنهن جي دم سان ڪراچي .... ڪراچي آهي.

سنڌو،

تو ڏانهن خط لکندي لکندي خط تي ڪراچي شهر حاوي ٿي ويو آهي. ڪراچي شهر ته ماڻهن جِي دلين تي به حاوي ٿي ٿو وڃي هي ته وري به خط آهي. تمام گهڻيون ڳالهيون تو سان ونڊڻيون هيون. تنهنجي شاعريءَ بابت.... پيائو رحمت جِي شاعريءَ بابت ۽ مِنِي رحمت سومرو بابت به گهڻو ڪجھ لکڻو هو. هُن جي ڪراچيءَ واري ان ننڍڙي ڪمري بابت به ته ساڻس انهن تاريخي جڳهين بابت به ڳالهائڻو هيو. جيڪي پاڻ گڏجي گهميون هيون ۽ مون کي ڪراچيءَ بابت اها به ڳالھ تو سان ونڊڻي هئي ته انهيءَ شهر ۾ هڪڙي اهڙي به منهنجي ياد آهي، جيڪا هن خط لکڻ دوران دريافت ٿي آهي ۽ مون اها ياد نوٽ ڪري ڇڏي آهي ۽ ايندڙ خط ۾ اظهاريندس.... ڇاڪاڻ ته هي خط طوالت اختيار ڪري ويو آهي!

چڱو موڪلاڻي ڪونهي.

ڪراچيءَ جِي ڪَرائيءَ ۾ ڪنگڻ جيان هوندينءَ
شاعريءَ جي پکي کي اک جو پاڻي پيئاريندر رهندينءَ
هميشه پيائو رحمت ۽ سونُوءَ سان سلامت هوندينءَ!

نيڪ تمنائن سان

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٠٤ مئي ٢٠٢٠ع

مقبول،
اميد ته خوش هوندين
ڳوناٺن جي ڇهرن جيئن ٻهڪندو هوندين
اوطاق تي سنگت سان ڪچهري ڪندي
مَڏُ ۾ پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيندو هوندين
شاعريءَ جي شهر ۾ ڪالر چندي
تندي باڳي جي گهٽين ۾ گهمندو هوندين
۽ شام جو لاڙ ۾ لهندڙ سج جِي
ڏرتيءَ کي آخري الوداعي چُمي
باڳي واهه ڪان بيهي ڏسندو هوندين!

مقبول،
ڪڏهن ڪڏهن لفظ رُسي رڻ جا سراهي تي ويندا آهن ۽ ليکڪ / شاعر کي رولي ڇڏيندا آهن. پنجن ڏينهن کان سنيري رهيو آهيان ته تو ڏانهن خط لکان ۽ جيئن ئي پين پنو هٿ ۾ کڻان ٿو ته ڪاڳر جي صحرا تي قلم مون کي ان مسافر جيان لڳي رهيو آهي، جيڪو اُڃ وگهي رُڃ ۾ هلي رهيو آهي، جنهن جو موت خُشڪيءَ جي نظر تي وڃي ٿو. بلڪل ساڳي ئي طرح منهنجي حالت آهي ۽ مان سوچ جي صحرا مان پاس تي سمنڊ جي سِپ ٻڌجي وڃان ٿو ته ڪنهن وقت بادل ٻڌجي بدين جي پٽن تي وسان ٿو ته ڪنهن وقت لاڙ ۾ ساموندي هوائون ٻڌجي گهلان ٿو.

توکي ٻڌايان ته لاڙ تي سوچيندي منهنجي دل ۽ دماغ ۾ جيڪو خاڪو چٽجي ويندو آهي، اهو ايڏو ته حسين ۽ جميل هوندو آهي، جنهن کي ڪڏهن وان گاگ ۽ نه ئي ڪڏهن ڪنهن مصور ڪئنواس تي چٽيو هوندو. لاڙ مون کي دودي سومري جي پٽڪي جو اهو ور لڳندو آهي، جنهن کي ورائي کُلهي تي رکبو آهي، لاڙ ايئن ئي سنڌ جي ڪلهي تي اجرڪ جيان

آهي، جنهن جي هر ڦُلڙيءَ ۾ اتان جو هڪ هڪ ڳوٺ ڳيچ ڳائيندو رهي ٿو ۽ منظر / پسمنظر جا پردا چاڪ ڪندو فطرت جي ويجهو ٿو وني وڃي. لاڙ ڪنهن لاليءَ جي لبن تي اها لالي آهي، جنهن کي لڳائڻ سان عورت جي حُسن ۾ بہ رتيون اضافو ٿي ويندو آهي ۽ لاڙ اهڙي ڪڇهري آهي، جنهن ۾ هر هڪ ڪانءِ ٻڌي وينل آهي، جنهن ۾ سگهڙن جا پٽڪا پري کان ڦُٽين جي ڦُلڙين جيئن لڳي رهيا آهن ۽ جڏهن ڪن تي هٿ رکي ڏور پڙهڻ ٿا تہ ماڻهو مرون، پکي پکڻ ۽ فطرت جا بہ ڪن ڪڙا ٿي وڃن ٿا.

هڪ وک اڳتي وڌندي:

لاڙ ان لوڪ گيت جيان آهي، جنهن ۾ هڪ حسين ڇوڪري روز ٽڙ تي اچي اکين جا ڏيئا ٻاري اوسيئڙي جِي اُس ۾ ان وڻجاري لاءِ سڙي رهي آهي، جنهن جي من ۾ سک جو سمنڊ ڇوليون ڪونہ ٿو هڻي، جنهن جي من ۾ محبت جي مڇي ڪونہ ٿي ڦٿڪي ۽ هُو واپار جي ملڪ ۾ مجنون ٿي زر جي زنجير ڳچيءَ ۾ وجهي ڏيسارو ۾ گم ٿي ويو آهي! ڏيهہ کي وساري وينو آهي! ان گيت ۾ ڇوڪريءَ جي زباني اهو بہ ٻڌايل آهي تہ جڏهن اُتر لڳندو آهي ۽ سيارو سيءَ سان گڏ سڪ جون سرحدون کولي ڇڏيندو آهي، جنهن جي هر رات سيڪارن جِي سوڙ ويڙهي گذاربي آهي.

مقبول،

پنهنجو لاڙ جو سفر بہ ڪورونا وائرس ۽ لاڪ ڊائون جي نظر ٿي ويو آهي. پاڻ کي گڏجي ٻڙ جي ڊوري هلڻو هو، جتي ڏاڏي گنگا جتڻ جي مزار تي ويهي ڦُلن جي بدران لطيف جا بيت پڙهڻا هئا. لاڙ جي سير سفر دوران لطيف جا پيرا ڪڻندا ناتي فقير جي اوطاق تائين بہ هلڻو هو. ڪانئس لطيف جي شاعري جو شاندار شهر گڏ جي گهمڻو هو.... ڪانئس ان عشق ۽ ڇوڪريءَ جا تفصيل معلوم ڪري ان کي ڪنهن شاهڪار ناول ۾ تبديل ڪرڻو هو.... جيڪو عشق هن لطيف سان ڪيو هو ۽ ان ڇوڪريءَ جي جاڙن پروئن جي ڪمان ۾ پنهنجي دل، دماغ ۽ ٻئي اکيون رکي آيو هو. پاڻ کي لاڙ جي سامونڊي پٽي بہ گڏجي گهمڻي هئي، جتان هوائون جهڻي شاعريءَ ۾ ڇڏيون هيون. پاڻ کي سير سفر دوران ديويءَ جِي ڇانوَ ۾

ويهي ٽڪ ٻہ پيچٽو هو تہ سچ لٿي ڪان پوءِ گلاسن ۾ ساهہ ٻہ پرٽو هو تہ شاعريءَ جو ڳوٺ ٻہ ٻڌٽو هو.

توکي اڄ دل جِي ڳالهہ ٻڌايان تہ مون کي لطيف لاڙ جي ماڻهن جي زباني گهڻو آسان لڳندو آهي ۽ لاڙ شايد پاڻ کي ان ڪري ٻہ وڌيڪ پيارو آهي جو لطيف سائين ايڏانهن گهڻا ڦيرا پاتا آهن. مقبول، مون کي لاڙ جي انهن جتن سان ملڻ جي ۽ ڏسڻ جي سيني ۾ سمنڊ جيڏي سڪ آهي، جيڪي ٻارن کي سُتيءَ ۾ لطيف جِي شاعري پيارينداآهن ۽ انهن جتن جي جهوپڙي ۾ ويهي ساڻن ڪچهري ڪري ماضيءَ جا پرت کولڻا آهن، جنهن سان سندن لطيفي رشتو ڳنڍيل آهي ۽ مون کي خانہ بدوش ٻڌجي لاڙ جِي مڪمل سرحدي لڪير کي ٻہ اڪ مان ڪڍڻو آهي.

مقبول،

توسان مون کي اڪيچار ڳالهيون ٻيون ٻہ ڪرڻيون آهن. تون ڄاڻين ٿو تہ پنهنجي دوستيءَ جي رشتي جِي رسيءَ جو هڪڙو ڇيڙو تنهنجي امان ۽ ٻيو ڇيڙو منهنجي امان جي هٿ ۾ آهي ۽ مون کي پڪ آهي تہ جنهن دوستيءَ جو محور ماءُ جو پيار هجي ۽ ماءُ جو ذڪر هجي تہ اها دوستي دنيا جي لازوال ۽ منفرد دوستي هوندي ۽ مون کي فخر آهي تہ تون منهنجو اهڙو دوست آهين، جنهن سان مان امان جُون ڳالهيون ۽ پيارَ ايئن ونڊيندو آهيان، جيئن ايٿنس جي گهٽين ۾ سقراط سچ جو ٻج ڇٽيندو هيو، جيئن مولانا ابو الڪلام آزاد تقرير ۽ تحرير ۾ لفظن جا سرا کولي ڇڏيندو هو ۽ انهن جِي رفتار آسمان تان ڪرندڙ ستارن کان ٻہ تيز هوندي هئي.

توکي هڪڙي ڳالهہ ٻڌايان تہ مون کي تون ڇا جي ڪري پيارو آهين.؟ اهو ان ڪري جو تنهنجي ڇيچ ۾ امان جو هٿ ڪونهي ۽ مان هر ان شخص سان محبت ڪندو آهيان، جيڪو ماءُ جِي محبت کان محروم هوندو آهي.

مقبول!

ڪجهہ مهينا پهرين منهنجو ڪتاب شايع ٿيو هو. امان ڪتاب ڏٺو ۽ پُڇائين تہ

ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

مون چيو

"هڪ نظر هيڏانهن بهِ"
چيائين
منهنجون تہ ٻئي نظرون تو ڏانهن ئي آهن.

توسان آخري ڳالهہ ڪري پوءِ مان آرام ڪرڻ ٿو چاهيان چاڪاڻ تہ چئن ڏينهن کان مون ذري گهٽ نہ صحيح ننڊ ڪئي آهي ۽ نہ ئي وري چڱي طرح ماني کاڌي آهي، جي ننڊ نہ آئي تہ وري ڪتاب پڙهندس يا وري لکڻ ويهندس ۽ جي اهي ٻئي ڪم نہ ٿيا تہ گهران نڪري ٻنين تي ويندم جتي تازي ڪٽڪ لهڻ دوران ٽريشر لڳڻ ڪري جيڪا ٻُهہ جِي ڦڪاڻ جِي چادر وڇايل آهي ۽ جڏهن ان تي مٽي جِي تيز اُس پئي ٿي تہ ٻُهہ بہ سون جيان جرڪي ۽ مرڪي ٿو.

توسان موڪلائڻ جي جيئن ئي تياري ڪيان پيو تہ لاڙ لفظن ۾ رل مل ٿي ويو آهي ۽ اکين اڳيان سينگارجي سنوارجي اچي ٻيهي ٿو ۽ مان ساڻس ڪچهري ڪري رهيو آهيان. هو هڪڙيءَ مُرڪ ۾ ئي مڪمل طرح سان پاڻ طرف ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي ۽ مان ڪيس ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ڏسي ۽ ٻُڌي رهيو آهيان. هُن جي گفتگو شعرن جي شڪل اختيار ڪندي پئي وڃي ۽ اهي شعر بہ اهڙا جهڙا، مينهن وساڻا.

مقبول،
توکي خبر آهي تہ مون کي لاڙ جي شاعرن جِي شاعري ڇو وڻندي آهي.؟ اُها ان ڪري ئي وڻندي آهي ۽ پڙهندي يا ٻُڌندي ياد ٿي ويندي آهي، جو ان شاعريءَ ۾ عورت ڳالهائيندي آهي ۽ جڏهن ڪا عورت ڳالهائيندي آهي، اها بہ لاڙ جِي شاعريءَ ۾ تہ تون ڇا ٿو سمجهين تہ رڳو انسان جا ڪن ان طرف ڪڙا ٿي ويندا آهن، بلڪل بہ نہ..... نہ رڳو انسان جا ڪن، دل ۽ دماغ پر فطرت جو ذرو ذرو ۽ وڻ ٽڻ پکي پکڻ بہ پنهنجي توجهہ ان طرف ڪري ڇڏيندا آهن. لاڙ جي شاعرن جِي شاعريءَ ۾ عورت ايئن خوبصورت لڳندي آهي، جيئن گهر ۾ ماءُ خوبصورت لڳندي آهي ۽ جڏهن لاڙ جِي شاعري عورت جي زبان ۽ ماءُ جي لولي پاڻ ۾ گڏجي ونديون آهن تہ ان مان لوڪ گيت جنم وٺندا آهن.

مان هڪڙو اهڙو ناول لکڻ ٿو چاهيان جنهن ۾ جدائيءَ جِي پنجين موسم ڏيکاريل هجي ۽ ڇهين موسم ۾ جڏهن ”هُن“ کي ”هُو“ وصل جي هر پلَ کي ”هُن“ اڳيان ”هُو“ لاڙي لهجي ۾ بيان ڪري ۽ جڏهن آخر ۾ ڳوڙهڻ جُون ڳنڍيون کولي”هُن“ اڳيان ”هُو“ روئي ويهي ته ”هُن“ کي ”هِن“ جِي محبت جو وسيع ميدان نظر اچي ۽ ان ميدان ۾ هڪڙو گهاٽو وڻ هُوءَ هجي، جنهن کي هُن جدائيءَ جي وقت اکين جو جَر ڏئي وڏو ڪيو هجي ۽ جڏهن هُوءَ.... هُن کي پاڪر پيري پرچي پئي ته ان پنيان سلهه جو سبب مان لاڙي لهجي کي قرار ڏيندس، جنهن سان هُن ڪيس ليلايو هو ۽ پرچايو هو.

ڳالهين مان ڳالهيون، رستن مان رستا نڪرندا ٿا وڃن. ڪيئي قصا ۽ ڪهاڻيون قلم سان پاڪر پائڻ ڪان رهجي ويون آهن. ٻيو خط لکي توکي رهيل ڳالهيون ضرور لکندس ۽ اهي ڳالهيون ڪجهه وڌيڪ ئي آهن، چاڪاڻ ته ان ۾ تون آهين. تنهنجي شاعري آهي. خط پڙهي، جواب ضرور لکجان. انتظار رهندو.

مقبول،

تنهنجي اک جي نديءَ ۾ اچا پکي تري رهيا آهن

۽ اهي ئي منهنجا پيار سمجهه

جيڪي مون تو طرف اڏاري موڪليا آهن

چڱو موڪلاڻي ڪونهي

منور، اقبال، گلزار ۽ سڄي سنگت کي سلام چئجن.

مان تنهنجو پنهنجو

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٧ مئي ٢٠٢٠ع

شميم،
اُميد ته چاق چڱي ڀلي هوندينءَ
لاڪ ڊائون جا ڏينهن
لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ گذاريندي هوندينءَ

شميم،
هينئر رات جا هڪ لڳي چار منٽ ٿيا آهن ۽ مان تو ڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان ۽ ها جيئن ئي مون خط لکڻ لاءِ پين ۽ پنو هٿ ۾ کنيو ئي مس ته ايتري ۾ "هُن" جا پُورا پنج ميسيج هڪ ٻئي پٺيان ڪونجن جِي قطارن جيان موبائل جي اسڪرين تي اڏندا آيا. اهي ميسيج ڇا آهن. اجهو هي آهن.

- الوداع
- ڪڏهن ڀلجي به ميسيج نه ڪجانءِ
- مان نمبر ڊليٽ ٿي ڪيان
- تو منهنجي روئڻ ڪي، منهنجي اُداسيءَ کي اداڪاري ڪيئن چيو.؟
- الوداع

انهن ميسيجن کان پوءِ "هُن" منهنجو نمبر پنهنجي فون مان ڊليٽ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري واٽس اپ پروفائل تان "هُن" جِي تصوير هٽجي وئي آهي پر "هُن" جِي تصوير منهنجي اکين جي تلاءُ ۾ اجا تائين تري رهي آهي ۽ "هُن" جون يادون منهنجي ذهن ۾ ڪچهريون لايون وينيون آهن ۽ "هُن" جا ٽهڪ دل جي دنيا آباد ڪيون وينا آهن ۽ "هُن" جون ڳالهيون منهنجي رڳن ۾ رت سان گڏ گردش ۾ آهن ۽ "هُن" جو وجود منهنجي جسم سان ايئن ملي ويو آهي، جو ان کي هاڻي جدا ڪري ئي نه ٿو سگهجي.

هاڻي
نہ هُوءَ هُوءَ رهي آهي ۽
نہ مان مان رهيو آهيان.

مون کي ان تي سوچيندي حيرت ٿيندي آهي ۽ ڏندين آڱريون اچي وينديون آهن تہ آخرڪار پيار ئي انسان جي جان جو دشمن ڇو بڻجي ويندو آهي.؟

پيار رڳو اهو تہ ناهي جيڪو ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪ ”جسم جي سوم ناٿ جو فاتح بڻجڻ“ يا وري ”اِزدواجي زندگي“ جي قلعي ۾ قابو ڪري رکڻ!

هتي مان پيار هر ان احساس کي ڳڻايان ٿو جيڪو پيءُ ماءُ، ڀيڻ ڀاءُ يا قوم سان ۽ دوستن سان بہ هجي ٿو. خبر ناهي تہ ان جي پنيان ڪهڙا سبب آهن جو جتي جتي بہ مون ڪنهن جِي راهہ ۾ اکيون وڇايون آهن، اُتي اُتي بي رحميءَ سان انهن کي ڪانگن جو ڪاڄ بڻايو ويو آهي ۽ جڏهن جڏهن بہ پنهنجي وات جو گهر جنهن جنهن کي بہ آڇيو آهي، تڏهن تڏهن مون تي بُک جي پوت کي بڇيو ويو آهي.

پاتم سوچ نرالي شاڪر،
آنءُ ڏوهاري هيڏي جڳ ۾.

شميم،
هيءُ خط لکندي لکندي مان اُن ”شاعريءَ جهڙي ڇوڪريءَ“ بابت سوچي رهيو آهيان، جنهن کي سوچيندي سوچيندي منهنجي اکين اڳيان شاعريءَ جو سمنڊ ڇوليون هڻندو رهندو آهي ۽ مان ان مان نظمن جون ننڍڙيون ننڍڙيون نديون ڪوٺيندو رهندو آهيان ۽ ”هُوءَ“ هر هڪ نديءَ ۾ جل پريءَ جيئن ترندي رهندي آهي، ”هُن“ جو صاف شفاف جسم پاڻيءَ جي سطح تي تحرڪ مان بہ تجلا ڏئي آتش فشان جيان اپامي نڪري ايندو آهي.

منهنجي هر تحريرَ ۾ ۽ شاعريءَ ۾ ”هوءَ“ ايئن موجود آهي، جيئن ڇُرندڙ پُرندڙ جسم ۾ آڪسيجن موجود هوندي آهي. مان توکي، اهو به ٻڌائيندو هلان ته مون جڏهن به ڪجهه لکيو آهي. نثر يا نظم ته ”هُن“ جو آواز ٻڌي لکيو آهي ۽ ”هُن“ جِي تصوير ڏسي لکيو آهي ۽ جڏهن لکي بس ڪندو آهيان ته پهريان پهريان هن کي ميسيج ڪري ٻڌائيندو آهيان ته مون هينئر هينئر هيءُ لکيو آهي ۽ مان هاڻي ڪنهن کي ٻڌائيندس ته مان اڄ هيءُ خط لکيو آهي.؟

هوءَ ئي هئي
جيڪا منهنجي
هر نڪور سٽ جي
پهرين پڙهندڙ، ٻڌندڙ
۽ پاس ڪندڙ هئي.

شميم،
مون کي تو سان ميرپُور جي باغن بابت به گهڻو ڪجهه ڳالهائڻو هيو ۽ انهن باغن ۾ طوطن جا انب ٽڪيندي اسڪيچ به ونڻا هئا ۽ انهن باغن ۾ انبن جي وڻن جي ٽُڙن تي گڏجي اهي نالا به ڳولڻا هئا. جيڪي ڪڏهن ڪن پريمين پنهنجي يادگار طور سبت ڪيا هيا ۽ پنهنجي پيار جي پار پڄڻ جا خواب اکين ۾ ٽاڪيا هئا.
کهڙي نه حسين ياد اڳيان اچي بيٺي آهي.
مون ڪيس اُن ڏينهن هڪ باغ ۾ نڪتل تصويرون واٽس اپ ڪيون هيون. ”هُن“ چيو ته مان به باغ گهمڻ تي چاهيان. مون ڪيس چيو ته توکي ميرپُور جا باغ شميم، سان گڏجي گهمائيندس.

هڪ وک اڳتي وڌندي:
مون کي ڪجهه سالَ پهرين مجنُون جهڙا اهي سيئي عاشقَ جيڪي جُدائي جي رڻ جا راهي ٻڻجي چريائپ جي ور چڙهي ويا. مون جن جي چريائپ تي هميشه شڪ ئي ڪيو هو. اڄ انهن تي پڪ جي مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ هي خط لکندي ”هُن“ جي جدائي بابت سوچيندي منهنجو ذهن پوري

طرح سُن ٿيندو ٿو وجي ۽ جسم مان سَتُ ڇڏائيندو ٿو وجي ۽ مان پاڻ کي درد جي ان ڪيفيت مان ڪڍڻ جي جستجو ۾ جُٽو پيو آهيان.

شميم،

هي سڀ ڳالهيون توسان ان ڪري به ڪري رهيو آهيان جو مون کي اها پلي پت ڄاڻ آهي ته هڪ عورت ئي آهي، جيڪا درد کي سمجهي سگهي ٿي ۽ اها ڄاڻ مون امان جي زندگيءَ مان چورائي آهي. هُوءَ جڏهن جڏهن به درد جي درياهه ۾ سهڻيءَ جيان الله توهار ڪري لهندي آهي ۽ سُور جون سيئي سرحدون ڪنڊي دار تارن جي هئڻ باوجود به پار ڪري ڏک جي ڏيهه تان ٿي ورندي آهي پر پوءِ به ٻڙڪ ٻاهر ناهي ڪڍندي ۽ عورت هميشه ٻين جا درد ٻڌي به مسڪرائيندي آهي ۽ ان مسڪرائڻ جي پويان جيڪو ڏک جو ڏيهه هوندو آهي، جنهن جي ڪا به سرحد ناهي هوندي. ان جي باوجود به هُوءَ لوڪ کي لڪا ناهي ڏيندي. انهي ڪري مون ڄاڻي واڻي هي خط تو ڏانهن لکيو آهي.

دل جو دفتر
دنيا کان ايڏو وڏو آهي
جنهن ۾ درد جون سيئي سلطنتون
هٿ جِي تري تي رکي
تنهنجي اک جي آڏو آنديون آهي.

جيئن جيئن رات جي راڻي جهولندي جهومندي اسُر طرف وڌي رهي آهي، تيئن تيئن منهنجين اکين ۾ رت لهي رهيو آهي ۽ منهنجون آڱريون اگر بتين جيان ٻري رهيون آهن ۽ لفظن جي خوشبوءِ ڇڏي رهيون آهن، جن لفظن سان مان هيءُ خط لکي رهيو آهيان ۽ خط ۾ "هُن" جون يادون وچ وراڪا ٻڌجي، مون کي ٻوڙي رهيون آهن.

شميم،

هِن خط جو ڪئنواس بلڪل به ننڍڙو آهي، "هُن" تي لکڻ لاءِ ستن آسمانن جيڏو پورٽريٽ گهرجي، جنهن تي "هُن" جي اکين کان ويندي چپن تائين، وارن کان ويندي چيلهه تائين، ڳُلهن کان ويندي ڳُوڇين ۽ گوڏن تائين "هُن" جي جسم جي هر هڪ حصي تي هڪ الڳ ۽ طويل نظم

لڪجي. ”هُن“ جي مُرڪ تي ڪائناتن جو مُندجَڻُ ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ”هُن“ جي اُمَالڪُ ٿهڪن جي پڙاڏن بابت اهڙو ناول لڪجي، جنهن ۾ هن جي هر انهيءَ ادا جو ذڪر ڪجي، جيڪا مون ”هُن“ جي تصويري البمن ۾ ڏٺي آهي. جيڪي منهنجي اکين جي ماٽڪين ۾ محفوظ آهن ۽ جڏهن جڏهن به مان اکيون کولي بند ڪندو آهيان ته اهي ڪنهن فلم جي سين جيان اڳيان ايڪٽ ڪنديون رهنديون آهن. جن کي ڏسي مون کي هي پنهنجو شعر هانءُ تي هري ايندو آهي. جيڪو مون ان جي لاءِ ئي لکيو آهي.

تنهنجو هر انداز پيارو آ،
ڪا وٽي توکي ادا منهنجي؟

منهنجي اکين ۾ ڪڏهن به ڪنهن ڳوڙها ڪونه ڏٺا هوندا پر هيءُ خط لکندي منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن ۽ مان ٽيپو ٽيپو تي ڳري رهيو آهيان، مون لاءِ ته ڪو ڪورونا وائرس ۽ هن لاڪ ڊائون جي گهڙين ۾ ”هُن“ جون يادون ۽ ڳالهيون جن کي مان هٿ قلم بند ڪري رهيو آهيان. تڪليف جو طوفان ڪٽي آيون آهن.

ڇا ”هُوءَ“ ايئن ئي اڏ واٽ تان هٿ ڇڏائي هلي ويندي ۽ پوئتي مڙي به نه ڏسندي.؟ ان تي سوچيندي ۽ هيءُ سٽون لکندي منهنجيون اکيون اٿلي پيون آهن ۽ هٿن ۾ ٿڙڪٽي تي پئي آهي.

شمير،

تون هن کي منهنجي شاعريءَ ۾ آسانيءَ سان ڳولي سگهين ٿي ۽ مهرباني ڪري تون هن کي ضرور ڳولي لهندينءَ ۽ جڏهن تون ان کي ڳولي لهين ته پوءِ منهنجو هي نياپو ضرور پهچائجانس ته توکي شاعر، شاڪر اڄ به شاعريءَ جي تخت تي شهزاديءَ جيان ويهاريون وينو آهي ۽ تنهنجي هر حڪم جي بجا آوري هو پنهنجو فرض سمجهي ٿو.

شمير،
هُن جي ڳالهين جا ڳوٺ
شرارتن جا شهر به گهمڻ وٺان آهن
هوءَ جيڪا هڪ ادا سان
هينئين ۾ حُسناڪيءَ جون حدبنديون ٽوڙي

هڪ الڳ ڪائنات جوڙڻ جو فن ڄاڻي ٿي
مون کي حيرت ٿي رهي آهي تہ
هُن وٽ مون لاءِ گهڻو ڪجهہ هوندي بہ
ڪڏهن ڪجهہ ڪو نہ آڇيو آهي
۽ مان
ڪيس گهڻو ڪجهہ ڏيندي بہ
ٿورو ئي ڀانيو آهي

هينئر رات جو پويون پهر آهي ۽ مان خط لکي پورو ڪرڻ تي آهيان. مون کي اهو خوف اندر ئي اندر ۾ ڪائي رهيو آهي تہ جيڪڏهن مون ننڊ لاءِ اکيون ٻوٽيون تہ اکين جي آرسيءَ مان "هُن" جِي تصوير غائب ٿي ويندي ۽ مان اهو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي تہ اڄ رات مان ننڊ نہ ڪندس ۽ هڪ ٽڪ اُبي ڏانهن ڏسندو ئي رهندس تصور جي تارازيءَ ۾ "هُن" جِي هر ياد کي توريندو رهندس.

"هُوءَ" جيڪا منهنجي جاڳ جو سبب بڻي آهي، اها ئي منهنجي دل جي سمنڊ جِي جَل پَري آهي.
"هُوءَ" جيڪا منهنجي سوچ تي حاوي آهي، اها ئي منهنجي هر خيال جو محور آهي.
"هُوءَ" جيڪا منهنجي شاعري آهي، شاعري بہ اهڙي جنهن ۾ "ميران" ڳائيندي آهي، جنهن ۾ شيما ڪرماڻي رقص ڪندي آهي، جنهن ۾ چمين جون جهرڪيون اڏامنديون رهنديون آهن ۽ سندس ٿڙڪندڙ بدن جي گرم حرارت آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهبي آهي.

شميم،
مان "هُن شاعريءَ جهڙي ڇوڪريءَ" بابت تو ڏانهن هڪ ٻيو بہ طويل اهڙو ئي خط ترت لکندس جنهن ۾ "هُوءَ" توکي ڳائيندي نظر ايندي ۽ جيڪو گيت "هوءَ" ڳائي رهي هوندي. ان ۾ جماليات جا جوهر جرڪندي ۽ تارا ٽمڪندي نظر ايندا.

هوءَ سُر سان

جيڪڏهن شعر جي هڪڙي بہ
مِصرَعَ چوندي آهي تہ
سُڪون جون سيئي سرحدون
کُلي ويندیون آهن.

هن سُورَ جِي سنهڙي تار تان پار پُڄي ڪري مون ڪي ”هُن“ بابت لکيل نظمن ڪي بہ مڪمل ڪرڻو آهي ۽ امان لاءِ روزي رکڻ جو بندوبست بہ ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي وجود جي ٽٽل ٽڪرڻ ڪي بہ ميڙڻو آهي.
چڱو موڪلاڻي ڪونهي.

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
١٠ مئي ٢٠٢٠ع

ساگر،
سونهن ۽ ڪوتا نگر جا راڻا
اميد ته تنهنجي ڇهري تي
مُرڪ جو محل
جرڪي رهيو هوندو
۽ خوشيءَ جو گرهه
تنهنجي چوڦير ڦيرا پائي رهيو هوندو.

ساگر،
مون توکي ٻڌايو هو ته تو ڏانهن خط لکي ڇڏيو آهي، فيئر ڪري ٽُرت موڪلي ڇڏيندم خط موڪلڻ ۾ دير جو سبب خبر اٿئي، ته ڪهڙو آهي.؟ جي تو ۾ ٻُڌڻ جِي سگهه آهي ته مان توکي ٻڌايان.؟ جي توکي به نه ٻڌايان ته پوءِ ڀلا ڪنهن کي ٻڌائيندس؟ اوه.....يار! ڏس مون کان ئي سوال ٽا لکجندا وڃن، مان خط ۾ اهي سڀ تصويرون تو اڳيان ڳوڙهن سان ڌوئي اکين جِي رول مان ڪڍي رکڻ ٿو چاهيان، جيڪي مون ڪورونا وائرس کان پوءِ لاڪ ڊائون دوران هتان (ميهڙ) جون ڇڪيون آهن.
شايد اڄ لاڪ ڊائون کي پنجيتاليهون ڏينهن آهي ۽ مان ميهڙ شهر ۾ ئي آهيان. گهر ۾ ئي ڏينهن رات گهاري رهيو آهيان ۽ لکندي، پڙهندي پاڻ کي جيئاري رهيو آهيان. لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران شاعري ۽ خطَ لکندي لکندي مون سان لفظن خوب نڀايو آهي ۽ مون به انهن کي اکين جي ماڻڪين ۾ موتيءَ جيان پوئي ڇڏيو آهي.

ساگر،
اڄ ڇنڇر جو ڏينهن آهي. سج لٿي جي ازان اچي رهي آهي ۽ امان روزو کولي رهي آهي. مان ماني جا ٻه گرهه کائي گهر کان نڪري گهٽي

ڪان ٿيندو سڌو روڊ تي چڙهان ٿو ۽ آهستي آهستي شهر طرف وڃان ٿو. مون کي ائين لڳي رهيو آهي ته مان ڪنهن اُجڙيل ديار مان گذري رهيو آهيان نه ڪو ماڻهو آهي ۽ نه ئي وري ڪا چُرپُر مان وک کڻندو انهن دڪانن تي نظرون اڇلي رهيو آهيان جن تي رش لڳي پئي هوندي هئي ۽ ماڻهو ڪاڏي پيتي جون شيون خريد ڪندا هئا. مان جڏهن گهنٽا گهر تي پهچان ٿو ته مون کي ائين لڳي رهيو آهي ته مان بلئڪ هول ۾ پهتو آهيان نه ڪنهن ٿنڀي تي بلب ٻري رهيو آهي ۽ نه ئي وري ڪو دڪان کليل آهي ۽ نه ئي وري ڪو ماڻهو آهي.

هيءُ اهو ئي گهنٽا گهر چونڪ آهي، جنهن جي بلڪل سامهون شهيد سميع الله ڪلهوڙي جو گهر آهي. هي اهو ئي گهنٽا گهر چونڪ آهي، جتي جواهر لعل نهرو ڪان ويندي سائين جي ايم سيد عوامي جلسن کي خطاب ڪيو هو نه چاڻ ته ڪيترن ئي ٻين سياستدانن هن گهنٽا گهر چونڪ تي سياسي ڪارڪنن جي سينن ۾ جوش ۽ جذبي جو سمنڊ ڇلڪائي ڇڏيو آهي. هتي ئي ٻه بازارون آهن، هڪڙي اناج بازار ۽ ٻي سبزي بازار جيڪي ڪنهن وقت ڪاٺ جي خوبصورت ڍڪن سان سينگاريل ۽ اُس کان محفوظ ۽ ٿڌيري نِم جِي ڇانوَ ڏيندڙ هيون ۽ هاڻي انهيءَ جي اجڙڻ تي اناج بازار ۾ ڪرياني جي دڪان تي دوست اي ڊي پٽو هر ايندڙ ويندڙ گِراهڪُ سان بازار جي خوبصورتي کي بيان ڪندي اُداس ٿي وڃي ٿو. اڄ گهنٽا گهر چونڪ تي لاڪ ڊائون جي ڪري ڪاريءَ وارا ڪڪ آهن ۽ مون کي اڄ منهنجو هي گهنٽا گهر چونڪ شامِ غريبان جي پينٽنگ جهڙوڪ لڳي رهيو آهي.

ساگر،

گهنٽا گهر چونڪ تي ٻه هوٽل آهن. هڪ سنڌو ۽ ٻيو العباس نالي انهن هوٽلن مان پهريان سنڌو پوءِ العباس هوٽل تي هتان جا سياسي، سماجي ۽ ادبي دوستَ چانهه جي ڪوپ تي ڪچهريون ڪندا هئا، سياسي بحث مباحثا ۽ ادبي پروگرام ۽ مشاعرا ٿيندا هئا. هوٽل جي ننڍڙي حال ۾ مون نشتر ناٿن شاهي جي صدارت ۾ پهريون پيرو مشاعرو پڙهيو هو ۽ هن ئي هوٽل تي سنڌ جي ڪيترن ئي قومي اڳواڻن، اديبن ۽ شاعرن کي پهريون پيرو ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. هيءُ اهو ئي هوٽل آهي، جنهن جي

ڪرسين تي ويهي چانهه جي اڌ ڪوپ تي ڪيترين ئي ياد گار ڪچهريون ۽ مشاعرن جون محفلون دوستن سان ڪيون آهن. اڄ اهو هوٽل لاڪ ڊائون دوران مون کي ويرانيءَ جو ڏيک ڏئي رهيو آهي، جتي موت جهڙي ماٺ رهي پئي آهي.

مان پريل اکين سان ڳورا قدم کڻندو واپس وران ٿو.

شهر جي اهڙي حالت ڏسي مون تي غم جي ڪاري چادر ويڙهجي وڃي ٿي ۽ منهنجي چپن جون تاڪيون ٽوڙي ڪري شهرِ آشوب جُون سٿون پڙاڏا بڻجي سڄي سرشتيءَ ۾ پکڙجي وڃن ٿيون.

ڪنهن ڪنوار جي جسم تي جيڪڏهن ڳاڙهي شراري جي جڳهه تي ڪارو وڳو پهرائجي ته ڪيڏو نه ڪرب پريو منظر هوندو جنهن کي مُرڪ جي موت جِي تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي ۽ مون کي اڄ ميهڙ شهر مُرڪ جو موت لڳي رهيو آهي.

ساگر،

شهر کان گهر موٽڻ لاءِ مون ڪڪول واهه جو رستو ورتو آهي. هي اهو ڪڪول واهه آهي، جيڪو شايد انگريزن جي دؤر کان وٺ شهر مان وهي رهيو آهي، مون هينئر تائين ڪڪول واهه کي ڪڏهن به چوٽ وهندي ڪونهي ڏٺو! سنڌو درياهه ۾ ئي پاڻي ڪونهي ته ڪڪول واهه ۾ ڪٿان ايندو..!؟ هي ڪڪول واهه شهر جي وچان نڪتل سڌي سينڌ جيان آهي ۽ اها وچين سينڌ جيڪا هڪ عورت جي هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هي ڪڪول واهه مون کي شهر جي ڪلهي تي رکيل اجرڪ جيان به لڳندو آهي. مان ڪڪول واهه جي ڪَڙ وني ريشم ڳليءَ ڏانهن رخ رکان ٿو. رات جا ست لڳي ويهه منٽ ٿيا آهن ۽ مان ريشم ڳليءَ مان هلي رهيو آهيان.

هيءَ اها گهٽي آهي، جيڪا لاڪ ڊائون جي ڪري اڄ اونداهيءَ غار ۾ تبديلي ٿي چڪي آهي، جڏهن لاڪ ڊائون نه هيو ته هر هڪ دڪان تي عورتن جي اچ وڃ جاري هوندي هئي ۽ هن ڳليءَ ۾ چوڙين جي موسيقي به ٻڌڻ ۾ ايندي هئي ته خوشبوءِ جا لشڪارا ساهن جون سرحدون ڪولي ڇڏيندا هيا.

ساگر،

هن ئي ريشم ڳليءَ سان ڳنڍوڳنڍ سوناري بازار آهي، جنهن جي مُهڙ ۾ سيٺ ليلا رام جِي حويلي آهي، ڇو ن ته اها حويلي انتهائي خوبصورت ۽ ميهڙ شهر جي مرڪز واري حصي تي آهي، مون کي هڪ بزرگ دوست ٻڌايو هو ته ان حويلي کي هڪ سرنگهه هوندي هئي، جنهن مان حويليءَ جون عورتون ڪجهه مفاصلي تائين تلائن تي وينديون هيون.

ريشم ڳليءَ جي وچ ۾ ئي سنت ٽانور داس مندر آهي، هن مندر جو مرڪزي دروازو جن هٿن ٺاهيو آهي، اهي هٿ ايڏا ئي مقدس آهن، جيڏا انسان تخليق ڪندڙ..... ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ضروري ڪم سان ڪيڏو به تڪڙو گذر ٿيندو آهي، ته مندر جي مين دروازي تي پهچڻ وقت پيرن کي ونگ لڳي ويندا آهن.

مان جڏهن جڏهن به مندر وٽان مٽيو آهيان ته سيني تائين ٻئي ٻانهون جوڙي امر شهيد ڀڳت ڪنور رام جيان اکيون ٻوٽي نمستي چئي اڳتي وڌي ويندو آهيان.

ساگر،

هيءَ اها گهٽي آهي، جنهن ۾ اڄ به ميهڙ جا اصل رهواسي رهن ٿا. اڄ اهي شيخ آهن، ڪڏهن اهي هندو هوندا هئا پر اڳي ۽ اڄ آهن ساڳيا ئي سينيون! مون کي چٽو ياد آهي ته اڄ کان ڏهه سال اڳ هن گهٽيءَ جي ٻنهين پاسن کان مندر واري حصي ۾ نهايت ئي خوبصورت بُت تراشي ٿيل هوندي هئي، جنهن کي ڏسي ان وقت مان اهو سوچيندو هئس ته هڪ انسان ساهه ڪڍڻ آهي ته هڪ بي ساهه هيءُ بُت آهن.

اهڙي بُت تراشي ٿيل هوندي هئي جهڙي هن وقت فقيرو ميگهواڙ ڪري رهيو آهي، ريشم ڳليءَ ۾ لڳل اهي اگهاڙا بُت هن وقت ڪٿي پوريل آهن. اها مون کي خبر ناهي پر مون کي اها ضرور خبر آهي ته انهن جو قاتل اسان مسلمانن جو ڪمزور ايمان آهي، جيڪو اڌ اگهاڙا بُت ڏسي بي ايمان ٿي ويندو هو.

ساگر،

مون کي ان ڏينهن اهو ٻڌي حيرت ٿي ته ڏينهن جو شهر ايئن ئي ڪليل آهي، جيئن عام ڏينهن ۾ ڪليل هوندو آهي نه لاڪ ڊائون تي عمل آهي ۽ نه ئي ڪنهن کي ڪورونا وائرس کان خوف خطرو آهي. اسان جو

عام ماڻهو وائرس کان وڏيڪ بُک کي ٿو بڇڙو سمجهي، جنهن جي ڪري هُو زندگيءَ کي زهر تہ بڻائي سگهي ٿو پر پيٽ جِي بُک کي هڪ ويلي کان وڏيڪ بُک تي نہ ٿو رکي سگهي.

هر انسان بُک اڳيان هٿيار ڦٽا ٿو ڪري ڇڏي.

مان ٻليءَ پير ريشم ڳليءَ مان نڪري روڊ تي پهچان ٿو تہ منهنجي نظر انهن دڪانن تي پئي ٿي، جتي اڄ کان اٺ سالَ اڳ ٽڪنڊي بلڊنگ نهيل هوندي هئي. ساگر، تو ٽڪنڊي بلڊنگ ڪونہ ڏٺي هوندي؟ تون ڪڏهن منهنجي اکين جي اونهائيءَ ۾ ان بلڊنگ کي ڏسي سگهين ٿو، جنهن جي ڇو ڦير لڳل ڇبوترن ۾ ۽ هر هڪ دريءَ ۾ گُلابن جي گُل جهڙي ۽ موتيي جي مُرڪ جهڙي مُورت ناسي رنگ جي ڪپڙن ۾ نظر ايندي. جيڪا پکين کي پاڻي ڏيندي، ان چُڳائيندي ۽ گيت ڳائيندي نظر ايندي.

ڇا تہ عاليشان ڪاٺ جي بلڊنگ هئي. مان ٽڪنڊي بلڊنگ جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، تہ منهنجي اکين جي تارن ۾ ٽڪنڊي بلڊنگ تري رهي آهي. اهڙي شاندار بلڊنگ مون حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ بہ ڪونہ ڏٺي آهي. اڄ ڏينهن تائين واٽکي دوُر ڃي.

ساگر،
جيڪڏهن
ٽڪنڊي بلڊنگ جو مان
تو اڳيان نقشو ڇٽيندس تہ
هيءُ خط
تحقيقي مقالي ۾
تبديل ٿي ويندو.

گهر پهچي هٿ منهن ڌوئي چانھ جو ڪوپ پيئندي. رحمت کان آندل گارشيا مارڪيز جو ناول "وبا جي ڏينهن ۾ محبت" جا آخري پنا پڙهي رکيو آهي. ساگر، هن ناول بابت توکي مان هڪ الڳ خط لکندس. هڪ بہ سٽ لکي ڪري گارشيا جي ناول جي توهين نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. مون کي لاڪ ڊائون دوران هڪ ٻيو بہ ناول پڙهڻو آهي. جيڪو اڃا تائين هٿ تي ناهي سگهيو. البرٽ ڪاميو جو "دَ پليگ" هيءُ ناول بہ وبا تي ئي لکيل

آهي. هاڻي مون وٽ نون ڪتابن جو ذخيرو ختم ٿي ويو آهي. ڪلهه هڪ سياسي ڪارڪن اسٽيفن زويگ جو ڪتاب "فڪر جِي آزادي" ڏئي ويو آهي، جنهن جو ترجمو ابراهيم جويو ڪيو آهي. اهو ڪتاب اڄ رات پڙهڻ شروع ڪندس.

ساگر،

وبائن جي ڏينهن دوران جيڪو ادب لکجي ٿو يقينن اهو انهن ڏينهن جو تاريخي دستاويز ضرور آهي. مون کي ان ڪان اڳ جيلن ۾ لکيل ادب ۽ ٽارچر سيلن جون ڊائريون پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق رهيو آهي. منهنجي ڪُتب خاني ۾ سياسي ادب ۽ ٻي نمبر تي فڪشن جي موضوع تي تمام گهڻا ڪتاب آهن ۽ هاڻي مان اهو ادب شوق سان پڙهڻ جي خواهش رکان ٿو. جيڪو وبائن جي ڏينهن دوران لکيو ويو آهي.

چڱو موڪلاڻي ڪونهي،
پنهنجو ۽ گهر وارن جو خيال رکجان
وڏيڪ خط لکي سچو احوال ڏجان.
محبتن ۾ گڏ

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
١٣ مئي ٢٠٢٠ع

ناشاد،
اميد تہ تمام جلد شاد ٿيندين
ٽر تي ٽڏو چنڊ
نِمَ جِي گهاٽي ڇانوَ
مِٺو پاڻي
۽ پيار جو پاڙيسري ٿيندين.

ناشاد،
اڄ چوڏينهنءَ جِي رات آهي. مان امان جي پاسي ۾ ستو پيو آهيان، دُنيا جي هر ڏُک کان ڏُور ۽ سُڪون جي سمنڊ جِي سپيءَ ۾ موتي جِي شڪل اختيار ڪري چڪو آهيان. توڏانهن خط لکڻ کان اڳ ۾ مان هڪڙو نظم لکي رهيو هئس، جيڪو مون "شاعريءَ جهڙي خوبصورت ڇوڪريءَ" جِي اکين تي لکيو آهي. مان ان نظم ۾ پنهنجي اکين جو سمورو نُور نچوئي "هُن" جِي اکين ۾ اوتي ڇڏيو آهي. توکي اهو بہ ٻُڌايان تہ "هُن" تي مون جيڪي بہ نظم لکيا آهن، انهن ۾ "هُوءَ" هلي رهي آهي، مُرڪي رهي آهي، ڳائي ۽ رقص ڪري رهي آهي.
ناشاد،
اڄ رات چانڊوڪي رات آهي ۽ رات اهڙو ٽاٽو آهي، جنهن ۾ انساني تخليق جو ٻج پوکيو ويندو آهي، پيار جي پار سهڻي کهندي آهي، هر ڏوهہ جي اکين کي اتان ئي روشني ملندي آهي، ڪنهن جي ڪُوڪ کي ان ئي سمي دٻايو ويندو آهي ۽ بارود کي باهہ ڏيڻ جو بہ اهو ئي مناسب ٽاٽو آهي.

هر رات کي پنهنجو رنگ
هر رات کي پنهنجو راڄا
۽ پنهنجي راڻي هوندي آهي
پر چانڊوڪي رات کي

چين ڦرڻ جو پنهنجو هُنر آهي
چانڊوڪي رات ۾ رڳو
چڪور اُڏري اُڏري
ڳفائن ۾ ڳم ٿي ناهي ويندو
چانڊوڪي رات ۾ رڳو
سمنڊ لُڇ پُڇ ۾ ناهي گذاريندو
پر چانڊوڪي رات ۾
هر اهو عاشق اذيت جي انگاس تي
ٽنگجي ويندو آهي
جيڪو جُدائيءَ جي جنگ ۾ مسلسل
تلوارن کي مُنهن ڏئي رهيو هوندو آهي
اتان بچي ويو ته
بد مست هاٿين جي پيرن ۾ ڏنو ويندو آهي.

ناشاد،

مون کي اها خبر ڪونهي ته چوڏينهن جي رات ۾ ٿر ڪيئن لڳندو آهي، پر مان هڪ شاعر هئڻ جي حيثيت سان ٿر کي چوڏينهن جي رات ۾ جيڪڏهن نظم ۾ چٽيندس ته: چانڊوڪيءَ رات ۾ ٿر جي واريءَ کي چانديءَ جيان چمڪندي ڏيکاريندس، پٽن کي پُورا، ناسي پريل بادل ڏيکاريندس ۽ چَونرن کي چنڊ جي مٽي تي جهومر ڪري پيش ڪندس .

ٿر جيڪو پنهنجي اندر ۾ ڪيئي ڪيميائي جزا رکندڙ آهي، جنهن جي بدن تي ڪيئي وڻ ۽ ولِيُون واڙياسي وجود تي لباس جيئن لڳنديون آهن.

ٿر جيڪو مور ۾ ٻولي ٿو ۽ ڊيل ۾ ڊوڙي ٿو.

ٿر جيڪو روهيڙي جي گُلن ۾ تاريلي جي ڳهاڳهري ۽ ڳچ ۾ تاڪيل شيشي ۾ چمڪي ٿو.

ٿر جيڪو چانڊوڪيءَ رات ۾ڪَر موڙي اُٿي ٿو ۽ حُسناڪيءَ جا تاڪيا ڪولي ڇڏي ٿو.

ٿر جيڪو چانڊوڪيءَ رات ۾ هاڪڙي کي ڪوٽي ڪٽي نئون وهڪرو بخشي ٿو.

توڏانهن خط لکندي، چنڊ کي ڏسان ٿو ۽ پوءِ پاسي ۾ سُتل امان جي ڇهري کي ڏسان ٿو، جنهن تي سندس اڇن وارن جي ڇَڳ چونڪي ڏئي رهي آهي.

ناشاد،

ڪورونا وائرس جتي سڄي دُنيا کي پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، اتي لاڪ ڊائون ۽ رمضان مهيني جي ڪري ڪيترن ئي مونجهارن کي بہ جنميو آهي. سماجي وڇوٽيءَ جي ڪري هڪ ٻئي سان رابطي جي اڻ هوند جدائي جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. ان سڄي صورتحال ۾ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ چنڊ آهي، جيڪو ميهڙ ۾ ويٺي توسان ۽ تُر سان مون کي ملائي رهيو آهي ۽ هي خط لکرائي رهيو آهي.

اهو چنڊ ئي آهي، جيڪو اڄ چوڏينهن رات ۾ چاندوڪيءَ جِي ونڊ ونڊي رهيو آهي ۽ هر ڪنڊ تي هڪ جيتري چاندوڪي پکيڙي رهيو آهي. جڏهن مان چوڏينهن رات جي چنڊ کي غور سان ڏسي رهيو آهيان تہ مون کي اتي هڪ حسين صورت ڏسڻ ۾ ٿي اچي، جنهن جي هٿن ۾ ڪتاب آهي ۽ پاسي سان پين ۽ پنا پيا آهن. ”هُوءَ“ مطالعي ۾ محُو آهي، گهڻي غور ڪان پوءِ سُجاتي تہ ”هُوءَ“ شاعريءَ جهڙي ڇوڪري ”امرتا“ آهي، جنهن جي سُونهن ۽ چاندوڪيءَ جي سنگم منهنجي ڪيترن ئي نظمن، گيتن، غزلن کي جنم ڏنو آهي.

ناشاد،

هينئر رات جا ٻہ ٿي رهيا آهن ۽ چنڊ جِي چاندوڪي تيز ٿيندي ٿي وڃي ۽ رکي رکي اپ ۾ ڪنهن پکيءَ جي پڪار ۽ چوڪيدار جِي سيٽيءَ جي تنوار مون کي ڇرڪائي ڇڏي ٿي ۽ مان امان کي ڀاکر پائي ڪن پلَ لاءِ خوف کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان ٿو. مون کي امان جي هنج ۾ ننڊ ٿي اچي وڃي ۽ ايتري ۾ ”امرتا“ خواب ۾ اچي ٿي ۽ پنهنجو تازو لکيل نظم مون کي پڙهي ٻڌائي ٿي.

## تنهنجي نالي....

مون هن جي اکين ۾
ڪڏهن اداسي ناهي ڏٺي

هن جي اکين کي سمنڊ نہ چونديس
هن جون اکيون
ڪتاب جي ٻنهي پڙن جيان آهن
هو جيڪو
ڪتابن کان ڪنارا ڪشي اختيار ناهي ڪري سگهندو
هو جنهن جي رات ڪتابن سان گذرندي آهي
هو جيڪو ڪتابن ۾ ڪنول جا گل ڏسندو
۽ ڪائنات کي پڙهندو آهي
هو جيڪو پاڻ کي
عمر دراز سمجهندو آهي
ان ڪجهہ سال پهرين جواني تي قدم رکيو آهي
هن جا ٿهڪ
هن جي شخصيت کان جدا آهن
هو لفظن جي سواري ۾ سفر ڪرڻ لڳو آهي
هو جنهن لفظن کي
شاعري جو لباس پارائي
شاعري کي نئين شاهراهہ ڏيکاري آهي
هو سادگي جو ساٿي.
معصوميت جو مجسمو
۽ خوبصورت شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو آهي.

مان نظم ٻڌان بہ پيو ۽ ”هُن“ جي چهري کي بہ ڏسان پيو ايتري ۾ امان: پاسو ورايو تہ منهنجي ننڊ ڦٽي وئي ۽ مان وري چنڊ ڏانهن ڏسي رهيو آهيان. ان جي اڳيان ڪڪر اچي ويا آهن، جنهن کان پوءِ چنڊ وڌيڪ پُراسر لڳي رهيو آهي، ڪڪرن جو ڪارو پردو هٽي ٿو تہ چنڊ ۾ ”امرتا“ جو چهرو چٽو ٿيڻ لڳي ٿو. سندس چهري جا تاثر خوشيءَ جا تاثر گلن جيان جهومڻ لڳن ٿا ۽ سندس چپن تي هلڪي مُرڪ رقصان آهي.

”هُن“ جي هٿ ۾ پنو آهي ۽ چئي رهي آهي تہ نظم ارشاد آهي. مان: هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيان ٿو ۽ ”هُوءَ“ ڳلو صاف ڪندي نظم پڙهڻ کان پهرين چئي ٿي تہ هي نظم مون تو تي ئي لکيو آهي ۽ مان لکڻ کان پوءِ پهريون دفعو خود بہ پڙهي رهي آهيان ۽ توکي ٻڌائي رهي آهيان:

احمد جي نالي....

مون کي خبر ناهي ته
تڪليف جي تيرن
ڦهريون دفعو ڪڏهن
هن جي دماغ کي زخمي ڪيو هوندو
مون کي خبر ناهي ته
تڪليفن تلوار جو روپ ڌاري
هن جي جسم کي ڪيترا دفعا چيريو آهي
اڃا ان جي عمر ايتري ته نه آهي
جيترو تڪليفن ان کي ڳاريو آهي
هو جيڪو لاغر جسم کڻي
سُک جي سفر لاءِ نڪتو آهي
سچ جي بي رحم ڪرڻن
هن جي اگهاڙن پيرن کي ڪيترو ساڙيو آهي
دنيا جي طبقن هن کي ڪيترو ماريو آهي
هو ڪتابن جو ڪنور
هو لفظن جو چترڪار
جنهن مظلومن جي حالتن کي
هميشه لفظن سان نظمن ۾ چٽيو آهي
مان ڪيئن وساري ٿي سگهان
هو پاڻ به هڪڙو مظلوم آهي
هو جنهن جي اکين جي ڪبٽ ۾
هزارين ڪتابَ سٽيل آهن
هن جي اکين ۾
مون ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هوندا
هو شعور جي دنيا جو شاعر آهي
۽ پنهنجي شاعري ۾ شعور جا ڏيئا ٻاري ٿو.

هُوءَ: نظم پڙهي ڪري جيئن ئي پني تان اکيون هٽائي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي ته مون ڪيس داد جو گلدستو هن ڏانهن وڌايو ۽ ”هُن“ مهرباني چوندي ساڃو هٿ نرڙي تي آندو.

ناشاد،

توکي خبر آهي، اڄوڪي چوڏينهنءَ جِي رات مون لاءِ محبتن ۽ مُرڪن جو ملڪ اڏي چڏيو آهي، جنهن ۾ هڪڙو اهڙو محل بہ تعمير ٿيل آهي، جنهن ۾ ”هُوءَ“ شاعريءَ جهڙي ڇوڪري جهونگاريندي رهندي آهي، لاڏ ڪوڏ سان هندوري ۾ لُڏندي آهي. مون هڪ دفعو ٻيهر چند ڏانهن نهاريو تہ ”هُن“ جي چپن تي هڪ ٻي نظم جون سٽون چُرپُر ڪرڻ لڳنديون آهن. هُوءَ نظم پڙهي ٿي.

احمد کے نام....

سنو!
میں نے تمہارے رویے اور انداز میں
کبھی ایک انقلابی نہیں دیکھا
مگر تمہاری نظموں سے بغاوت چھلکتی ہے
تمہیں باغی کہنا مجھے زیب نہیں دیتا
باغی تو ذاتی مسئلہ ہے
ایک ذات نہیں اک قوم نہیں
اس دھرتی میں تم انسانیت کے حامی ہو
زباں تیری خاموش صحیح
جذبات تیرے انصاف کے راہی
الفاظ تیرے سب عاری ہیں
شاعری کے راہ سے
تم انقلابیوں کے ساتھی ہو
تم باغی نہیں انقلابی ہو.

ناشاد،

هُوءَ: ڪير آهي، ڪٿان جِي آهي، ڪٿي ٿي رهي ان لاءِ توکي منهنجي خاڪن جو ڪتاب پڙهڻو پوندو، جنهن ۾ مون ”هُن“ تي خاڪو محبت جِي مس ڪُيڙيءَ مان آڱريون ٻوڙي لکيو آهي.

مان: چنڊ ڏسان ٿو ڪڪرن جي قطار چنڊ اڳيان گذري ٿي هُوءَ: ظاهر ٿئي ٿي ۽ ڇئي ٿي تہ هيءُ نئي نظمَ مون هڪ ئي ويهڪ ۾ تو لاءِ لکيا آهن. مان ڪيس مُرڪ جو قول ڏيان ٿو. هُوءَ: وصول ڪري هٿ هوا ۾ لوڏائيندي چنڊ جي چانئٹ اُڪري سڄي سرشتيءَ ۾ چاندوڪي ٻٽجي پکڙجي وڃي ٿي.

ناشاد،

توسان چنڊ جون چاندوڪيءَ جُون ”امرتا“ ۽ سندس نظمن جون ڳالهيون ڪري جڏهن مان پاسي ۾ سُتل امان جي ڇهري کي ڏسي ۽ وري جڏهن چنڊ کي ڏسان ٿو تہ مون کي علي بابا جِي ڪهاڻي ”چنڊ ۽ ماني“ ياد ٿي اچي وڃي.

چا تہ ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻي ناهي ڪو ڪَرب پريو قبليو آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ ماءُ هنج ۾ سُتل ٻُڪايل پُٽ کي لطيف ڳالهيون ٻڌائي رهي آهي ۽ جڏهن هُو ٻُک جو ماريل هيئن چئي ٿو تہ:

”امان مون کي ٻُک لڳي آهي.“

جهڙوڪ مون مٿان سُور جا ست آسمان ڪري ٿا پون ۽ سُور جا سيئي سمنڊ ٻوڙي ٿا ڇڏن.

علي بابا: ان ڪهاڻيءَ ۾ دُنيا جي هر ديس جي ٻُکايل جو درد ڪٺي اچي رکيو آهي ۽ آلين اکين سان ڪهاڻيءَ ۾ ماءُ کان چوائي ٿو تہ: ”ڏس پٽ! اڄ چنڊ ڪيتي نڪتو آهي؟ پاڻ غريب آهيون. پنهنجي مانيءَ جو حساب چنڊ وانگي آهي. ڪڏهن چوٿون، ڪڏهن اڌ، ڪڏهن سڄو تہ ڪڏهن آهي ئي ڪونہ.“

ناشاد،

روزي رکڻ جو وقت ويجهو ٿيندو ٿو وڃي ۽ چنڊ بہ آهستي آهستي چاندوڪي جهڪي ڪندو ٿو وڃي. مان امان جي پاسي مان اٿي گهر جِي

پويان ٻي گهر ۾ رهندڙ پنهنجي وڏي ڀيڻ شبيران؛ کي اتارڻ ٿو وڃان ته جيئن هُوءَ ماني پچائي ڏئي ته امان کي آٽي ڏيان.

امان رمضان جا سيئي روزا رکندي آهي. سخت گرمي هئڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن امان جي طبيعت خراب به ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن امان جي طبيعت خراب ٿي ويندي آهي ته مان سڀ ڪان پهريان ”امرتا“ کي ئي ٻڌائيندو آهيان ۽ ”هُوءَ“ ئي هوندي آهي، جيڪا مون کي هر ڀيري حوصلو ڏيندي آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن به امان جي طبيعت خراب ٿيندي آهي تڏهن تڏهن حواس باخته ٿي ويندو آهيان.

چنڊ تي آخري نهار اڇلي تو ڏانهن لکيل خط کي اتي ئي ختم ٿو ڪيان ۽ پوءِ مان امان کي روزو رکرائي ننڊ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ اُن اڌوري نظم کي فيئر ٿو ڪرڻ چاهيان، جنهن ۾ ”امرتا“ جِي اکين جو ذڪر آهي ۽ جنهن نظم ۾ ”هُن“ جُون اکيون مشالن جيان ٻري رهيون آهن.

ڇگو موڪلاڻي ڪونهي.<br>
ٿر جِي واريءَ تي هٿ رکي اکين تي رکجان<br>
۽ امان جي پيرن تي هٿ رکي<br>
چپن تي رکجان.

ساٿ سلامت

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
١٧ مئي ٢٠٢٠ع

فراق،
اميد ته پُرباش هوندين
شاعري جي شهرَ ۾
خوبصورت مئخاني ۾ ويهي
شاعريءَ جي شراب جون
چُسڪيون وٺندو هوندين
۽ پنن تي نثري نظمن جا نندڙا پکي
ٺاهيندو اڏائيندو هوندين
جيڪي اُڏري ڪري پڙهندڙن جي
چپن جي ڇڄي تي لهندا
ڇهچائيندا
۽ تنهنجا گيت ڳائيندا هوندا.

فراق،
هنن وبا جي ڏينهن دوران گهر ۾ وينو آهيان ۽ لکڻ پڙهڻ جي ڪرت سان لڳو پيو آهيان. اڪيلائي هئڻ ڪري ڪيترائي خيالَ صبح ۽ شام هليا تا اچن. ڪجهري ڪن تا ۽ آخر ۾ تخليق جو چولو پائي غزلن، نظمن جو روپ ڌاري پڙهندڙن جي پاڙي ۾ پهچي وڃن تا. مان تو ڏانهن هي خط لکڻ وينو آهيان ۽ تنهنجون ئي ڳالهيون توسان ڪرڻ ٿو چاهيان، جنهن ڳالهين مان شاعري ۽ شراب اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي ذڪر ڪرڻ سان ئي خمار جا در کُلي وڃن تا.

مون ته پاڻ کي شاعريءَ جي شهر جون مٿيون پريندڙ سڏيو آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته مون لاءِ اهو وڏو اعزاز ناهي ته مان ڪو شاعريءَ جي شهر جو رهواسي آهيان پر مون لاءِ وڏي ۾ وڏو اهو اعزاز آهي ته مان

شاعريءَ جي شهر جِي تعميرات ۾ ڪتب ايندڙ پاڻي پريندو رهان ٿو ۽ جڏهن جڏهن بہ پاڻي ڪٽي پوندو آهي تہ مان اڪين جا ڳوڙها استعمال لاءِ پيش ڪندو آهيان.

مون تہ پاڻ کي شراب جي ويجهو تڏهن رکيو آهي، جڏهن سياري جون ٿڌيون راتيون منهنجي ڪمري ۾ رهي پونديون آهن. شراب جيڪو شاعريءَ جي شجرَ کي گهاتو بڻائي ٿو ڇڏي، شراب جيڪو شاعريءَ جي جسم ۾ شامل رت کي جوش ونرائي ٿو ڇڏي ۽ شراب جيڪو شاعريءَ جي پيش ڪش ۾ بيساختگيءَ جا ڪونٽل ڪڏائيندو ٿو رهي.

فراق،

شاعري ۽ شراب جي ذڪر ڪرڻ وقت ڇوڪريءَ جو ذڪر نہ ڪجي تہ مان سمجهان ٿو تہ شاعري ۽ شراب جو ذائقو ڦڪو ۽ ڇهرو ٻُسو ڏسڻ ۾ ايندو.

شاعريءَ لاءِ ڇوڪري هار سينگار سان گڏ ٿِرڪندڙ جسم بہ آهي تہ ٿِرڪندڙ دل بہ آهي.

شراب لاءِ ڇوڪري جماليات جي جهان جا تاڪِيا کولي ڇڏيندڙ بہ آهي تہ رنگن جُون جهنڊيون جهولائيندڙ بہ آهي.

شاعري، شراب ۽ ڇوڪري اهي ٽئي اهڙا موضوع آهن، جيڪي الڳ الڳ هوندي بہ هڪڙي شڪل رکندڙ آهن ۽ اها شڪل موڪيءَ جي بہ ٿي سگهي ٿي تہ عمر خيام جي رُباعِي جي بہ ٿي سگهي ٿي تہ تنهنجي منهنجي گفتگو بہ ٿي سگهي ٿي.

فراق،

شراب ۽ شاعري جي ذڪر ڪرڻ تي مون کي ندا فاضليءَ جِي ان تقرير جو اهو حصو ياد اچي رهيو آهي، جيڪو تقرير جو مڪمل ڳرُ آهي ۽ اهو هيءُ آهي:

”اُڻويهين صديءَ جو واقعو آهي. داغ دهلوي وڏو مشهور شاعر هو. ان جو ساٿي امير مينائي هو. امير مينائيءَ جي تمام وڏي ڏاڙهي هئي. امير مينائيءَ هڪ پيرو داغ صاحب کي چيو تہ داغ صاحب ڇا ڳالھ آهي:

توهان بہ ان ٻوليءَ ۾ شاعري ڪيو ٿا. ان ٻوليءَ ۾ اسان بہ شاعري ڪيون ٿا.

چوڻ لڳو، توهان جا شعرَ محفل ۾ گهٽو جاڳن ٿا. تاڙيون وڄن ٿيون پر جڏهن اسان جا شعرَ سامهون اچن ٿا تہ ماٺهو سمهي پون ٿا.

داغ صاحب چيو: تہ ڏس امير مينائي صاحب: مان توهان جي سوال جو جواب ڏيان ٿو، پر پهريان منهنجي ٻن سوالن جا جواب ڏيو.

داغ صاحب: چيو ڇا توهان سج لهڻ وقت شام ٿيندي ئي، گلاسن کي رنگين ڪيو آهي.؟

امير مينائيءَ ڏاڙهي ڇنڊيندي چيو لا حول ولا قوة....

توهان کهڙي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو.

داغ: جو ٻيو سوال هيو، توهان گهر کان ٻاهر بہ اکين جو استعمال هيڏانهن هوڏانهن ڪيو آهي.؟

امير مينائيءَ وري ڏاڙيءَ کي ڇنڊيندي وري بہ اهو ساڳيو ڪلمو پڙهيو لا حول ولا قوة....

داغ صاحب: چيو ميان! گهر واري کي ڏسندي شعرَ لکندي تہ ايئن ئي ٿيندو.“

فراق،

مٿين ڳالهہ وندڻ سان مان اهو سجهان ٿو تہ جيڪو بہ هيءُ خط پڙهندو تہ ان تي ايئن ئي خُمارن جي خزانن جا در کلي ويندا جيئن شام جو سج لٿي کان پوءِ توتي کلندا آهن. مون کي تون ان ڪري بہ پيارو آهين جو تون شاعر آهين ۽ شاعر بہ اهڙو جنهن جي شاعريءَ مان شراب جي خوشبوءِ کان وڌيڪ مِٽيءَ جِي خوشبوءِ ۽ وطن جِي نقشي جون حدون ملنديون آهن.

هڪڙو اهڙو شهر اڏجي جيڪو ايران جي شهر شيراز کان بلڪل مختلف هجي ۽ جديد سهولتن سان بہ آراستا هجي.

شيراز جيڪو صوف جي شراب ۽ شاعرن جي شهر سان سُڃاڻپ رکي ٿو. جتان جي شاعرن جِي شاعريءَ ۾ جنسي جماليات جا گهاٽا جهنگ آهن ۽ جن جي وچان وهندڙ واهن ۾ قسمين قسمين شراب وهندا ٿا رهن.

شيراز جنهن جي سُڃاڻپ جي سيني حوالن تي مان سمجهان ٿو تہ حافظ شيرازي وڌيڪ اثرائتو آهي ۽ حافظ شيرازيءَ جِي شاعري نہ رڳو

شيراز شهر جي پر ان کان ٻاهر ۽ نہ رڳو پنهنجي دؤر پر ڪيترن دؤرن تي پنهنجي حاڪميت جو سڪو ڄمايون بيٺي آهي.

فراق،

پاڻ جيڪو شهر اڏيندا سن. اهو بنهہ مختلف هوندو، جنهن جِي سُڄاڻپ جا خوبصورت حوالا شاعري، شراب ۽ دوشيزائون هونديون ۽ اتان جي هر گهٽيءَ جِي مُهڙ ۾ ڪيترن ئي قسمن جون مٽيون پريون پيون هونديون گهٽي ۾ داخل ٿيندڙ کي وڏين اکين واريون ڇوڪريون پيري جام پيارينديون ۽ جنت ۾ داخل ڪري ڇڏينديون ۽ جڏهن هُو جنت ۾ داخل ٿيندا تہ اُتي شاعريءَ جِي محفل متل ڏسندا جنهن ۾ پيش ٿيندڙ شاعريءَ جي هر شعرَ ۾ شراب جِي شوخي ۽ ڇوڪريءَ جِي شرارت ڏسڻ ۾ ايندي.

هن وبا جي ڏينهن ۾ جيڪڏهن خوف خطري کي پاسي تي رکي شاعري ۽ شراب جِي شروعات تي سوچجي تہ ڇا اهو عمل ڪارائتو ٿي سگهي ٿو.؟

مان نہ ٿو سمجهان تہ ان تي سوچڻ ڪو فضوليت جي دائري ۾ ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي شعبي جي تاريخ تي، ماضيءَ تي، حال تي ۽ مستقبل تي بہ سوچي ٿو ۽ اتي وري شاعر / اديب بہ اڪرن جي عالَمَ ۾ اکين جِي ماڪين ۾ غزلن ۽ نظمن جا خوبصورت خيال کڻي اڪيلو اڪيلو سفر ڪري ٿو ۽ شراب پِئي ٿو، ڇوڪريون ڏسي ٿو ۽ شاعري ڪري ٿو.

فراق،

هتي هن وقت هڪ عجيب غريب ماحول جُڙندو ٿو وڃي. هاڻي تہ هڪٻئي کان حال پُڇڻ کان بہ ماڻهو هليو ويو آهي، اهو ڪيڏو نہ وڏو الميو آهي.

سڀ ڪنهن کي پنهنجي ساهہ جي ۽ سهولتن جِي ڳولا آهي پر پنهنجي پاڙيسريءَ جو پتو ناهي! هڪ ڪورونا وائرس ٻيو لاڪ ڊائون ٽيون رمضان ۽ روزا انهن سيني گڏجي هڪ ڀيانڪ شڪل اختيار ڪئي آهي. اڄ ٽيويهون روزو آهي ۽ عيد ۾ ست ڏينهن آهن. عيد توڙي جو رسمن

ئي صحيح هڪ اهڙو ڏينهن ضرور هجي ٿو، جنهن ڏينهن تي پري پري رهندڙ پينرون ۽ يائر پيءُ، ماءُ جي گهر ۾ گڏجي گذارين ٿا ۽ ڪِل پوڳ ۽ خوشيون ونڊين ٿا.

هن پيري لاڪ ڊائون جي ڪري بيروزگاريءَ ڀيانڪ صورت اختيار ڪري ويئي آهي. ان سڀي صورتحال ۾ ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدورن جي گهرن ۾ بُک جو فصل پچي راس ٿيو آهي. انهن مزدورن لاءِ هيءُ ڏهاڙا خاص ڪري رمضان جا ڏينهن ٻٽي تڪليف جِي تکي تلوار ڪٽي آيا آهن.

اسان جي سماج ۾ اڳي ئي مزدور طبقو جهڙوڪ روزن ۾ رهي ٿو.اڌ، بُک تي اڌ ڍءُ تي ۽ مٿان وري هي ڏينهن نہ مزدورن لاءِ جهڙوڪ ڏانئڻ بڻجي ڏاڙهي رهيا آهن. هاڻي انهي سڀي صورتحال ۾ وري جڏهن عيد اچي رهي آهي ۽ انهيءَ خوشيءَ پريي ڏڻ تي جڏهن ڪنهن امير جي تن تي نون ڪپڙن جو جوڙو پاتل هوندو ۽ انهن جي ٻارڙن ڪي هار سينگار ٿيل هوندو نہ انهي سڀي منظر ڪي جڏهن هڪ مزدور ڏسندو نہ ضرور پاڻ ڪي ڪرب جي ڪُن ۾ قاتل ڏسندو ۽ ڪيس طبقاتي نظام تي ڪاوڙ ڪائيندي ۽ سُور پيئندي نظر ايندو.

ويندي، ويندي:

مون شعوري ڪوشش ڪري شراب پِي توڏانهن خط لکڻ پئي چاهيو پر ٻن مهينن جي لاڪ ڊائون ڪري ۽ رمضان مهيني جي ڪري ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ملي ۽ مان سڄي ميهڙ شهر جي مختلف هنڌن تان پڇائون ڪري ڪري گهر پهتو آهيان ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد جِي پيروي ڪندي سليماني چانهہ پيئندي توڏانهن خط لکي رهيو آهيان. مون گهڻو ئي چاهيو پئي نہ سعادت حسن منٽو جِي پيروي ڪندي شراب پِي ڪري توڏانهن خط لکان ها ۽ جيڪڏهن شراب ملي وڃي ها نہ مان توکي خط ۾ اُتر جون اهي بہ حدون گهمايان ها جيڪي ڪيرٿر جي پهاڙي سلسلي ۾ آهن، جتي انساني ارتقا جون شاهديون ملن ٿيون ۽ مان توکي خط ۾ ڪاڇي جِي لُڪ کان آگاهہ بہ ڪري پئي سگهيس جنهن ۾ انسان جِي نڙيءَ ۾ اُڃ جِي رُڃ رڙيون

ڪندي آهي ۽ ڪُونجَ ڪُرلائيندي ڪُرلائيندي ڪٿي ڪرندي آهي ۽ سڪتو ڪري پوندو آهي.

فراق،
ڇڱو موڪلاڻي ڪونهي.
شال خوشحال ۽ زنده آباد هوندين.
لاڙ جِي ڳِتن تي شاعريءَ جِي لالي لائيندين.

وري ٻيهر خط ۾ يا روبرو ملنداسين

احمد شاڪر

اشڪا جو گھر ميھڙ
١٩ مئي٢٠٢٠ع

امداد،

امید تہ
موري جِي
مِٽيءَ جي هڳاءُ سان
هينئون ٺاريندي
لاڪ ڊائون جي ڏينهن کي
لکڻ، پڙهڻ ۽ پيار ڪرڻ ۾
تبديل ڪري
مطالعي جِي ميز تان
نثر ۽ نظم جُون
نندڙيون نندڙيون نديون
ٺاهيندو هوندين.

امداد،

هن خط ذريعي مان توسان ڪجھ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ٿو چاهيان، جيڪي بظاهر تہ عام آهن ۽ پڙهندڙن لاءِ ڪتي ڪتي حيرت جو عجائب گهر ضرور ٿي سگهن ٿيون. هڪ تہ هيءَ مڪمل ڪائنات هڪ وسيع گهر آهي، جنهن ۾ هر جيو ڪان ويندي سڄي دنيا جون شيون رهن ٿيون. اهڙيءَ ئي طرح هڪ ڪُٽنب لاءِ گهر هوندو آهي، جنهن ۾ پيءُ ماءُ، ڀاءُ ڀيڻ، گهر واري ٻارڙا رهن ٿا ۽ اهڙيءَ ئي طرح سان انساني جسم بہ هڪ گهر آهي، جنهن ۾ روح رهي ٿو ۽ نہ ڄاڻ تہ ڇا ڇا...

جيڪي توسان ڳالهيون ڪرڻيون آهن، اهي ڪرڻ کان پهرين مان توکي هڪڙي مختصر ڪهاڻي ٿو ٻڌايان ڇاڪاڻ تہ تون انهيءَ ڪهاڻيءَ کي چڱي طرح ٻڌي، پڙهي ۽ سمجهي سگهين ٿو.

ڪهاڻي اها آهي جو:

”هڪ نوجوان ڇوڪرو هوندو آهي، جيڪو صبح جو سوير اسڪول ويندو آهي، اسڪول مان موٽي ماني کائي پاڙي جي دڪان تي ڪم لاءِ هليو ويندو آهي. سانجهيءَ ٿاڪي گهر ورندي. وِهِنجي سِهِنجي ماني ٽڪي کائي لالٽين جي روشني ۾ دُعا نِما هٿن ۾ ڪتاب جهلي پڙهندو آهي. ان ڪتاب ۾ اهو لکيل هوندو آهي ته هڪڙي ڪُتب خاني ۾ ڇوڪري ڪتاب پڙهي رهي آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته دُن ڪان ٿورو مٿي بُک ڪان جڏهن ڪنڌ نه ٿو ڪيرائي سگهجي ته دُن ڪان ٿورو هيٺ بُک ڪان ڪَن لاٿار ڇو ٿي ڪئي وڃي.؟

هُو اهي سٽون پڙهندي ئي ڪتاب بند ڪري پنهنجي ماءُ ڪان پڇندو آهي ته:

امان!

ڇا چنڊ ڪي به اسان جيان بُک لڳندي آهي.؟“

امداد،

هيءَ دنيا هڪ اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ هر هڪ ملڪ ڪمرو آهي. هيءَ دنيا هڪ اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ هر هڪ ماڻهو هڪبئي جي گهر جو ڀاتي آهي ۽ هيءَ دنيا هڪ اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ هر هڪ ساهوارو ان گهر جو وارث آهي. امداد: منهنجو جنم ته سعودي عرب (مڪي) ۾ ٿيو هو، پر جڏهن مون اک کولي ته سڀ ڪان پهرين امان ارباب: جِي صُورت ڪي ڏٺو هو، اهڙي صُورت جنهن لاءِ مون کي هينئر تائين ڪائنات ۾ ڪٿي به تشبيهه نظر ناهي آئي، نه ڪتابن ۾، نه محبوبائن ۾ ۽ نه ئي وري سوچ جي سفر ۾ مون کي نظر آئي ۽ اهو سوچ جو سفر جاڳ ۾ به جاري هوندو آهي ته ننڊ ۾ به ان سان نينهن نڀائيندو آهيان.

مان ننڍڙو هئس (هينئر به ننڍو ئي آهيان پر بقول امان جي ته ’توجا دوست ڪُراڙا، توجي اُٿڻي ويهڻيءَ نُون وندي شوق به ڪُراڙان وارا) ته هڪ ڪرياني جي دُڪان تي بيٺل هوندو هئس. ان دڪان تي مون زندگيءَ جا پُورا تيرنهن سالَ ڪم ڪيو ۽ انهن تيرنهن سالن جِي محنت مان مون ڪڏهن به هڪ روپيو نه ڏٺو. اهي سيئي پئسا مون قرض ۾ لاٿا ۽ اهو قرض منهنجي امان ۽ مان گڏجي ڪٽي ننڍڙو گهر نهرايو هيو. جنهن سيٺ جي دڪان تي مان ڪم ڪندو هئس. اهو تبليغ جماعت جو هيو ۽ هڪ

پيري هو گهر وارن کي اهو چئي ويو تہ مان چاليهہ ڏينهن تبليغ تي ٿو وڃان ۽ پورا ست مهينا تبليغ ڪري موٽيو. هڪ پيري مون ڪائنس پڇيو تہ سيٺ؛ توهان ڪيڏانهن ويا هئا تبليغ لاءِ.؟ چيو هيائين؛ مون سميت ست ڄڻا ميهڙ شهر جا ۽ مجموعي طور سنڌ مان ويهارو ڪن سائوٿ افريڪا ويا هئاسين. مون چيو تہ اتي ڪهڙي تبليغ ڪئي؟

امداد،

توکي حيرت ٿيندي تہ هن حيرت ۾ وجهندڙ جواب ڏنو. جيڪڏهن مون کي وقت مليو تہ مان ان ڪان وڌيڪ معلومات وٺي توکي ٻڌائيندس. هن چيو ٿي تہ؛ افريڪا جي جنهن علائقي ۾ اسان وياسين ۽ تبليغ ڪرڻ لڳاسين ۽ اتان جي ماڻهن کي جنت جون، حُورن جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳاسين تہ اتان جا گهڻا ماڻهو اسان جِي ڳالهين تي ڪلڻ لڳا. هڪ پيري ڪنهن ڳوٺ ۾ هياسين. ان ڳوٺ جو هڪ استاد اسان سڀني کي هڪڙي جهنگ ۾ وٺي ويو ۽ هُن اهو سڄو ڏينهن اسان کي گهمايو ڦيرايو. ڇا ڏسون تہ هر اهو ميوو هيو ۽ مختلف عام ميون کان جنهن جو جنت جي ميوي سان ڀيٽايل آهي. ڊگها ڊگها جهرڻا جن جِي موسيقي ٻڌي ڪري سڪون جون سرحدون کلي ٿي ويون. ننڍڙا ننڍڙا وهندڙ واهہ جن جو پاڻي اڇو اڇو کير جهڙو ۽ ذائقي ۾ مِٺي ماکيءَ جهڙو. وڌيڪ تڏهن حيرت ٿي جڏهن هڪ ڳوٺ ۾ هُو اسان کي وٺي هليو تہ اتان جي عورتن کي ڏسي ڪري اسان جا حواس باختہ ٿي ويا. بلڪل فطرت جا اهي سڀئي رنگ ويجهي کان ڏٺا، جيڪي اسان کي تصوراتي جنت جا ٻڌايا ويا هئا.

سو؛ هيءَ دنيا اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ اهي سڀئي شيون وڌيڪ خوبصورت ۽ حقيقي طور موجود آهن، جيڪي جنت جي قصي ۾ ٻڌايل آهن. هيءَ دنيا اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ اهي سڀئي رنگينون وجود رکندڙ آهن، جن کي ڏسي، ڇُهي روح کي راحت ڏئي ٿي سگهجي. هيءَ دنيا سڀني جنتن کان ڪربين ڀيرا وڌيڪ خوبصورت آهي، جن جو ڪوئي وجود ڪونهي. جيڪڏهن انسان برابريءَ جي بنياد تي هڪ ٻئي سان هلڻ لڳي، جيڪڏهن انسان پيار، محبت جون هڪٻئي لاءِ مٽيون ڀري تہ هيءَ دنيا جيڪا اڳي ئي جنت آهي، سا ويتر ئي اندلٺ جي رنگن جيان وڻندڙ لڳندي.

امداد،

جيئن دنيا هڪڙو گهر آهي، بلڪل هڪڙو اهڙو به گهر آهي، جنهن ۾ اسان انسان رهون ٿا. پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، زال، اولاد سيئي گڏجي ڪري زندگيءَ ۾ رنگَ ڀريون ٿا ۽ کلندي کلندي، روئندي روئندي گذاريون ٿا. امداد: اسان جو ڪُٽنب سعودي عرب مان 2000ع ۾ سنڌ آيو ۽ ميهڙ ۾ بابا پنهنجي دوست عاشق جويو جي گهر ۾ اچي رهيو. جتي ئي بابا جي ٿُرت وفات ٿي ۽ ان ئي گهر ۾ مون کان سال وڏي ڀيڻ ”زهرا“ ڇئن سالن جِي عمر ۾ معمولي ناچاڪيءَ ۽ لاوارثي ۾ گذاري وئي. هيءُ اهو گهر هو، جتي مون اڪ ڪولي ۽ هيءُ ئي اهو گهر هو، جتي مون امان، ڏاڏي، ڀينرون ڦهريون ڀيرو ڏٺيون.

ان گهر ۾ اسان جو ڪُٽنب چار، پنج سال رهيو. ان گهر جِي پُٺ ۾ اسان جي عزيز جو گهر هيو، جيڪو ڏاڏي مينهن ڪپائي ستر هزار ۾ خريديو هو (جنهن ۾ هينئر مان، امان ۽ ننڍي ڀيڻ بشيران رهون پيا) جيڪڏهن ڪير ستر لکَ ڏئي ته به نه ڏيان. امداد: جنهن گهر جي پڌر تي آڏيءَ رات جو ويهي مان توڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان. اهو گهر جڏهن ڏاڏي ورتو هو. تڏهن هيءُ گهر بنگلي نما هيو، جنهن ۾ هڪڙو وڏو ڪمرو هو، جنهن جو منهن حيدرآباد طرف هوندو هو، جنهن جي ڪاٻي پاسي کان ڏاکڻ هوندي هئي، جنهن ۾ ٻن ڪٽن جو آڳر هوندو هيو. هيءُ اهو ئي گهر هيو، جنهن ۾ مان، منهنجون ڀينرون وڏيون ٿيون ۽ ڏُکن جي ڏاج سان گهر جِي چائنٺ اُڪري پلوءَ ۾ امان جو پيار ڪٽي ويون.

امداد،

جيڪڏهن مان ان گهر کي اڳيان رکي ڪري، پنهنجي ڏاڏي، امان ۽ ڀينرن کي ڪردار طور پيش ڪيان ته مان ان دعويٰ سان چئي سگهان ٿو ته هڪڙو زبردست ناول لکي ٿو سگهان، جنهن ۾ اهڙيون ڳالهيون به هونديون جن کي پڙهي ڪري اکيون پٽرائجي به سگهن ٿيون ته هينيانءُ هٿ ۾ به اچي سگهي ٿو! ويجهر ۾ ئي اهو گهر جُهري پيو هو. اصل ۾ ان گهر جِي پتين کي ان ڏينهن ڏار پئجي ويا هئا، جنهن ڏينهن امان ڪُراڙيءَ (ڏاڏيءَ) جو جنازو ڪڍيو هو! جڳهه جُهرندي وئي، جڏهن جڏهن به مينهن وسندا هئا ته مينهن جو سڄو پاڻي ڪمري ۾ ڪاهي پوندو هو ۽ ڪٽ جي پائي تائين پهچي ويندو هو. سيني پاڙي وارن گڏجي ڪري دٻاءُ

وڏو تہ جڳهہ کھڙي بہ وقت ڪري سگهي ٿي ۽ گهٽ نقصان ڏئي سگهي ٿي. اسان ايتري تڪليف ۾ اچي وياسين جو، آخرڪار مان ۽ امان پاڙي وارن کي اهو چيو تہ اسان وٽ ايتري وسيعت ئي ناهي جو جڳهہ ڌرائي ڪري نئين ٺهرايون.... امداد: مون کي معاف ڪجانءِ، مان ان ڪرب کي اڳتي اظهاري نہ ٿو سگهان.

مان ڪرياني جي دڪان تي ئي بينل هئس سو مون قرض ڪنيو. امان پنهنجا ڳهہ ڳٽا ڪپايا ۽ اسان ڇهہ سئو فٽن تي ننڍڙو گهر ٺهرايو، جنهن ۾ هن وقت رهون ٿا. هن گهر ۾ نہ ورانڊو آهي، نہ بورچي خانو آهي، نہ ڏاڪڻ آهي ۽ نہ ئي وري ڪو ٻن ڪٽن ڪان وڌيڪ اڱڻ آهي. جڏهن جڏهن بہ هُو گهر ياد ايندو آهي تہ ٿڌو ساهہ ڪڍي ويندو آهي ۽ هلڪڙيون اکيون آليون ٿي ويندون آهن. ننڍڙي گهر ۾ رهڻ ڪري سيارو سخت ستائيندو آهي. ٿڌ اڌو اڌ ڪري ڇڏيندي آهي! وري گرمي جيڪا حالت ڪندي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ لفظن ۾ اظهاري نہ ٿو سگهجي. مون گذريل سال جُون جي مهيني ۾ منجهند جو هن ئي گهر جي ڪمري ۾ ويٺي هڪڙو نثري نظم لکيو هو. ان نظم جي زمين، هيءُ گهر آهي ۽ اهو نثري نظم هي آهي:

**ٽارچر سيل....**

چار ديوارون ڪاريون
جهيٽي نارنگي روشني ڏيندڙ بلب
سانت جي سلطنت
رکي رکي چرڪ پرائي ٿي
ڳورو مٿو
ڏڪندڙ هٿَ
ڌڙڪندڙ دل
ٽنگن جي وچان وهندڙ رت
ڪڙڪندڙ در
ڪن ڦاڙ آوازَ
گارين جي ريل ڇُٽي پئي ٿي
نِيم بيهوشي طاري ٿئي ٿي

اک ڪُلي تي ۽ ڪاري قبر ۾
پاڻ کي قيد ڏسان ٿو
ڇرڪي پوان ٿو!

ان ڪان وڌيڪ مان توکي ڪهڙي ڳالھ ٻڌايان جيڪا رهي ٿي..!؟

امداد،

خط طوالت تو اختيار ڪندو وڃي ۽ مان ان طوالت کي ڏسندي سڀني ڳالهين جو اڳ ئو جهليان. توسان: هڪ ٻه ڳالهيون ونڊي وري مان شاعريءَ ڏانهن وڃڻ چاهيان ٿو، جيڪا هار سينگار ڪري ڪمري ۾ رکيل ٽيبل تي ڪتابن سان ڪچهري ڪرڻ ڪان پوءِ منهنجو انتظار ڪري رهي آهي ۽ جڏهن مان ان سان ملندس تہ ڪيترن ئي غزلن ۽ نظمن جو جنم ٿيندو، جن غزلن ۽ نظمن ۾ شاعريءَ جهڙي پري پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي نچندي. ان ڪان سواءِ مون کي اهڙا بہ ڪجھ ڏينهن ڪان خيال اچي رهيا آهن، جن ۾ وبا جي ڏينهن جون ڀيانڪ شڪليون بہ آهن تہ اڪيلائي جون پٽرايل اکيون بہ آهن ۽ خوف جون ڪوٺيون بہ آهن.

مون خط جي شروعات ۾ انساني جسم کي بہ گهر سڏيو آهي. اهو ان ڪري جو، انساني جسم ۾ رڳو رت ۽ گوشت ناهي. ان ۾ تہ هڪ مڪمل ۽ پوري ڪائنات ويني آهي. مون ڪان وڌيڪ ان تي علمِ طبع جوعالم ئي ڳالهائي سگهي ٿو ۽ اهو ئي ان تي ڳالهائي تہ بهتر آهي. مون تہ انساني جسم کي ان ڪري گهر سڏيو آهي جو، ان گهر ۾ پيءُ ماءُ جو پيار رهي ٿو ۽ پلجي ٿو. پينرن پائرن لاءِ پاپي ۽ انسانن لاءِ اُنس اُسري ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ ”محبوبا“ لاءِ محبت جو درياھ موجون هڻندو رهي ٿو.

امداد،

لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران منهنجي اڳيان جيڪي بہ نڪور تخليقون گذريون آهن، انهن ۾ تنهنجون تحريرون انتهائي وقتائتيون لڳيون آهن. جيڪڏهن سيئي لکندڙ روز جي بنياد تي هڪ صفحو لکن تہ تون چا ٿو سمجهين ڪيڏو نہ لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران سرجيل ادب اسان اڳيان اچي ويندو ۽ تاريخ جو حصو ٿي ويندو. مون کي اها اميد

ضرور آهي تہ سنڌ جا اديب، شاعر، سياسي، سماجي ۽ قومي ڪارڪن روزاني جي بنياد تي هڪڙو صفحو لکندا هوندا.

چڱو موڪلاڻي ڪونهي.

هي خط جهڙوڪ تو ڏانهن اڌ آهي، پڙهي جواب ڏجان تہ جيئن هن خط جو ايندڙ حصو توکي ٻي قسط ۾ لکي سگهان.

پاجائي فائزه، انيسا ۽ علي مهديءَ لاءِ ميهڙ جي مِٽي مائي جهڙي محبت ۽ نيڪ تمنائون.

شال ڪُٽنب سان خوشحال ۽ زنده آباد هوندين.

تمام گهڻي سڪ، اڪير ۽ پيار مان

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢٢ مئي ٢٠٢٠ع

فواد،

امید تہ خوش هوندين
امان جِي پيرن تي هٿَ
پائو بشير کي سلام ۽ طاهر لاءِ ان تحرير جيڏو پيار
جنهن ۾ محبت جو وسيع ميدان ڏيکاريل هجي ۽
طرحين طرحين خوشبودار گُل گفتگو ڪندا هجن.

فواد،

تو ڏانهن خط لکندي لکندي ڏاڍي دير ٿي وئي آهي، ان جو سبب اهو آهي، جو لاڪ ڊائون جي ڪري مسلسل گهر ۾ رهڻ دوران ۽ لکڻ، پڙهڻ جي ڪري ڪجهہ گهڙيون فطرت جي ويجهو وڃڻ ۽ سُڪون جو سمنڊ حاصل ڪرڻ تي دل چاهي پئي تہ اوچتو دوستن سهيل چانڊيو، ماجد، عزيز ۽ منور ڪوسو پروگرام جوڙيو جيڪو ڪاڇي طرف هو. هيءُ سفر هڪ ڪليل جيپاني جيپ تي ۽ ذري گهٽ ڊگهو پڻ هو.

جيپ تي سفر دوران منهنجو ڌيان بار بار پنهنجي ان پُراڻي خواهش ڏانهن ڇڪجندو پئي ويو ۽ اُها خواهش اِها هئي تہ مان "هُن" سان هڪ ڊگهو ريل جو سفر ڪيان جيڪا اڃا پوري ٿي ناهي سگهي. توکي خبر آهي، تہ منهنجي ذهن ۾ خيالن جا ست ڪنڊ آهن، جيڪي ريل جي سفر دوران مان دريافت ڪرڻ ٿو چاهيان.

فواد،

توکي اهو ٻُڌي حيرت ٿيندي تہ مون اڄ ڏينهن تائين ريل جو سفر ڪونهي ڪيو. ريل شڪل رڪندڙ ۽ ڇُرپُر ڪندڙ سواري هئڻ باوجود بہ مون کي الائي ڇو هڪ ادبي استعارو پڻ لڳندي آهي. ريل ڪڏهن ڪنهن ڪئلينڊر ۾ اُپ مان ڪرندڙ برف، گهاٽي جهنگ کي چيريندي، آسمان ڏانهن دونهين جا بادل موڪليندي نظر ايندي آهي تہ.... ڪڏهن ڪنهن ناول يا فلم ۾ ٻن دلين جي دنيا ۾ تباهيءَ (جدائيءَ) جو طوفان ۽ محشر جو

ميدان برپا ڪندي هٿ ڇڏائيندي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.... يار! مون کي معاف ڪجانءِ مان مٿيون سٽون لکندي الائي ڇو اڳتي نہ ٿو لکي سگهان. شايد منظر ئي اهڙو ڇنجي ويو آهي، انهيءَ ڪري.!؟

مان فلمون ڏسڻ جو تمام گهڻو شوقين آهيان، پر هينئر تائين جيڪي ڏٺيون هونديون تہ اٺ يا ڏهہ ئي ڏٺيون هونديون. ان جو سبب اهو آهي، جو مون وٽ هن جديد دؤر ۾ بہ اهڙي ڪا سهولت موجود ڪونهي، جنهن سان فلمون ڏسي سگهان. ان ڪان علاوه نئين دؤر کي ويجهو کان ڏسجي. ليڪچرَ ٻڌجن، ڊاڪيومينٽريون ڏسجن. مون ويجهر ۾ آرٽ مووي ”اجازت“ ڏٺي هئي. جيڪا گهڻي ڀاڳي ريلوي پليٽ فارم جي هڪ ڪمري ۾ فلمايل آهي. ان فلم کي ڏسڻ دوران جڏهن گلزار جو نظم آشا جي آواز ۾ جيئن ئي هلڻ لڳو تہ منهنجي ذهن ۽ جسم تي تيز رفتار سان ريل ڊوڙڻ لڳي ۽ اهو نظم هي هيو:

میرا کچھ سامان تمہارے پاس پڑا ہے
ساون کے کچھ بھیگے بھیگے دن رکھے ہیں
اور میری اک خط میں لپٹی رات پڑی ہے
وہ رات بجھادو
میرا وہ سامان لوٹادو!

فواد،

هڪ ننڍڙي ڪهاڻي نما ڳالهہ آهي، ماڻهن جي جهنگ ۾ هڪڙو شخص رهي ٿو، جنهن جو محبوب ڄِي جدائيءَ ۾ ”جيئري ڄِيءُ جلي ويو آهي“ سندس اکين مان لڳاتار ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن ۽ سُڏڪن جي سُرن سان سيني تي هٿ هڻي رهيو آهي، سندس چپن تي ميان محمد بخش جو ڪلام ڇُرپُر ڪري رهيو آهي:

ہجر تیرا جے پانی منگے تے میں کھوہ نیناں دے گیڑاں،
جی کردا تینوں کول بیٹھا کے میں درد پرانے چھیڑاں!

جڏهن جڏهن بہ هو اُپ ڏانهن نگاهہ ڪندي ڪنهن پکيءَ کي ڏسندو هو تہ سندس وات جي پڃري مان ڇپن جو دروازو ٽوڙي هيءُ لفظ پکي بڻجي اڏري ويندا هئا:

یار بنا میرا جیون کوڑھ اے تے اندر درد ہزاراں،
یار فریدا میں انج کرلاواں جیویں وچھڑیاں کونج قطاراں!

هڪ لڳا هن جي هينئين ۾ هُڳاءُ پريو احساس اپريو ۽ وهنجي سهنجي تيل ڦليل ڪري خوشبو لڳائي ٻاهر نڪتو هو. ڇاڪاڻ تہ اڄ ئي سندس عيد هئي. اڄ ئي خوشيءَ سان مُڪا ميل ٽيڙو هئس ۽ اڄ ئي سندس يار ملڻو هئس، جنهن کي ڏسڻ سان سندس پڪ هئي تہ سور سڏا ڪري پٺا ڏئي ڀڄي ويندا.

هن پنهنجي اکين ۾ اهو سُرمو پاتو، جيڪا پير پٽي محبوب کان جدائيءَ جي وچڻ وقت سندءِ پيرن جِي ڪنئين هئي. هو گهر جي در جي چانئٺ ٽپندي ئي آوارا بادل جيان لُڏندو لمندو سڌو شهر جِي ريلوي اسٽيشن تي پهتو. سندس سيني ۾ سِڪ جو سمنڊ تيز ڇوليون هڻي رهيو هئس ۽ هن پنهنجي ٻنهي ٻانهن کي هوا ۾ کولي ڇڏيو هو، جيئن ئي ريل بيٺي تہ هِن جِي نظر هُن تي پئي ۽ آجيان ۾ سندس اکين مان آب وهي رهيو هو ۽ تيز تيز ڇپن مان آواز ٿي نڪتس تہ:

گڈی آ گئی ٹیشن تے،
پراں ہٹ وے بابو، سانوں ماہیا ویکھن دے!

فواد،

مون کي اها خبر ضرور آهي تہ تون حيدرآباد کان ميرپُور ماٿيلي تائين ريل ذريعي سفر ڪندو آهي، پر مون کي اها خبر ڪونهي تہ تون سفر دوران ڪتاب بہ پڙهندو آهين الائي نہ، مون کي اها خبر ڪونهي تہ تون سفر دوران سگريٽ پيئندو آهين الائي نہ، مون کي اها خبر ڪونهي تہ تون سفر دوران موسيقي ٻڌندو آهين الائي نہ ۽ مون کي اها بہ خبر

ڪونهي تہ تون رُڪ جِي ريلوي اسٽيشن تي لهي ان جڳهہ تي ڳاڙهن ڳوڙهن جا گل نچاور ڪندو آهين الائي نہ جتي امر شهيد ڀڳت ڪنور رام آخري هڏڪي ڀري هئي.

(امر شهيد ڀڳت ڪنور رام دنگي فساد آڏو اهنسا جي آرتي اُتاريندڙ محبت جو مجسمو، ڏٽيءَ جا ۽ ڌرتيءَ جا گيت ڳليءَ ڳليءَ ۽ گام گام ايڏي تہ پُرسوز آواز ۾ ڳائيندو هو جو گگن بہ اهنسا ۽ محبت منجهہ گونجي اٿندو هو. سچ تہ مون جڏهن بہ ڀڳت ڪنور رام جي مورتي يا تصوير ڏٺي آهي تہ مون کي هن جي چهري منجهان سنڌ جي سونهن ۽ سپيتا جا سونهري سهڻا ۽ سنا نقشا نظر آيا آهن. رڳو رُڪَ جي ريلوي اسٽيشن ان ڏينهن اڌوري ۽ اڪيلي ڪونہ ٿي وئي هئي پر ان ڏينهن تہ سموري سنڌ اڌوري ۽ اڪيلي ٿي وئي هئي، جڏهن انتها پسند جي گولي ڪنور جي ڪُک ۾ کُپي هئي. اڄ شهيد مهاراجا ڏاهر ۽ امر شهيد ڀڳت ڪنور رام ياد اچي رهيا آهن. سچ تہ اهي ناهن تڏهن ئي تہ پنهنجو وطن غلام آهي نہ تلوار ذريعي مزاحمت آهي ۽ نہ ئي وري ڪَلا جي جوهر ۾ اهنسا جي آڌار تي آزاديءَ جي جدوجهد آهي.)

فواد،

ڪورونا وائرس جي ڪري سڄي دنيا بند آهي ۽ انسانَ پنهنجي هٿن سان نهرايل گهرن جي پڃرن ۾ قيد ٿي ويو آهي ۽ جهنگ جا جانورَ شهرن ۾ گهمي رهيا آهن. جتي دنيا جون سُپر مارڪيٽون بند آهن، جن مان ڊگهن ڳچهين، قداور ۽ پريل جسمن سان حسين عورتون سونهن سينگار جو سامان وٺنديون هيون، جتي دنيا جا چونڪ چوراها بند آهن، جتي گاڏين جي اچ وڃ ايئن جاري هوندي هئي، جيئن جسم جي رڳن ۾ رت جو وهڪرو جاري آهي، جتي دنيا جا پارڪ بند آهن، جن ۾ صبح ۽ شام ڪُتنبن جا ڪُتنب ڇهل قدمي ڪندا هئا ۽ منجهند جو پکي پنهنجو پيار ٻولي اظهاريندا هئا، انهن پارڪن ۾ پکي انسانن کان جدائيءَ جو گيت ڇئي رهيا آهن. جتي دنيا جون درسگاهون ٻارڙن جي ٻاتن ٻولن سان ٻهہ ٻهہ ٻهڪنديون ۽ ٻُرنديون هيون.

اتي اهي ريلوي اسٽيشنون بہ اداسيءَ جي ور چڙهي ويون آهن، جتي ماڻهو هڪ شهر کان ٻي شهر تائين ۽ هڪ دل کان ٻي دل تائين ريل ذريعي سفر ڪندا هئا. انهن ريلوي اسٽيشنن تي بيٺل ريلن جي دٻن ۾ لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران گُلن گونچ ڪڍيا آهن ۽ جڏهن اهي گُلَ مُڪڙي جهلينديءَ ٽڙي پوندا تہ لاڪ ڊائون جا ڏينهن ختم ٿي ويندا.

منهنجي هڪ ٻي بہ خواهش آهي تہ ريل جي سفر دوران مان هڪڙو اهڙو نظم لکان، جنهن ۾ اهي سيئي منظرَ مصور بڻجي چٽيان، جيڪي بہ سفر دوران اک جي آرسيءَ ۾ ايندا وڃن.

فواد،

توکي هڪڙي ٻي ڳالهہ ٻڌايان، خبر اٿئي تہ اها ڳالهہ ڪهڙي آهي.؟ مون کي سال ياد ڪونهي پر ڳالهہ ياد آهي. اها ڳالهہ هي آهي، جنهن ۾ اسان جي ڪُٽنب ۾ هڪڙي اهڙي واقعي ڪارو واسينگ بڻجي گهر جي سيني ياتين کي ڏنگيو، جنهن جو زهر هاڻي اسان جي رڳن ۾ اڄ بہ روان دوان آهي ۽ لوڪ جِي ٺوڪ جِي تلوار ڪڏهن ڪڏهن تہ بہ اڏ ڪري وجهندي آهي. ان واقعي تي مون پنهنجي ايندڙ خاڪن جي ڪتاب ۾ پيڻ ”لطيفان“ تي لکيل خاڪي ۾ تفصيل سان لکيو آهي. ڳالهہ اها هئي، جيڪا توکي ٻڌائڻي هئي تہ ان واقعي جي ٻي ڏينهن تي امان مون کي گهران وٺي سڌو وين اسٽاپ تي هلي. وين ۾ ويناسين ۽ ڪوٽڙيءَ وڃي لٿاسين نہ ڄاڻ سُڄاڻ اڇي سڄ لهڻ وارو هو ۽ اسان جيلاني ريسٽورنٽ جي اڳيان روڊ جي ڪُنڊ وٽي ويٺا هئاسين. ڪلاڪ بہ گذريو تہ هڪڙو نوجوان اسان کي گهوري ڏسڻ لڳو، جنهن جا ڪپڙا ميرا ۽ وار وڪريل هئا. شايد مزدوري تان موٽيو هيو. هو آيو ۽ امان سان ڪيرٿري لهجي ۾ مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ ”ماسي اقبال آهين نہ.؟“ امان! جون اکيون پريل ۽ سجيل هيون ڪاري برقي ۾ جهڙوڪ پاڻ کي لوڪ کان لڪائي رهي هئي. (اسان جي سماج جو مرد عورت کي ستن پردن مان بہ سڃاڻي وٺندو آهي، ان جي پويان ڪهڙا سبب آهن؟ اهو سڀ ڪو ڄاڻي ٿو.) نوجوان جي پُڇا تي امان ها ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ امان ڪيس سڃاتو. اهو نوجوان بابا جِي ياڻج جو پُٽ منظور هيو. جيڪو پنهنجي اڪيلي ماءُ سان ريلوي ڪواٽر ۾ رهندو هيو.

اسان کي بگي ڪرائي تي ڪري پنهنجي گهر وٺي هليو. سندس گهر وارو علائقو جهڙوڪ عجائب گهر هيو. قديم ٻڙ جا وڻ جن جا وار جهڙوڪ فطرت جِي ديوي وهنجڻ کان پوءِ پنهنجا ڪاڪُلَ سُڪائڻ لاءِ کولي ڇڏيا هجن. پُراڻا انگريزن جي دؤر جا ريلوي ڪواٽر جن ۾ پُراسرايت جي پردن جا تاڪيا ڪلندا پئي ويا. جتي اسان رهيل هئاسين اتي اهو نوجوان جيڪو اسان کي وٺي آيو هو اهو ۽ ٻي ان جِي امڙ رهندي هئي ۽ بس.

جڏهن شام ٿيندي هئي ته سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ مان پاس تي هوا ريلوي ڪالونيءَ ۾ پهچندي هئي ته لنگڻ تي هٽڙا رکندي ويندي هئي ۽ سُڪون جون سُرڪيون پياريندي ويندي هئي ۽ جڏهن رات ٿيندي هئي ته ڪواٽر جي ورانڊي ۾ لڳل جافريءَ جُون دريون ۽ انهن مان بلب جِي ڦڪي روشني ڪيترن ئي ڪهاڻين کي جنم ڏيندي هئي ۽ جافري جي هر سوراخ مان هڪ ڪردار ڏيکارڻ ۾ ايندو هو. جڏهن رات ٿيندي هئي ته چنڊ چٽرون ڪندو هو ۽ تارا ڪروڙ مان تڪيندا هئا ۽ رڪي رڪي ڪا ريل ڪُوڪندي ويندي هئي ته مان ۽ امان هڪ ٻئي ۾ لڪي ويندا هئاسين ۽ ڇرڪ جو ڇڪو اسان ٻنهي تي ڪري پوندو هو.

اتي رهڻ دوران اسان اَن جي بدران درد ڪائيندا هئاسين. ڇاڪاڻ ته اسان برادريءَ کان ايئن ڪٽجي ويا هئاسين جيئن ڪنهن مسافر کان ريل ڇڏائجي ويندي آهي. هي سٽون لکندي منهنجا هٿ ڏڪي رهيا آهن ۽ اکين جي ڳوڙهن سان آگرين جون ميڻ بتيون وسامي رهيون آهن.

خط جون آخري سٽون لکي رهيو آهيان ۽ پاڙي جِي مسجد مان موذن روزي رکڻ جي وقت ختم ٿيڻ جو اعلان ڪري ازان ڏيڻ بعد پُر سوز آواز ۾ ڪافي ڇئي رهيو آهي، جنهن جا ٻولَ ٻڌڻ بعد اڳتي هڪڙو به اکر نه ٿو لکي سگهان. ڪافي جا شروعات لفظ هي آهن:

وقت وڃئي ٿو ويل (مسافر) ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي،
ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي، ڪانهي ويل ويهڻ جي!
هلن تڪيتون ڪرڪا سجاڳي،
ڪيئي وطن تي ويا ويراڳي،
اوجاڳا ڪر تون جانب جاڳي،

راهي تي ويندئي ريل مسافر!
ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي!

چڱو موڪلاڻي ڪونهي،
شال هميشه امان ۾ شاعريءَ جي ڇانوَ ۾ هوندين.

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢٤ مئي ٢٠٢٠ع

آس،
اُميد ته اڪرن سان عشق
۽ شاعريءَ سان
نينهن نڀائيندو هوندين
پورهيي سان پيار
۽ ڪاڇي جِي.
ڇيڪي مِٽيءَ سان محبت
ملهائيندو هوندين
وڻن جِي ڇانوَ ۾ ويهندو
پکين جُون ٻوليون ٻڌندو
۽ ٻارن کي گيت ٻڌائيندو هوندين.

آس،
لاڪ ڊائون جو فائدو وٺندي لکڻ ۽ پڙهڻ پاسي ڪُل وقتي رهائش اختيار ڪري ورتي آهي. ان دوران مون جڏهن پهريون خط لکيو هو ۽ تنهن کان پوءِ جڏهن خطن جي ڪتاب لکڻ جو سوچيو ته مون پهرين ڏينهن ئي پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ته تو ڏانهن خط ضرور لکندس. خط لکندي لکندي دير ان ڪري ٿي وئي آهي، جو وچ ۾ مان وري ڪنهن ڪم ڪار سان لڳي ويو هئس ۽ ڪجهه گهر جي خرچ پکي لاءِ چرخو چورڻ جي ڪرت به ڪرڻي هئي.
”پيٽ جِي بُک ڪڏهن ڪڏهن ته آندا پٽي ڇڏيندي آهي ۽ اسان جي سماج ۾ اڄ به ڪيترائي خاندانَ بُک جي بحر ۾ ۽ ڏُک جي ڍَهر ۾ غوطا کائي رهيا آهن!“

اڄ عيد جو ڏينهن آهي ۽ مان تو ڏانهن خط لکي رهيو آهيان. مون کي اها خبر ناهي ته ٻاهر ڇا ٿي رهيو آهي، ڪير ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي

۽ ڪير وهنجي سهنجي اڇو اُجرو تي سُرمو سينڊ ڪري بالم بڻيو اميريءَ کي اوج وٺرائي، غربت تي ٺٺول ڪري رهيو آهي پر مون کي اها ضرور خبر آهي ته منهنجي گهرَ ۾ ۽ منهنجي اندرَ ۾ ٻاهران ڪان گهڻو ڪجهه مختلف آهي.

امان اڇيون سيُون رنڌي اڳيان آڻي رکيون آهن جن جو ذائقو ستَ رڃي طعامن کان وڌيڪ آهي ۽ منهنجي دماغ ۾ ڪيترائي نظمَ ايئن گهمي رهيا آهن، جيئن چاڪيءَ جو ڏاند گهاڻي ۾ گول ڦري رهيو هجي. ان تڪليف جي باوجود به مان تو ڏانهن خط لکي رهيو آهيان. توکي خط لکڻ کان پوءِ مان نظمن جي ننڍي ڪنڊ ۾ پير رکندم جتي منهنجي آجيان شعري استعارا ڪندا.

آس،

توسان ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪرڻيون آهن خط ۾ سڀ کان پهرين مان توکي هڪڙي مختصر ڪهاڻي تو ٻڌايان جيڪا لاڪ ڊائون کان پوءِ جنم وٺي ٿي ۽ ڪهاڻي هيءَ آهي ته:

”لاڪ ڊائون ۾ هڪ گهر ۾ اڪيلو اسي سالن جو ڪراڙو رهندو آهي سڄو سڄو ڏينهن ڪلاسيڪل موسيقي ٻڌندي وقت گذاريندو آهي. صبح ۽ شام جو گهر جي باغيچي ۾ وڃي گُلن سان گفتگو ڪندو آهي ۽ پکين سان پيار ڪندو آهي.

هڪ ڏينهن ڪيس بيچينيءَ جي بارش پڄائي ڇڏيو هو ۽ هو مسلسل انهيءَ تي سوچي رهيو هو ته آخر ڇا ڪجي جنهن سان سڪون جون سُرڪيون پري پيئجن. ٻاهر سُڄ جو صحرا آهي ۽ اندر ۾ اُڄ جو عالم آهي.

ڪُرسيءَ تي ويني ويني سندس دل جي در تي بيهي تورو اڳتي سُري دماغ جي در تي بيهي خيالَ ڪڙو ڪڙڪايو ۽ هو هڪدم اُٿي ڏاکڻ تي ٻليءَ پير چڙهندو مٿين ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ ان ڪمري ۾ ڪاٺ جي صندوق وٽ اچي بيهي رهي ٿو. صندوق کي ايئن گهوري ڏسندو رهندو آهي، جهڙوڪ آرسيءَ آڏو بيٺي هجي.

صندوق جو پُڙ مٿي ڪري ٿو ته سندس ڪيتريون ئي يادون هن جو استقبال ڪن ٿيون. هُن هڪ هڪ شيءِ ڪري ٻاهر ڪڍي رکي. هُن کي اُها ڊائري هٿ لڳي جيڪا ڪيس ٿيويهن سال جِي عمر ۾ پهرين پهرين پيار

وٿان سالگراه تي تحفي جِي صورت ۾ مليل هئي، جنهن ۾ ڪيترائي واعدا، يادون، نظمَ ۽ خوابَ لکيل هئا ته ڪيترائي گُلَ به رکيل هئا.

هو ڊائري ڪڍي ڪمري جِي ڪنڊ ۾ رکيل ڪُرسيءَ تي ويهي ٿو. ٻاهر شام جو نارنگي رنگ شهر مٿان ويڙهيل آهي ۽ هيڏانهن هن جي هٿن ۾ جهليل ڊائري مان سونو رُوپو سج اُڀري رهيو آهي. جوڀن جرڪي رهيو آهي ۽ هو ٻهڪي رهيو آهي.

هن جيئن ئي ڊائريءَ کي وچان کوليو ته هو ٽيويهن سالن جي عمر جو ٿي ويو هو ۽ هن پاڻ کي هجومن جي وچ ۾ بيٺل ڏٺو هو ۽ هر ڪو هن سان پيار ڪري رهيو هو. سڄي حال ۾ تاڙين جا ڪبوتر پئي اُڏاڻا.... ڪيس پاڪرن ۾ پرڻ لاءِ آتو هو. هن ڦوڪ سان ڦهريان ٻرندڙ ميڻ بتيون وسايون ۽ پوءِ پنهنجي سالگراه جو ڪيڪ ڪٽيو. ان ڏينهن تي ڪيس سيني دوستن ڪيترا ئي تحفا ڏنا هئا ۽ اها هٿ ۾ جهليل ڊائري ”امرتا“ ڏني هئي ۽ ان جي ڦهرين پني تي ڪيس نظم به لکي ڏنو هيائين.

هو ڊائريءَ ۾ رکيل گل ڪڍي چمي ٿو ۽ ڊائريءَ جي ڦهرين پني تي لکيل نظم پڙهي ٿو:

## تنهنجي نالي نظم....

هن ڇوڪري جي ٿڪن جو آواز ٻڌي
ايئن محسوس ٿيندو آهي ته
تڪليف جهڙو نانءُ
هن ڪڏهن به ٻڌو نه هوندو
منهنجون تڪليفون ٻڌي به هو
کلندو آهي
ايئن محسوس ٿيندو آهي
هو ٿڪن جي سياري مان
سفر ڪري بلڪل هينئر زمين تي پهتو هجي
هن جي هر ٿڪ جي
ايرندڙ آواز ۾
معصوميت ۽ مناس جي لهر هوندي آهي

هن جي ٿڪن ۾
خوشي رقص ڪندي آهي
منهنجي ٻڌڻ جي حواس ۾
هن جا ٿڪ ايئن حاوي آهن
جو منهنجي خاموش دنيا ۾
اداسيءَ جي رڙين کي رانپوٽا ڏئي
محبت ارپيندا آهن
۽ منهنجي من ۾
اداسيءَ جي ديويءَ کي قتل ڪري
خوشيءَ کي جنم ڏيندا آهن
هن جا ٿڪ ۽
پُراڻا ڪتاب مون کي
پاڻ ڏانهن ايئن ڇڪيندا آهن
جيئن ڪنهن بکايل کي ماني
پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي آهي.

توکي: اهو به ٻڌائيندو هلان ته مان پراڻن ڪتابن جهڙي خوشبوءِ ٻين شين ۾ به ڳولڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي. ولايتي شرابن کان ويندي نري تائين ۽ تو کي اهو به ٻڌايان ته مون کي ڪنواري جسم جي ڇهاءُ ۾ به پراڻن ڪتابن جهڙي پُراسرار خوشبوءِ ڪونه ملي آهي.
هڪ عجيب نشو آهي ڪتابن جو جنهن بابت موهن ڪلپنا جي ڳالهه ڪيڏي نه خوبصورت شڪل اختيار ڪيون بيني آهي ته:

”ڪتابَ تهذيب جا گتا آهن،
جيترا گهٽا ڪتاب اوترو گهٽو نشو“

آس:
مون اڳ به ڪٿي لکيو آهي ته
” منهنجي وات مان
ڪير گرهه ته ڪڍي سگهي ٿو
پر منهنجي هٿ مان

ڪير قلم ۽ ڪتاب نہ ٿو کسي سگهي!“

سو: مون ڳالهہ پئي ڪئي، پراڻن ڪتابن جي تہ پراڻن ڪتابن جِي ڪشش کي ڪهڙي تشبيهہ جِي تارازيءَ ۾ تورجي.؟ مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي پر مون کي اها خبر ضرور آهي تہ پراڻن ڪتابن ۾ ماضيءَ جون مزارون پري پري کان ايئن چٽيون نظر اينديون آهن جيئن ڪچي ڪان ڪاڇي جي پريان ڪيرٿر جبلن جون چوٽيون نظر اينديون آهن.

توکي: اهو بڌي حيرت ٿيندي تہ مون کي ننڍپڻ کان ڪتابَ پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو شوق نہ پر جنون رهيو آهي ۽ ان جنون مون کي هميشہ ۽ هر هنڌ مانُ بخشيو آهي. انهن ڪتابن جي ڪائنات جي مسافري مون کي ڪيترن ئي طاعوسي تختن تي ڪڍي ويهاريو آهي ۽ اهي طاعوسي تختَ دوستن جي صورت جا بہ آهن تہ محبتن جا بہ آهن تہ عزتن جا بہ آهن.

آس،

ننڍو هوندو هئس تہ ناناڻي ڳوٺ فريدآباد وڃڻ ٿيندو هو، اتي ماما جا ڪتابَ هوندا هئا. ناناڻي گهر ۾ منهنجي پسند جي جڳهہ ماما جو ڪمرو هوندو هو، جنهن ۾ ٽن وڏن جارن ۾ ڪتاب ۽ رسالا سٿيا پيا هوندا هئا. مان جڏهن جڏهن بہ ناناڻي گهر ويس تہ انهن ڪتابن کي هيٺ لائي هڪ هڪ ڪتاب ۽ رسالي کي ڇنڊي ڦوڪي وري ورائي جارن ۾ رکندو هئس. انهن ئي ڪتابن ۾ مون پهريون پيرو شاهہ جو رسالو بہ ڏٺو ۽ پڙهيو تہ انهن ئي رسالن ۾ مون سهڻي، روح رهاڻ، مهراڻ، نئين زندگي ۽ ساڃاهہ مخزن سميت پنهنجي دؤر جي معياري مخزنن جو مُک بہ ڏٺوءِ پڙهيو.

اوچتو ئي اوچتو هڪ ڏينهن اهي ڪتابَ منهنجو ماروٽ اياز ڪنيي ڪڍي حيدرآباد ويو، جنهن ڏينهن هن ڪتابَ ڪنيا پئي. مان ان ڏينهن ڳوٺ هئس مون کيس ڏاڍو روڪيو تہ نہ ڪڍي وڃ پر هو نہ مڙيو ۽ ڪڍي ويو. مون کي رڳو اتي هڪڙو ڪينجهر جو تنقيدي نمبر ڪنهن ڪنڊ ۾ بچيل نظر آيو ۽ ماڻ ڪڍي پڙهڻ وينس. هن پرچي ۾ انتهائي سنا ۽ ڪارائتا تنقيدي جاڻ ڏيندڙ مضمون هئا ۽ انهن مان هڪڙو طويل مضمون ڪينجهر جي ڏهن شاعرن تي تنهنجو هيو. مون کي اهو مضمون ڏاڍو وڻيو. ان مضمون ۾ لکيل ادبي تنقيد جي ڪٿ کي جيڪڏهن اڄ ڏسجي ٿو تہ جن جن تي بہ تو علمي، ادبي ۽ تنقيدي راءِ ڏني هئي، اڄ اها سچ ثابت ٿي

آهي. انهيءَ مضمون ڪان پوءِ مون لاءِ تون؛ هڪ اهم ليکڪ هئين. مون توکي ڏاڍو ڳوليو ۽ پڇائون ڪيون. توسان پهرين شناسائي ماما جي ڪُتب خاني ڪرائي، ملايو ذوالفقار گاڏهي؛ تون مون کي ان ڪري بہ پيارو آهين جو امان، امرتا ۽ ڪومل جي ڪاڇي جو رهواسي آهين، مون کي ڪاڇي جا ماڻهو ايترا ئي پيارا آهن، جيترو ڪنهن کي پنهنجو پاڻ سان پيار هوندو آهي.

آس،

لاڪ ڊائون جي ڏينهن دوران مون کي تنهنجي ڳوٺ جي اها ٻير بہ ڏاڍي ياد ايندي آهي، جنهن جي ڇانوَ ۾ پاڻ پهريون ڀيرو هڪبئي کي ڏٺو هو ۽ پاڪر ۾ پريو هو. انهي گهاٽي ٻير کي ڏسي ڪري مون کي ڪاڇي جي ڪنڌيءَ تي جهڙوڪ نٽ جو ٽڪو لڳندي آهي ۽ وڻ تہ مون کي پکين جي پناهہ گاهہ بہ لڳندا آهن تہ پيار ڪرڻ وارن جِي ڇتي بہ لڳندا آهن، جن جي ڇانوَ ۾ پريمي هڪبئي جي گوڏي تي ڪنڌ رکي وارن ۾ آڱريون گهمائي ڇلا ناهيندا آهن ۽ آئيندي جا خواب اُڻيندا آهن ۽ بہ چپ ملي ڪري چئن چپن جون سرحدون ناهيندا آهن.

منهنجي عادت رهي آهي تہ مان جڏهن جڏهن بہ سفر تي نڪرندو آهيان تہ منهنجي ٿيلهي ۾ هڪ ڪپڙن جو جوڙو هوندو آهي تہ ڏهہ ڪتابَ هوندا آهن ۽ منهنجي اها بہ عادت رهي آهي تہ ڪنهن بہ دوست ڏانهن ويندو آهيان تہ ڪتابي تحفو ضرور کڻي ويندو آهيان. مون عيد جا ڪپڙا وڻڻ وساريا هوندا پر ڪتاب وڻڻ وسارڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. چون ٿا تہ ارسطو؛ پنهنجي دؤر جو تمام گهڻ پڙهيو شخص هيو ۽ سندس گهر ۾ تمام وڏو ڪتابن جو ذخيرو هيو. منهنجو ان وقت ڪنڌ فخر سان اوچو ٿيندو آهي، جڏهن پورهيت جي هٿ ۾ ڇيڻي، هٿوڙو، هاريءَ جي هٿ ۾ ڪوڏر، ڏاٽو ۽ انهن جي ٻارن جي هٿن ۾ ڪتابَ ڏسندو آهيان.

آس؛

مون کي جنگين جي تاريخ پڙهندي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ جهڙوڪ مان گهاٽي ۾ پيڙجندو رهندو آهيان ۽ جڏهن جنگين جي تاريخ پڙهندي ڪنهن ڪُتب خاني کي لڳل باهہ جو ذڪر پڙهندو آهيان تہ منهنجي

بدن ڪي ٻاھر وڪوڙي ويندي آهي ۽ اڪين مان ڳوڙها ڳڙندي ٻاڦ بڻجي ويندا آهن ۽ سڙندڙ ڪُتب خاني جي ٻاھر مٿان وسندا رهندا آهن.

توکي: مان اهو نظم پڙهائڻ ٿو چاهيان، جنهن نظم ۾ هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو ڪتابن کي محبوب جو مُک سمجهندو آهي، چپن جيان چمندو آهي ۽ اکين کي ڏسندو ۽ پڙهندو آهي:

**پڙهڻ واري جو گهر....**

آرٽ واري اک هن کي آهي
هر ڏسا هو،
هڪ عاشق واريءَ اک سان ڏسندو آهي
هو جوانيءَ جي ان حصي تي پهتو آهي
جتان جذبا
جوانيءَ جي ڪميت تي
شهسواري ڪندا آهن
هن جي ڪمري ۾
موناليزا جي مُرڪ مان ڦٽي نڪتل
مرڪ جي مورت ۽
ڪجھ انقلابين جون تصويرون
فريم ٿيل آهن
هو هر روز پيٽائي جي مجسمي آڏو
تازو گلاب رکندو آهي
هن جون ٻئي ٻانهون
ٻن، ٻن ڪتابن سان
رڌل تي رمنديون آهن
هو هر روز باغيچي ۾
پٿر جي بينچ تي ويهي
ڪتابن ۾ ڪائنات جي باري ۾ پڙهندو آهي.

آس،

مون ۾ رحمت تو ڏانهن اڄ جو پروگرام ٺاهي ڇڏيو آهي، جنهن ڏينهن دنيا تان ڪورونا وائرس جِي ڪاري چادر هٽندي، لاڪ ڊائون جا ۽ گرميءَ جا ڏينهن جيئن ئي ختم ٿيندا ته تنهنجا مهمان هونداسين. پوءِ انهيءَ ٻير جي وڻ هيٺان ويهي ڪچهرين جو ڳوٺ ٻڌبو، جنهن ڳوٺ ۾ شاعريءَ جهڙي ڇوڪري رقص ڪندي رهندي ۽ گيت ڳائيندي رهندي!

ڇڱو موڪلاڻي ڪونهي.

مون نه ڪنهن کي عيد مبارڪ ڏني آهي ۽ نه ئي ڪنهن کان وصول ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته عيدون ۽ ميلا ٻارن لاءِ هوندا آهن.

پاڻ جڏهن آزادي ماڻينداسين ته

تڏهن ئي عيدون ملهائينداسين.

تنهنجي عاشقن مان هڪڙو

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢٦ مئي ٢٠٢٠ع

عرفان،
مون کي خبر ناهي ته
هن وقت تون
ڪٿي ۽ ڪيئن هوندين
پر مون کي
اها خبر ضرور آهي ته
تنهنجي ذهن جِي زمين تي
تازو شعري سَلو
نڪرندو هوندو
۽ تنهنجا هٿ
مزدوريءَ ۾ مشغول هوندا.

عرفان،
مون گهڻو ئي چاهيو پئي ته تو ڏانهن هڪ طويل خط نثري نظم جي صورت ۾ لکان جنهن ۾ انساني ارتقا ڪان ويندي پٿر جي دؤر تائين باهه جي ايجاد ڪان پالن جي ايجاد تائين مڪمل طور انهيءَ سڄي ارتقائي سفر ۾ عورت جي ڪردارَ تي لکان ها ۽ مان ان نثري نظم ۾ اهو به ضرور لکان ها ته اها عورت ئي آهي، جنهن جي دم سان خوبصورتيءَ جون سڀئي شڪليون جڙيون پيون آهن ۽ مون انهيءَ طريقي سان خط لکيو.... بار بار لکيو ۽ ڦاڙيندو رهيس ان جو اهو ئي سبب هيو ته نثري نظم طوالت ۾ پنهنجي انفراديت وڃائيندو پيو وڃي، تنهن ڪري مون هڪ ڀيرو ٻيهر هي خط تو ڏانهن لکي رهيو آهيان.

سڄي دنيا اندر ڪورونا وائرس جي ڪري خوف جا ڪارا ڪڪرَ هر وقت آڪاس تي وڇايا پيا آهن ۽ اهڙي وقت ۾ مون لاءِ هيءَ خبر ايئن آهي،

جيئن مٿيان ڪڪرَ منهنجي مٿان وڏ ڦُڙو ٿي وسيا آهن ۽ اها خبر هيءَ آهي تہ:

”ترڪيءَ جي مشهور انقلابي بينڊ گروپ يوروم جي ميمبر هيلن بوليڪ، جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين بُک هڙتال تي ويٺل هئي. ڪجهہ هفتا اڳ بُک هڙتال جي 288 ڏينهن تي سندس ساهہ جو پکيئڙو اُڀ ڏانهن اڏامي ويو! هو گروپ يوروم تي لڳل پابنديءَ ۽ ان گروپ جي ميمبرن جي مسلسل گرفتارين خلاف بُک هڙتال تي ويٺل هئي!“

دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ عورت مٿان ڪابہ تڪليف ايندي آهي يا ڪهاڙيءَ جو پاڇو ايندو آهي تہ مون کي ايئن لڳندو آهي، جهڙوڪ اهو قهر جو ڪڪر منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ مٿان وسيو هجي.

عرفان،

ان ڏينهن ”هُن“ واٽس اپ تي وائيس ميسيج ۾ هڪ ڳالهہ ٻڌائيندي بہ رهي تہ روئيندي بہ رهي. مون هر روز ”هُن“ جا ٿهڪ ٻڌا هئا ۽ جڏهن مون پهريون ڀيرو ”هُن“ جي روئڻ جو آواز ٻڌو هو تہ مون تي مزارن جيان ماٺ ڇائنجي وئي هئي. جنهن ڳالهہ ”هُن“ کي تڪليف جي طوفان جي منهن ۾ ڏنو هو سا ڳالهہ اها هئي تہ ”هُن“ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل هڪ ويڊيو ڏٺي هئي، جيڪا ويڊيو افغانستان جي علائقي جلال آباد جي ڳوٺ جي هئي، جنهن ۾ هڪ ڪڏو ڪوٺيل آهي ۽ ان ۾ ڪيرَ جهڙي اڇي ڇوڪريءَ کي اڇلائي ڪري هڪ هجوم پٿرن جو مينهن وسائي ٿو، جن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف آهن ۽ الله هُو اڪبر.... جا بہ آواز بلند نعرا هڻي رهيا هوندا آهن. عرفي: جڏهن مون اها ويڊيو ڏٺي تہ ڏکي ويس ۽ مون کي ايئن لڳي رهيو هو تہ اهي انساني شڪلين ۾ خون خوار ڀيڙيا هجن. جن کي آسان شڪار هٿ لڳي ويو هجي، جنهن تي هو خوشيءَ مان اُڪيون هڻي رهيا هيا ۽ جڏهن هو ان ڇوڪريءَ تي پٿرَ اڇلائي رهيا هئا تہ مون کي ايئن لڳي رهيو هو تہ اهي پٿرَ ان ڇوڪريءَ تي نہ پر ڪائنات جي ڇهري تي اڇلائي رهيا آهن ۽ جڏهن هن ڇوڪريءَ جون رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون هيون تہ مان سُڏڪن جي سمنڊ ۾ ٻڏي ٿي ويس.

عرفي،

توسان اڄ هڪ ڳالهہ جي ڳنڍ کوليان ٿو ۽ ڳالهہ، اِها آهي تہ مون نہ رڳو محسوس ڪيو آهي پر اکين سان بہ ڏٺو آهي ۽ مان توکي؛ ڪيترين ئي اهڙيون عورتون ڏيکاري سگهان ٿو، جيڪي اذيت جي اوڻرن ۾ رهندي بہ جيئڻ جا جتن ڪنديون رهنديون آهن ۽ مُحب: جي ملڪ جي اوسيئڙي ۾ مٿو اڇو ڪري ڇڏينديون آهن. ان ڳالهہ کي اڳتي هلي ڇٽو ڪيان ٿو پر پهريان توکي مان ان عورت تي لکيل نظم ٿو پڙهايان.

نظم آهي:

**خاموش سمنڊ جي سپ....**

زلزلن جهڙا ڏوڇندڙ طعنا
هر دفعي
هن جي
حصي ۾ اچن ٿا
هوءَ ڇوڪري
جنهن کي
تهمتن جي تخت تي ويهاريو ويو آهي
ان جي اندر ئي اندر ۾
دردن جي دريائن جا دورا
مشڪلاتن جا سيئي مرحلا
معمول مطابق جاري آهن
هوءَ ان جي باوجود بہ
ٻڙڪ ٻاهر نہ ٿي ڪڍي.

عرفي،

اها ڇوڪري اڄ بہ منهنجي اکين جي اڳيان آهي. مان جڏهن جڏهن بہ هن کي ڏسندو آهيان تہ هوءَ؛ بخار جي مچ ۾ ٻرندي رهندي آهي! مون کانئس هڪ ڀيري پڇيو هيو تہ ان جو ڪهڙو سبب آهي، جو توکي هر ڀيري بخار ٿو رهي.؟ هن اهڙو جواب ڏنو هو جو مون ڀيهر ان کان ڪڏهن بہ ڪو سوال ڪونہ ڪيو آهي. هن جواب ڏنو هو تہ هڪ جوانيءَ جو جذبو آهي، جيڪو جنسي دؤرن جي دنيا ۾ داخل ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن کي هر ڪو جنات جي سائي ۾ اچلائي منهنجي جوڀن تي ننول ڪندو آهي ۽

ٻي هن جِي جدائيءَ جي جيءُ جلائيندڙ جهوري آهي، جيڪا هر وقت جُون مهيني جا گرم جهولا وجود ۾ گهلائي ٿي ۽ مون کي ٻرندڙ آڙاهه ۾ اڇالي ڇڏي ٿي!“

ان سُٽ کي کير سُلجهائيندو ته آخر، اها اهڙي کهڙي قوت آهي، جيڪا عورت ۾ آهي، جنهن جي دم سان هوءَ دنيا جو هر ڏک برداشت ته ڪري ٿي وجي پر لوڪ کي به لکا پوڻ نه ٿي ڏئي.

مون ڪجهه سالَ اڳ امرتا پريتمؔ جو ناول ”پنجر“ پڙهيو هو. جيڪو ورهاڱي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هيءُ اهڙو ناول آهي، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ مون کي ناول جو مرڪزي ڪردار ”پاروءِ“ ننڊ مان جاڳائي ڇڏيندي هئي. هوءَ؛ هر رات جو منهنجي سيرانديءَ کان اچي ويهندي هئي ۽ منهنجي ڪُلهي کي لوڏيندي هئي ته مون تي جاڳ جو در کُلي پوندو هو ۽ مان ڇرڪي پوندو هئس ۽ مسلسل ڏڪندو رهندو هئس. هن جون ڏرا ڏنل اکيون مون تي خوف تاري ڪري ڇڏينديون هيون ۽ اهو سلسلو ڪيترائي هفتا هلندو رهيو ۽ مان خوف وچان امان؛ سان گڏ سمهڻ لڳندو هئس. هڪ پيري رات جو دير سان گهر آيس ۽ ٿڪل ٽٽل هئس. مان جيئن ئي گهر جي چائنٺ ٽپي پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيس ته ”پاروءِ“ لکڻ، پڙهڻ واري ميز جي اڳيان رکيل ڪرسيءَ تي وينل هئي. ميزَ تي پنا ۽ پاروءِ جا وارَ وکريل هئا ۽ هن جي هٿ ۾ هڪڙو اڇو پنو هيو. هوءَ پنو منهنجي هٿ ۾ ڏئي ڪمري مان نڪري هلي وئي. پني تي لکيل هيو ته منهنجي حصي جو جيڪو درد امرتا پريتمؔ کان لکڻ وسري ويو آهي. اهو توکي لکڻو آهي ۽ مون کي انصاف ڏيارڻو آهي!“

عرفي؛ مون کي اها رات ڏنگڻ لڳي هئي ۽ مون کان هڪڙو نظم لکجي ويو هو. اهو نظم پڙهه

**عورت....**

مان مُسلسل اضطراب جي
اُونهيءَ غار ۾ ڪري رهي آهيان
ڪوبه اهڙو ڪونهي

جيڪو مون کي
سُکون جي ڪناري تي
پهچائي
آئون فاتح سڏجڻ لڳي آهيان
ڇاڪاڻ تہ
مون ڪربَ جو قلعو فتح ڪيو آهي
اِها ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ
آئون لڳاتار ڀُري رهي آهيان
جڏهن کان
منهنجو وجود
مِٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي
ان سوال جو جواب ڪير ڏيندو
جيڪو منهنجي هٿ ۾ جهليل بينر تي لکيل آهي، ۽
اهو سوال تہ
”مون کي برابري گهرجي!“
انصاف جي اُگهاڙي تلوارَ
ميُوزم جي ڪٻٽ ۾
اُپي ڪري رکي وئي آهي
انصاف جِي ديويءَ جون
ٻئي اکيون ٻڌي
چوراهي تي
رکيو ويو آهي
ڪيس هٿ ۾ تارازي ڏني وئي آهي
جنهن جا ٻئي پُڙَ
هيٺ مٿي آهن.

مون کي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي آهي، منهنجي مٿي تي هٿ اچي ويندا آهن ۽ منهنجي وجود تي ڳڙو وسڻ شروع ٿي ويندو آهي جڏهن جڏهن بہ مان ڪنهن جي واتان عورت کي ڪهاڙين جي ڪاري ڪکر هيٺان ايندي ٻڌندو آهيان!

توڪي: هڪ ڳالهہ ٻڌائيندو هلان تہ منهنجي ڏاڏي: بلڪل اهڙو ئي جاندار ۽ شاندار ڪردار آهي، جهڙو اڪبر جسڪاڻيءَ جي ٻتين واري نانيءَ جو آهي. هُوءَ: هميشہ پنَ جي ٻيڙيءَ جي دونهين مان ڇلا ڇاهيندي هئي، جنهن ۾ ڪيترائي ڪهاڻيءَ جا ڪردارَ رقص ڪندا هوا ۾ گم ٿي ويندا هئا. جيڪڏهن گارشيا مارڪيز: منهنجي ڏاڏيءَ کي ڏسي ها تہ هُو ضرور هن تي هڪڙو ڀرپُور پُراسرار ناول لکي ها.

هوءَ: هڪ ڀيري امان کي پنهنجي ڳوٺ جي ان عورت جي ڪهاڻي ٻڌائي رهي هئي، جيڪا عورت پيٽ جي عيوضي ۾ سندس پاڙي ۾ پرڻيل هئي. ٻُڪ ۽ ڏُک جي ڏيهہ جِي پينٽنگ ٺٽيل هئي! ڏاڏيءَ.... امان: کي وڏيڪ اهو بہ ٻڌايو هو تہ هن جي ڪنهن سان دل اٽيل هئي پر ڏاڍ جي زور تي هن کي پيٽ جي عيوض ننڍڙي عمر ۾ اڌڙوٽ عمر جي ڪاڪي سان شادي ڪرائي وئي، جنهن رات هن جي شادي ٿي رهي هئي، ان رات ڇوڪريءَ جي ماءُ ڪارو پٽر پِيتو هو ۽ سندس پورهيت پيءُ سُور پِي ويو هو ۽ ڇوڪريءَ کي ڇاچن پرڻائي ڇڏيو هو ۽ پيٽ جو عيوضو پرڻو ڇوڪريءَ جي ڇاچن کي هو پر ڏاڍ جي زور تي هنن پنهنجي پائٽي جو عيوضو ڀريو هو.

هن ڀريل ڳلي سان ڳالهہ اڳتي ٻڌائيندي چيو تہ هوءَ جڏهن جنڊ ۾ اَن ڏاريندي هئي تہ هن کي ڏسي ڪري اهو چئي سگهبو هو تہ هوءَ جنڊ ۾ اَن کي پيهڻ بجاءِ پاڻ کي پيهي رهي هئي ۽ هوءَ جنڊ کي ايتري تہ تيزي وٺرائيندي هئي جو ڪڏهن ڪڏهن تہ جنڊ جا پُڙا بہ جدا ٿي ويندا هئا.

ڏاڏيءَ: اهاڳالهہ ڪري ٻيڙيءَ جو ڊگهو ڪش لڳايو ۽ خاموشيءَ جي کنڊ ۾ داخل ٿي وئي.

عرفان،

اسان جي سماج ۾ اڄ بہ عورت جهيڙيندڙ ڌرين جي بندوقن جو ڪاڄ ٺجي ويندي آهي ۽ جڏهن جڏهن بہ ڪنهن جرڳي ۾ ڇوڪرين جي سڱ چٽيءَ جي باري ۾ خبر پوندي آهي تہ منهنجون ڏهہ ئي آڱريون جهڙوڪ ڪُتر واري مشين ۾ اچي وينديون آهن ۽ ايتري تڪليف ٿيندي آهي،

جهڙوڪ منهنجو وجود اگهاڙو ڪري انگاس تي ٽنگي ڳجهين حوالي ڪيو ويو هجي.

پاڻ تہ هميشہ گڏ آهيون ۽ هڪ ٻئي جو سڏ آهيون.
پنهنجو خيال رکجانءِ.... امرتا، گيت، سپيتا ۽ تازي ٽڙيل گُل حماد کي تمام گهڻو پيار ڏجانءِ!

ڇڱو وري ٻئي خط تائين
گهڙي ڪن لاءِ اجازت گهرندس.

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
٢٨ مئي ٢٠٢٠ع

ذوالفقار سائين،
شال مُرڪن جو مينهن
تنهنجي ڇپن تي وسندو رهي
امڻ جِي هٿ هيٺ
پيار جِي پناهہ
۽ وڻن جِي ڇانوَ ۾ هوندين
غزلن جِي گفتگو
نظمن جِي نگاهن
۽ شاعريءَ جِي شهر ۾
شانَ شوڪت سان رهندو هوندين.

ذلفي سائين!
مون اوهان ڏانهن خط لکندي لکندي دير ڪري ڇڏي آهي. ان جو سبب اهو ئي آهي تہ لاڪ ڊائون دوران جيئن رمضان مهينو آيو ۽ جيئن ئي عيد جا ڏينهن ويجهو ٿيا تہ پينرون عيد تي آيون ۽ ننڍڙي گهر ۾ ٻارن جي شور ۾ ۽ ٻيو سخت گرميءَ ۾ مسلسل ڪيترن ئي ڏينهن کان ذهن لکڻ ۽ پڙهڻ ڏانهن مائل هجڻ بجاءِ ڪارُ جي خاردار تارن ۾ ڦاسندو پيو وڃي.

لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ
مڪمل طور
چوطرف
موت جهڙي ماٺ
هجڻ گهرجي.

هينئر رات جا ٽي ٿي رهيا آهن ۽ مان ننڊ مان اٿي اوهان ڏانهن خط لکي رهيو آهيان. توهان ڏانهن خط ان ڪري به لکڻ ضروري هيو، جو اوهان ئي اڪيلا اهڙا دوست آهيو، جنهن رحمت: ڪان پوءِ هر پل ۽ پهر سڏ ۾ سڏ ڏنو آهي.

پکين کي وڻن
پناهه ڏني آهي
مون کي دوستن
پناهه ڏني آهي.

اوهان ڏانهن خط لکڻ وقت مون وٽ هڪڙو اهڙو خيال هلي آيو آهي، جنهن جي ڳلي ۾ ڳوٺ جو لاڪيٽ پاتل آهي ۽ ان ڳوٺ جي منظر ۾ جيڪي ڪجهه ڏيکاريل آهي، اهو سڀ ڪجهه اکين کي جوت، ساوڪ، طَراوَتَ بخشي ٿو ڇڏي.

هيءُ خط ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ اهو ڏيکاريل آهي ته:

”هڪڙو ڳوٺ هيو، جنهن جي هر هڪ ويڙهي ۾ پيار پلجي رهيو هو. ميٺُ، محبت سان ماڻهن جا مَن ۽ گُنديون اَن سان ڀريل هيون. هيءَ ان ڳوٺ جِي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڍنگرن جي لوڙهي ۾ اکيون چار ٿينديون هيون ۽ مِنين جا مينهن وسندا هئا. هيءَ ان ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ جتي ڪڏهن به ڏڪار جي ڪاري ڏائڻ حملي آور ڪونه ٿي هئي ۽ هيءَ ان ڳوٺ جِي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ جڏهن سانوڻ جا مينهن وسندا هئا ته ”هُوءَ“ مينهن ۾ ڀڄندي هئي، رقص ڪندي هئي، ڳائيندي هئي ۽ ڪاڇي جِي ڇيڪي مِٽيءَ مان رانديڪا ٺاهي هڪ جيڏين سان ڪيڏندي هئي.
هيءَ ان ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي پر ۾ لاڏائو قبيلو ڪجهه ڏينهن لاءِ پڪڙا اڏي وينو هو ۽ انهن جي هڪڙي ڇوڪريءَ سان سندس سنگت ٿي هئي، جنهن سان گُڏين جي راند رهندي هئي ۽ جڏهن لاڏائو قبيلي پنهنجا پڪڙا ويڙهي اَجاتي منزل طرف راهي ٿيو هو ته ”هُوءَ“ ڪاري ڪاڙهي ۾ ڪاڇي تي وڏ ڦُڙو ٿي وسي هئي.

هوءَ: هيءُ سيئي ڳالهيون ڪندي هينئر به اڪيون آليون ڪري ويٺي آهي ۽ خاموشي سان ڪاڏيءَ تي هٿ رکي سوچ جي اونهي سمنڊ ۾ سڏڪن ۾ ٻڏي رهي آهي!“

مان اهو بدقسمت انسان آهيان، جنهن نه پيءُ جو پيار ماڻيو ۽ نه ئي وري ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ ننڍپڻ گذاريو آهي! ڳوٺاڻي زندگيءَ جو لطف ڪهڙو ۽ ڪيئن آهي؟ اها مون کي خبر ناهي؟ پر مون کي اها ضرور خبر آهي ته ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ فطرت جو فانُوس جيڪو ٻرندو رهندو آهي، ان جي روشنيءَ ۾ سيئي ساوڪَ جا رنگَ، پکي پکڻَ، وڻَ ٽڻَ ۽ ڍورَ ڍاڳا ڏاڍا سرها نظر ايندا آهن.

ذوالفقار سائين،

منهنجي تصور ۾ اهڙو ڳوٺ آباد آهي، جنهن جا گهرَ اوڏڪين پٽن جا آهن، ۽ ڇت سَرن جي آهي. منهنجي تصور جي ڳوٺ ۾ هڪڙو اهڙو به کُوهه آهي، جنهن تان صبح ۽ شام هڪ جيڏيون قطار ۾ مٽيُون کڻي لاڏَ ڪوڏَ ۽ کِلَ يوڳَ جي بحر ۾ ترنديون پاڻياريون ايندنيون آهن ۽ پاڻيءَ پرڻ بهاني هڪ ٻئي سان پيارَ جون پچارون به ڪنديون آهن ته ڳيچ به ڳائينديون آهن. منهنجي تصور جي ڳوٺ ۾ هڪڙو اهڙو به وڻ آهي، جنهن جي هيٺان هر ڳوٺاڻو اچي ڪائي ٻڌي ڪچهريءَ جِي ڪائنات جو ڪڙو ڪڙڪائيندو آهي ۽ ڳالهين جو ڳوٺ ٻڌندو آهي، انهن ڳالهين ۾ يوناني ڏاهن جيان ڏندين آڱريون ڏياريندڙ ڳالهيون ته ناهن هونديون پر انهن جي ڳالهين ۾ سادگيءَ جو سمنڊ ڇوليون هڻندو رهندو آهي، جنهن جِي هر ڇوليءَ ۾ هزارين موتي جرڪندا ڪناري تي اچي ڪرندا آهن.

مون کي اوهان جي ڳوٺ جي پپر جو وڻ ڪڏهن ڪڏهن ايترو شدت سان ياد ايندو آهي، جو دل چاهيندي آهي ته ان قديم پپر جي وڻ ۾ هڪڙو ننڍڙو آکيرو ناهي، پکين جو پاڙيسري ٿجي.

مون کي ڳوٺَ ان ڪري به وڻندا آهن، جو ڳوٺن ۾ وڻَ هوندا آهن ۽ وڻَ جيڪي انسانن جا اهڙا دوست آهن، جن وٽ انسانن لاءِ هر وقت هٿن ۾ صاف هوا آهي، ٿڌي ڇانوَ آهي، مِنو ميوو آهي ۽ بارڻ لاءِ پاڻ ارپڻ به آهي.

مون کي وڻ اِن ڪري بہ وڻندا آهن، جو انهن جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ هونديون آهن ۽ جڏهن جڏهن بہ انهن کان ڌرتي ڇڏائي ويندي آهي، تہ سندن ساهہ جو سڀڙو بہ ڇڇي پوندو آهي ۽ ڪومائجي زمين تي ڪري پوندا آهن ۽ پوءِ سڪي ٺُنڊ ٿي ويندا آهن.

وڻن جِي واديءَ تي پکي ئي ماتم ڪندا آهن.

مون کي هڪڙو نظم ياد اچي رهيو آهي، پهريان اوهان کي اهو پڙهايان ۽ پوءِ ئي ٻي ڳالهہ جِي ڳنڍ کوليان ٿو:

وڻن جي واديِ....

پکين جي گڏجاڻي ۾
ڪجهہ تجويزون آنديون ويون
۽ انهن مان هڪ تجويز
اِها هئي تہ
هڪ ڏينهن اسان سڀ گڏجي
آسمان کي لڪائي ڇڏيون
۽ انسانن کي
اُسَ جو احساس ڏياريون
پوءِ هڪ پکيءَ تي اِها ذميواري رکي وئي تہ هو
انهن مُلڪن جي سربراهن سان ملي
جتي وڻن جي وادِي ٿي رهي آهي
آخر ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ
جيڪڏهن هاڻي اسان جِي پناهہ گاهن کي
ختم ڪيو ويو تہ
اسان مزاحمت ڪنداسين
وڻن جي واديِ
اسان پکين جي احساسن جِي
واديِ آهي
اسان پکين جي ٻچن تي
ڄمڻ کان اڳ

موت جو ساٿو آهي.

”ماضي قريب ۾ جيڪا مها ٻوڏ آئي، ان نہ رڳو ڳوٺ ٻوڙيا پر شهر بہ ٻوڙي ڇڏيا. ان سان ڇا ٿيو جو سنڌ جي ٻهراڙي، شهرن ڏانهن رُخ ڪيو. نتيجي ۾ سنڌ جي ٻهراڙي خالي ٿي وئي. هڪ طرف ڳوٺَ خالي ٿي ويا تہ ٻي طرف شهر انساني آباديءَ سان ستجي ويا. نتيجو ڏاڍو خراب نڪتو ۽ اُهو اِهو تہ هڪ سنڌ ڪان ٻهراڙيءَ واري زندگي ڪسجي وئي ۽ ٻيو سنڌ جا شهرَ ڳتيل آباديءَ جي وَر چڙهي ويا.“

ذوالفقار سائين،

هن وقت جتي سڄي دنيا ترقي ڪندي سهولتون حاصل ڪري رهي آهي ۽ آئيندي بابت رٿابندي ڪري رهي آهي. اتي سنڌ اڄ بہ سيني سهولتن کان محروم آهي ۽ ڪابہ رٿابندي نہ پئي ٿئي. ڪنهن کي بہ آئيندي جو اونو ڪونهي.

اسان 2020ع ۾ هلندي اڄوڪي سنڌ جِي صورتحال تي ماتم ٿا ڪيون پر پنج هزار سال پراڻي تهذيب تي فخر ٿا ڪيون. اسان جي ماڻهن جڏهن پنهنجي تباهيءَ جا پيرا ڪنيا تہ پوءِ ئي ڪو هنن جِي اک ڪلندي.

مون کي اهو ڏسي حيرت ٿيندي آهي، اڄوڪي سنڌ جي ٻهراڙيءَ جِي حالت اها آهي، جو جيئڻ لاءِ پيئڻ جو پاڻي ڪونهي.

پاڻ جيڪو ڳوناڻي زندگيءَ بابت ننڍپڻ ۾ ٻڌو هيوسين، اها رڳو ڳالهين ۾ ئي ڳوناڻي زندگي خوبصورت ٿي لڳي. جڏهن ٻهراڙين ڏانهن وڃجي ٿو تہ نہ هاڻي اتي ڪير آهي نہ ڏُڌ آهي ۽ نہ ئي وري ڪچهرين جي ڪائنات ڪَر ڪنيو بيٺي آهي.

اوطاقون هڪ حوالي سان منهنجي نظر ۾ نہ رڳو ڳوٺن ۾ پر شهرن ۾ بہ هئڻ ضروري آهن، جڏهن تہ ڳوٺن ۾ ئي اوطاقون ڪونهن تہ شهرن ۾ ڪٿي هونديون.؟

مان سمجهان ٿو اوطاق بہ هڪ قسم جي اهڙي گڏجاڻيءَ واري جڳهہ آهي، جتي ڳوناڻا شام جو اچي گڏ ٿين ٿا. هڪٻئي سان ميل جول ۾ رهن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح مسجد بہ هڪ حوالي سان گڏجاڻيءَ جِي جڳهہ آهي، جتي اوڙي پاڙي وارا گڏ ٿين ٿا.... عبادت جو عبادت بہ تہ هڪٻئي سان ميل جول جو موقعو بہ!

توهان؛ خوش نصيب آهيو، جو اوهان جو جنم ڳوٺ ۾ ٿيو، ننڍپڻ ڳوٺ ۾ گذريو ۽ هن وقت بہ اوهان جِي هر رات انهيءَ ڳوٺ ۾ ٿي گذري، جنهن ڳوٺ جِي گهٽين ۾ اوهان پهريون وکون کنيون هيون ۽ پهريان وڻ ۽ ماڻهو ڏٺا هئا! توهان؛ ان ڪري بہ خوش نصيب آهيو جو، اوهان اڄ بہ ڪچي ڪوٺي ۾ رهو ٿا، جنهن ۾ رهندي گرميءَ جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي، جنهن ۾ رهندي مِٽيءَ جِي مِٺي خوشبوءِ کي هر وقت حاصل ٿو ڪري سگهجي.

پاڻ تہ شهرن ۾ رهندي وڻن ۽ پکين کان پاسي تي آهيون، جهڙوڪ فطرت کان ڏور آهيون. خير بخش مري شهرن جي نالي چوندو هو تہ "سيمنٽ جا ٻيلا آهن!" سو؛ يقين ڪريو تہ انهي سيمنٽ واري ٻيلي ۾ رهندي.... مِٽيءَ جي احساس کان ئي جهڙوڪ ڪٽجي ويا آهيون

اهڙو گهر هجي، جنهن جي آڳر تي نِم جو وڏو وڻ هجي، جنهن جي هيٺان ويهي پکين جون ٻوليون ۽ لطيف جو راڳ ٻڌجي، جنهن جي هيٺان ويهي امان جون ڳالهيون ۽ ڳوناٺين عورتن جي ڳلي مان لوڪ ڳيچن کي ٻڌجي، جنهن جي هيٺان ويهي پاڻ کي ۽ ڪتابن کي پڙهجي ۽ جنهن جي هيٺان ويهي "هُن" ڏانهن هڪڙو طويل خط لکجي، جنهن خط ۾ هڪڙي اهڙي ناول جو باب لکجي، جيڪو ڳوناٺي زندگيءَ تي لکيل هجي، جنهن ۾ مالَ مڏيُون، نارَ ناريُون، ساوڪَ سُرهاڻ، پيار پناهن کي لکجي ۽ اهو بہ لکجي تہ هيءُ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ ڪٿي بہ رت وهائيندي ڪنهن ڪردار کي ناهي ڏيکاريو ويو. هن ناول ۾ صرف ۽ صرف اُجرائي جو آڪاس چٽيو ويو آهي، جنهن ۾ پيار ۽ پکي اڏندي ڏيکاريا ويا آهن.

ذوالفقار سائين،
چڱو موڪلاڻي ڪونهي!

جيئن ئي لاڪ ڊائون ختم ٿئي ۽ وبا جا ڏينهن پن ڇڻ رُت جو شڪار ٿين تہ اوهان ڏانهن ايندس. توهان جي ڳوٺ کي ڳلي لائيندي، اوطاق تي ڪچهري ڪندي قديم پپر جي وڻ جي پوڄا ڪندس ۽ پوءِ پاڻ وري ڪاڇي طرف نڪري هلنداسين. رستي سان ڳوٺن کي اک مان ڪيندا.... اڳتي هلنداسين ۽ "شاعريءَ جهڙي چوڪريءَ" جي ڳوٺ جِي مِٽي چُمي.... ٻچاءُ

بند تي بيهي ڪيرٿر جبلن ۾ سج کي لهندي ڏسنداسين تہ هاڻ موڪلايون وري ملڻ جي لاءِ....

تنهنجو پنهنجو

احمد شاڪر

اشڪا جو گھر ميھڙ
۳۰ مئي ۲۰۲۰ع

منور،

تنھنجي من ۾
هر وقت شاعريءَ جون مڇيون
ٽپڪنديون هونديون
تنھنجي آڱرين مان
غزلن جا گونچَ
ڦُٽي نڪرندا هوندا
تنھنجي حصي ۾
اهي سيئي خيال ايندا هوندا
جن خيالن ۾ خوبصورتيءَ جا ڪيتَ
ڪلندا هوندا
۽ تون شاعريءَ جِي پناھ ۾
ساھ کڻندو هوندين.

منور،

خط لکندي لکندي اهو احساس ٿيو تہ ڇو نہ هڪ ٻہ اهڙا بہ خط لکجن جيڪي شعري صنفن بابت هجن ۽ انهن تي پنهنجا ويچار ونڊجن. مون انهيءَ ڳالھ کي نظر ۾ رکندي تو ڏانهن خط لکي رهيو آهيان، جنهن ۾ مختصر غزلَ بابت گفتگو ڪندس. هي خط پوين خطن کان گھڻو ئي مختلف آهي، جنهن ۾ نہ ڪا ڪهاڻي آهي ۽ نہ ئي ڪي منظرَ آهن.... ها پر هن خط ۾ غزل تي گفتگو ضرور آهي ۽ غزل تي ڳالهائڻ جهڙوڪ شاعريءَ تي ڳالهائڻو آهي ۽ شاعريءَ تي ڳالهائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالھ ئي ناهي.

سنڌ ۾ غزل ڪڏهن کان لکڻ شروع ٿيو مون کي ان سان ڪا به دلچسپي ناهي. مون کي دلچسپي ان سان آهي ته سنڌ ۾ غزل جي شروعات ٿيڻ کي مان ايئن ٿو سمجهان ته جهڙوڪ شاعريءَ کي زبان ملڻ آهي. هيءَ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جو معراج ۽ شاعر جِي اڏارَ کي ڏسي ڪٿ ڪري سگهجي ٿي ته هاڻ هيءَ ئي شاعري.

غزل شاعريءَ جِي زبان آهي.

غزل "شاعريءَ جهڙي ڇوڪري" آهي.

غزل اها گلابي گهٽي آهي، جنهن ۾ شاعري رهي ٿي ۽ غزل اها صنف آهي، جنهن ۾ جانان سان به گفتگو ڪري سگهجي ٿي ته ان سان ڳل ڳراٽي به پائي سگهجي ٿي.

"غزل جنهن جو بنياد گفتگوءِ جانان جي جوهر مان جنم ورتو ۽ حالتن ان ۾ سياسي، سماجي خيالن جي خزانن جو ڇوڙ ڪيو ۽ اڄ غزل اوهان کي گهڻ موضوعاتي ملندو. عرب کان ايران تائين غزل جو سفر جماليات جي جوت سان اڳتي ڏيئن جيان ٻرندو وڌندو ويو ۽ جڏهن دهليءَ ۽ لکنوءَ جي بازارن تائين پهتو ته هن کي اوچي اڏار جا پَرَ لڳي ويا. حقيقت هيءَ آهي ته غزل ڏاڍي نازڪ صنف آهي. اهڙي تهڙي شاعر جي وس جي ڳالهه ئي ناهي جو هو غزل کي شهه ڏي غزل جو سنڌ ۾ سفر مان سمجهان ٿو ته ڪامياب سفر آهي. غزل جي ٻولي ان وقت گرفت ۾ آٽيندي آهي جڏهن ان ۾ احساسن ۽ جذبن جي ڪائنات جو ڇوڙ ڪيو ويندو آهي. غزل رڳو قافيي ۽ رديف - مطلع ۽ مقطع جي گردان جو نالو نه آهي. غزل ته حسين ۽ جميل گفتگو ۽ جوش جنون جو نالو آهي."

منور،

غزل عربستان ۾ امراءُ القيس جي آڱرين مان ڦُٽي نڪتو، جنهن جي غزل اهڙي ته گلدستي جِي شڪل اختيار ڪري ورتي، جنهن ۾ جنسي جماليات جا گُل سجايا پيا آهن ۽ انهن جِي خوشبوءِ سوين سالن پڄاڻا اڄ به الڳ تلڳ آهي. امراءُ القيس: اهڙو شاعر آهي، جنهن جِي شاعريءَ کي پڙهندي جسم جو روم روم ڇُرپُر ڪرڻ شروع ڪرڻ لڳي ٿو ۽ اها هن:

جي شعري تخيل جي ڪماليت آهي، جنهن ۾ اڄ به ڌڙڪندڙ جسم ۽ ڌڙڪندڙ دل آهي.

غزل فارس ۾ جڏهن عبدالله جعفر رودڪي جي هٿن تائين پهتو ته ان ۾ جماليات جو ڏيئو ٻرڻ شروع ٿي ويو. عربستان کان فارس تائين غزل جي سفر کي جڏهن ڏسجي ٿو ته ان ۾ تمام وڏو فرق ڏسڻ ۾ ٿو اچي. عربستان ۾ جڏهن غزل لکيو ٿي ويو ته ان ۾ مختصر ئي خيال پيش ٿي ڪيا ويا ۽ آخر ۾ قصيدي تائين پر جڏهن فارس تائين غزل پهتو ته ان ۾ گُلِ بُلبل کان ويندي شراب تائين نوان نوان خيال پيش ٿيڻ لڳا ۽ فارس ۾ غزل جِي ڍڳهي ڳڇيءَ ۾ جيڪا سونهن سينگار جِي مالها پارائي انهن شاعرن ۾ رودڪي سيني کان اڳيان بيٺو آهي.

غزل هندستان ۾ مرزا غالب جِي گهٽيءَ ۾ جڏهن پير رکيو ته ان وقت هن جي حصي ۾ ڪيترن ئي موضوعن جي داخلا ٿي چڪي هئي. هندستان ۾ غزل امير خسرو کان مير تقي مير تائين ۽ مير تقي مير کان مرزا غالب تائين ۽ غالب کان پوءِ هڪ تمام وڏي فهرست آهي شاعرن جِي جن غزل کي نوان زاويا ڏنا پر مون کي جيڪو هندستان ۾ غزل وڻيو اهو غالب جو آهي. سندس غزل ۾ جيڪو انساني زندگيءَ جو بيانيو آهي، اهو ڪمال جو آهي. توهان هن جو غزل پڙهندي ۽ معمول مطابق ئي وينا رهيا ته پوءِ اوهان پنهنجي احساسن تي شڪ ڪيو. هو: اهڙو شاعر ضرور آهي جيڪو ”چري کي سياڻو ۽ سياڻي کي چريو“ ڪري سگهي ٿو.

غالب: سڀ تي غالب آهي.

غزل سنڌ ۾ پهچندي پهچندي تمام گهڻو مختلف ٿو ٿي وڃي. جيڪا هن جي بنيادي وصف آهي، عورتن سان گفتگو ڪرڻ اها گهڻو متجي سياسي، سماجي پاسن ۾ ورهائجي ٿي وڃي. هتي غزل جي نديءَ ۾ سياسي، سماجي ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن جِي داخلا ڀرپور رهي. سنڌ ۾ اڄ به جيڪو غزل لکيو ٿو وڃي. ان کي پڙهي ڏسو ته ان ۾ اوهان کي غزل جي اصل صورت مشڪل سان ملندي. اسان وٽ ته غزل جي گهاڙيٽي

۾ ڪافيون ۽ نظم به لکيا ويا آهن. غزل جو گهاڙيٽو ٻين سڀني شعري صنفن کان بظاهر ته سادو لڳندو آهي پر جڏهن ان ۾ خيالن کي پروئبو آهي ته ان وقت سڀئي صلاحيتون خرچ ڪرڻيون پونديون آهن.

غزل جي اوسر 661ع کان پئي ٻڌائي وڃي پر سنڌي غزل جي اوسر ڪهڙي سن ۾ شروع ٿي آهي، اها مون کي به خبر ڪونهي. منهنجي آڏو ڪڏهن ڊاڪٽر اياز قادري جي پي ايچ ڊي ٿيسز "سنڌي غزل جي اوسر" ڪونهي گذري ۽ نه ئي وري مون کي اها خبر آهي ته سنڌي غزل جي اوسر ڪي جديد سنڌي غزل تائين پهچندي پهچندي ڪيتريون مشڪلاتون ۽ مرحلا طئي ڪرڻا پيا آهن، پر مون کي اها ضرور خبر آهي ته سنڌي غزل مير عبدالحسين سانگي کان ٿيندو نارائڻ شيام ۽ وفا ناٿن شاهي کان ٿيندو اياز گل تائين جڏهن پهچي ٿو ته اهو پر ڪڍي ٿو ۽ اُپ ڏانهن اوچي اڏام ڪري ٿو.

منور،
شيخ اياز "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته "اهو ئي سبب آهي ته گل ڪانسواءِ سانگيءَ ۽ گدا کان ابراهيم خليل ۽ رشيد احمد لاشاريءَ تائين سنڌ جا غزل گو شاعر چار شعر به چڱا چئي نه سگهيا آهن." اها اياز جي راءِ آهي پر مان ان راءِ کان هٽي ڪري اهو چوڻ پسند ڪندس ته اِهي ئي اُهي شاعرَ هئا جن سنڌي غزل جي اوسر ۾ ڪجندڙ پناهه جي پيٽ جي پاڙ ۾ پاڻ ارپيو ۽ جديد سنڌي غزل جي پناهه جي پيٽ ۾ انهن سميت ڪيترائي ان دؤر جا شاعر سِرن جي صورت ۾ سٽجي انهي پيٽ کي اوچو ۽ مضبوط بڻايو.

غزل ۾ پهريون ڀيرو تخلص فارس جي شاعرن استعمال ڪيو ۽ مان سمجهان ٿو ته غزل ئي اهڙي شعري صنف آهي، جنهن تي هر شاعر شروعاتي وکون کڻي ٿو ۽ پنهنجو اڳتي سفر ڪري ٿو. مان ته اهو به سمجهان ٿو ته ڪنهن به ڪامياب شاعر جي سڃاڻپ به ان جي غزل مان ئي ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته غزل اهڙي شعري صنف ضرور آهي، جنهن ۾ شعري لوازمات کان ويندي موسيقيت ۽ خيالن کي پوئڻ تائين اهي

سپئي طور طريقا جڏهن گڏجن ٿا ته هڪ غزل جُڙي ٿو ۽ اهڙو غزل جيڪو جوڙي ٿو. اهو ئي شاندار شاعر آهي.

منور،

اڙدو غزل جي عمر ست سئو سال چئي ٿي وڃي ۽ اڙدو جو پهريون غزل امير خسروءَ جو ٻڌايو ٿو وڃي، جنهن ۾ فارسي ۽ سنسڪريت ٻولين کي گڏائي ڪري غزل لکيو آهي. امير خسروءَ جو اهو غزل جڏهن ترجمي جِي صورت ۾ پڙهجي ٿو ته ڪيترين ئي ڪائناتون کُلندي نظر ٿيون اچن، جن ۾ پيڙائُ، جدائي، تڪليف ۽ نه ڄاڻ ته ڇا ڇا بيان ڪيو آهي. يارءَ جِي ڏوريءَ بعد جنهن تڪليف جو جنم ٿيو آهي، ان کي اظهاريو / ڏيکاريو ويو آهي. منورءَ مان اهو غزل توکي هتي مڪمل پڙهايان ها پر طوالت کان بچندي مان توکي ان غزل جو مطلع ۽ ان جو ترجمو پڙهائي رهيو آهيان.

زحالِ مسکیں مکن تغافل دُرائے نیناں بنائے بتیاں،
کہ تاب ہجراں ندارم اے جان نہ لے ہو کاہے لگائے چھتیاں.

ترجمہ:
اس غریب کے حال سے تغافل نہ برت، آنکھیں پھیر کر، باتیں بنا کر،
اب جدائی کی تاب نہیں مری جان، مجھے اپنے سینے سے کیوں نہیں لگا لیتے.

”جديد سنڌي غزل جنهن مقام تي هينئر بيٺو آهي ۽ اهو جڏهن پڙهجي ٿو ته اها راءِ جڙي ٿي ته اجوڪو غزل نه رڳو سنڌي موسيقيءَ کي زنده رکڻ جيتري سگهه رکي ٿو پر اهو سنڌي شاعريءَ جي معيار ۽ فني اهميت کي به اجاگر ڪري ٿو. جتي هر ٻيو شاعر فنَ کان ڏور بيٺو آهي. اتي ڪجهه اهڙا نوجوان شاعر به آهن. جيڪي غزل جا گلدستا ٺاهي سنڌي شاعريءَ جي شهرَ ۾ خوشبو ڦهلائي رهيا آهن. جن جديد سنڌي غزل جي پهراڻ تي غزلَ ستارن جي صورت ۾ ٽاڪيا آهن.“

منور، موڪلاٽي ڪونهي.

پاڻ گڏ آهيون. جلد لاڪ ڊائون جا ڏينهن هڪ ڏينهن غفائن ۾ گم ٿي فنا ٿي ويندا ۽ زندگي معمول مطابق ڇُرپُر ڪندي ۽ هر چهري تي مُرڪ جهولندي جهومندي رهندي ۽ پوءِ پاڻ لاڙ جِي ٿڌي شام ۾ ملنداسين. اوستائين تون شاعريءَ جي شهر مان نہ نڪرجان ۽ غزلن جا گلدستا ٺاهيندو رهجان.

محبتن جو متلاشي

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
١ جُون ٢٠٢٠ع

جاويد،
اميد ته خوش هوندين
ٽنڊو الهيار جي منَ ۾
مُڪڙيءَ جيئن ٽڙندو هوندين
نظمن جِي نديءَ ۾
ناڙ لاهيندي سِڪَ سان سڙهه
ڇڪيندو هوندين
ڏات جِي ديوي
تنهنجي گهر جي جاري ۾
ڏيئو ٻڻجي ٻرندي هوندي
۽ تنهنجي آڱرين مان شاعريءَ جو
جنم ٿيندو هوندو.

جاويد،
لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ لکيل خط بظاهر ته مون کان لکجي ويا آهن ۽ پڙهندڙن وٽ قبول به پيا آهن پر سچ اهو آهي ته انهن خطن جي لکڻ پنيان جيڪو مون درد جو درياهه پار ڪيو آهي، اها مون ڪي خبر آهي ۽ ان درياهه ۾ مان ڪيترا ئي ڀيرا ٻُڏيو ۽ ترِيو آهي. ڪٿي ڪٿي ته غوطا به کاڌا اٿم ۽ ساهه اچي سوڙهو به ٿيو هو، پر مون پڪو پهه ڪيو هو ته مان لکندس ۽ ضرور لکندس.

ڪنهن پل ”شاعريءَ جهڙي ڇوڪري“ منهنجي اڳيان رقص ڪري رهي آهي ته ڪنهن پل نثر جِي ندي منهنجي اکين اڳيان ڊيل جيان ٽلهي

رهي آهي ۽ مان ڪنهن پل رقص مان ڇٽندڙ نظمَ جهڙتي رهيو آهيان ته ڪنهن پل ڏيل جي لوڏ مان نثر جي موڪَ ڇڪي ٿو وٺان.

پيارا: تو ڏانهن خط لکڻ جهڙوڪ پنهنجو پاڻ سان گفتگو ڪرڻي آهي ۽ پنهنجو پاڻ سان گفتگو ڪرڻ جو جيڪو لطف آهي اهو ڪٿان لڀي.؟ مون چاهيو پئي ته مان توکي نظم بابت لکان ۽ اهڙو لکان جيڪو ڪنهن به تاريخي حوالي جي آڌار تي نه هجي. مون چاهيو پئي ته توکي مان نظم بابت پنهنجن خيالن کان آگاهه ڪيان ۽ نظم کي مون ڪيئن ڏٺو آهي ۽ ڪيئن سمجهيو آهي ۽ ڪيئن لکيو آهي. انهن سڀني ويچارن کي هن مختصر خط ۾ توکي لکان ۽ مان توکي اهو به لکان ته

”هيءَ صدي نظم جِي صدي طور سڃاتي ويندي!“

نظم اهڙي صنف آهي، جنهن جو پنهنجو جهان آهي، جنهن کي پنهنجا تارا آهن، جنهن کي پنهنجو سج ۽ چنڊ آهي، جنهن کي پنهنجا ٻيلا ۽ ٻنيون آهن، جنهن کي پنهنجون ڏنڊيون ۽ ڏورا آهن، جنهن کي پنهنجا انگ ۽ ڏنگ آهن. اکر ۽ لفظ آهن، جنهن کي پنهنجون سرحدون ۽ سمنڊ آهن.

نظم لکڻ هڪ نئين ڪائنات دريافت ڪرڻ آهي.

”هن وقت سنڌي شاعريءَ جي سفر ۾ جيڪو نوجوان شاعرن جو لَڏو شامل ٿيو آهي. سندن شاعري پڙهي ڪري، اهو چئي سگهجي ٿو ته اڄ جو نوجوان شاعر مستقبل ۾ سنڌي شاعريءَ جي باغ کي اهڙو ته سائو - ڇهڇ ٻٽائي ڇڏيندو جو، اهو باغ ڪڏهن ڪنهن به صورت ۾ سُڪي نوٽ نه ٿيندو. سينيئر شاعرن کي سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن جي تربيت حاصل هئي ۽ جنهن دؤر ۾ هو اُسري رهيا هئا. انهن لاءِ ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين جو مضبوط مورچو موجود هو. جتان هو پاس ٿي پئي آيا. هن وقت اهو الميو چئجي يا خوشيءَ جي ڳالهه چئجي ته اڄ جو نوجوان شاعر صرف ۽ صرف پنهنجي محنت سان اڳتي وڌي رهيو آهي. ان جي اوسر ۾ ڪنهن به دستوري گڏجاڻيءَ جو هٿ ناهي. هو مسلسل ڏکا، ٿاٻا کائيندو. پنهنجي منزل طرف دلبراڻيون وکون کڻي رهيو آهي. اها ڳالهه هٿ مٿي کڻي چئي سگهجي ٿي ته اڄ جي پيڙهيءَ جي شاعريءَ ۾ اها

سگهہ موجود آهي. ۽ ان جي تخليقي پورهيي سينئر ۽ جونيئر ٿهيءَ جي سَنڌي ڪي ٽوڙي برابريءَ جي بنياد تي آٽي بيهاريو آهي. منهنجي خيال ۾ اها سنڌي شاعريءَ جي خوش بختي آهي، جنهن جي حصي ۾ اڄ جي نئين پيڙهہ جو مضبوط بنياد پئجي چڪو آهي.“

جاويد،

مون ويجهڙ ۾ علي آڪاش جو تازو ڇپجي آيل ڪتاب ”گلابي اکيتي ويندڙ راهہ“ پڙهيو آهي ۽ ان تي پنهنجي راءِ مون الڳ سان لکي آهي. مون توکي فون ڪري چيو هو تہ اهو ڪتاب ضرور پڙهجان. ان ڪتاب ۾ دنيا جي نامور شاعرن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ انهن جا جڳ مشهور نظمَ ڏنل آهن ۽ انهن نظمن جا پسمنظر جڏهن پڙهجن ٿا تہ ڇرڪ نڪري وڃن ٿا. محمود درويش؛ جو نظم ”شناختي ڪارڊ“ آهي، الائي تہ فلسطين جو نقشو آهي. پڙهہ تہ حيرت جا جهان کلندي نظر ٿا اچن.

”گلابي اکيتي ويندڙ راهہ“ ۾ ٽي ايس اِليَٽ؛ جي علي آڪاش؛ نظم بابت مختصر راءِ شامل ڪئي آهي تہ؛

”پڙهندڙ کي نظم سمجهڻ لاءِ اهڙو خفو ڪٽڻ گهرجي، جهڙوڪ بئريسٽر هڪ پيچيدي ڪيس سمجهڻ دوران ڪندو آهي.“

بظاهر تہ اهي ٻہ سٽون آهن پر پنهنجي مفهوم ۾ ڪيڏو وسيع مواد رکن ٿيون پر سڀ ڪان اڳ اهو ڏسڻو پوندو تہ جنهن شاعريءَ / نظم جِي اِليَٽ؛ ڳالهہ ڪري ٿو ڇا اها شاعري / نظم شعري معراج / پد تي پهتل آهي؟

جاويد؛

شاعريءَ جو لهجو
اهڙو هئڻ گهرجي
جنهن لهجي ۾ ماءُ
پنهنجي ٻچي کي
لولي ڏيندي آهي.

”سنڌي نظم جو سفر نهايت ئي شاندار آهي. ان ۾ ڪٿي ٻه ڪي جهول نظر نه ٿا اچن، جن کي ڳڻائجي. ٿي سگهي ٿو ته جميعت الشعراءِ جي شاعرن پهرين دؤر ۾ نظم جي مخالفت ڪئي هجي. ان کان سواءِ ايئن ٿيو آهي، جو نثري نظم کي جيتري مخالفت ۽ ان کي شاعريءَ جي شهر ۾ داخلا تي منع نه رڳو جميعت الشعراءِ جي شاعرن ڪئي هئي پر، ان سان گڏوگڏ جديد شاعرن به ڪئي. اها سنڌي ٻوليءَ جي ڪماليت ڪوني سگهجي ٿي جو، ان ترت ئي نثري نظم کي سنڌي شعري صنفن جي قطار ۾ ڏڪو ڏئي بيهاري ڇڏيو آهي.“

جاويد،

پاڻ ٿورو نثري نظم تي ڳالهايون ٿا.... جيئن دنيا اندر هن وقت ڪورونا وائرس ڦهلجي رهيو آهي ۽ ڪا خبر ڪونه ٿي پوي ته ڪير وائرس جو شڪار آهي ۽ بلڪل ايئن ئي فيس بُڪ تي به وينل ”عجيب مخلوق“ مان خبر نه ٿي پوي ته ڪير شاعر آهي ۽ اهو به وري نثري نظم جو! حالت اها آهي جو اسان جي پڙهندڙن جو ”عجيب مخلوق“ ذائقو اهڙو متاثر ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻي پڙهندڙن معياري مواد ڏانهن به توجهه ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي. مان چوندو آهيان ته جيئن ڪنهن اداري کي ڪاميابيءَ / ترقيءَ طرف وٺي وڃڻ لاءِ پُڇا ڳاڇا جو شعبو هوندو آهي، بلڪل ايئن ئي ادب جي اندر به اهڙو ادارو هئڻ گهرجي، جيڪو ”عجيب مخلوق“ کان وينڊي هر ليکاريءَ جي لکڻين ۽ ڪتابن کي چڪاسي.... ان سان گهٽ ۾ گهٽ معيار ته اڳيان ايري ايندو. جاويد: جنهن ڏينهن ايئن ٿيندو ته ان ڏينهن پڙهندڙن جي هٿن ۾ معياري مواد هوندو ۽ ڪيترو ئي ڪاغذ، پئسو، وقت بچي پوندو جيڪو ”عجيب مخلوق“ جي ڪتابن تي خرچ ٿئي ٿو.

توسان: هڪ ٻه ٻيون به نظم بابت ڳالهيون ونڊڻيون آهن. انهن ڳالهين تي اچڻ کان پهرين پاڻ موجوده وقت جي حالتن جو جائزو وٺون ٿا. هن وقت انسان جي اندر ۾ ڪورونا وائرس کان پوءِ جيڪو خوف ۽ اڪيلائيءَ آڪيرو اڏيو آهي. مان چاهيان ٿو ته ان خوف ۽ اڪيلائيءَ جي آکيري ۾ انهن خيالن جو جنم ٿيڻ گهرجي، جيڪي خيالَ لاڪ ڊائون جي

ڏينهن ۾ اچن ٿا. انهيءَ سان اهو ٽيندو ته اڄ جي ڊائري ايندڙ نسلن لاءِ ڄاڻ جي ڏيهه ڏانهن دري کوليندڙ هوندي.

مان آخري جيڪي توسان؛ ٻه ڳالهيون ونڊڻ ٿو چاهيان اهي هيءُ آهن ته نظمن ۾ ڪردار نگاري جِي اهميت ڪيتري آهي يا ناهي؟ مون محسوس ڪيو آهي ۽ اها منهنجي راءِ آهي ته نظمن ۾ ڪردار نگاري اسان وٽ ڪمزور آهي. اها ان ڪري جو اسان وٽ جيڪي به ڪردار نگاريءَ تي نظم لکيا ويا آهن. انهن ۾ هڪ مڪمل واضحُ ۽ چٽي تصوير سان گڏ اسان جي شاعرن ان جِي ايڊريس به ڏني آهي، ايئن هئڻ نه گهرجي. چاڪاڻ ته منهنجي نظر ۾ جنهن به تخليق تي حاشيو ايندو آهي. اها تخليق محدود ٿي ويندي آهي، پوءِ پلي ان تخليق ۾ تخليقڪار ڇو نه تير لڳايو هجي.

نظمن ۾ ڪردار نگاري ڪي اظهاري سگهجي ٿو ۽ نظمن ۾ ئي اظهاري سگهجي ٿو چاڪاڻ ته نظم جو ڪئنواس وسيع آهي، پر ايئن اظهارجي جيئن پڙهندڙ ان نظم ڪي جيڏانهن چاهي اوڏانهن وٺي وڃي. نظم جِي اهڙي پيشڪش لاءِ تمام گهڻي رياضت جِي ضروت آهي.

آخري ڳالهه ڪري مان خط لفافي ۾ بند ڪري تو ڏانهن پوسٽ ڪري ٿو ڇڏيان ۽ اُها آخري اِها ڳالهه آهي ته ”نظمن ۾ شهرن جو ذڪر“ هيءُ پاسو پڻ نظمن جي حوالي سان انتهائي اهم ۽ دلچسپ آهي پر اسان جڏهن سنڌي شاعريءَ ڪي ڪٽي ڏسون ٿا ته ان ۾ شهر نگاريءَ جي حوالي سان به ساڳي ئي جُٺ آهي، جيڪا ڪردار نگاريءَ جي حوالي سان مون توکي پهريان ٻڌائي آهي. شهر نگاريءَ ڪي اسان وٽ ايئن ٿو بيان ڪيو وڃي، جهڙوڪ ان ۾ گهوراڙئي جا هوڪا هجن باقي تخليق جو تارو توهان ڪي ڪٽي به ڪڙيل نظر نه ايندو.

مان هتي ڪردار نگاري ۽ شهر نگاريءَ جي حوالي سان لطيف سائين؛ جو مثال ڏيندس هن؛ ته ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. ڇا ته هن جو اظهار آهي. ڪردار نگاري ۽ شهر نگاري جي حوالي سان.... اهڙو اظهار ڪجي جنهن ڪي جنهن وقت ۽ جتي بيان ڪجي ته پورو پورو لهي اچي.

جاويد،

اصولي طور مون کي تو ڏانهن اچڻو هو ۽ روبرو ڪچهري ڪرڻي هئي پر لاڪ ڊائون جي ڪري گاڏيون بند آهن ۽ مان مسلسل ٽن مهينن کان ميهڙ ۾ ئي آهيان. ڪاڏي نڪرڻ ناهي ٿيو. انهيءَ ڪري ئي تو ڏانهن خط لکيو آهي ۽ پنهنجو پيار ونديو آهي. اها اميد آهي تہ جلد معمول مطابق ڏينهن ايندا پوءِ ٿندي الهيار اچبو انبن جي باغن ۾ وڻن جي ڇانوَ ۾ ويهي سُوم رس جي محفل مچائبي، جنهن ۾ نظمن جون نئيون وهنديون ۽ قرب جا ڪوٽ اڏجندا.

پيار جو ڳولائو

احمد شاڪر

اشڪا جو گهر ميهڙ
۳ جُون ۲۰۲۰ع

حبيب،
امید تہ شال شاد آباد هوندين
وبا جا ۽ لاڪ ڊائون جا ڏينهن
تنهنجي اڪيلائيءَ ۾ اضافو ڪندي
تو لاءِ لفظن جا لشڪرَ
مطالعي جِي ميز تائين ڪيترن ئي
ڪتابن کي ڪٺي آيا هوندا
اڪيلائي تنهنجي اڳڻ تي
هڪ پيرو ٻيهر آئي آهي
سندس مهماني هر روز تون
هڪڙي نظم سان ضرور ڪجان.

حبيب،
لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ لکيل خطن مان منهنجو هيءُ آخري خط آهي ۽ هيءُ خط مان تو ڏانهن انهيءَ ڪري بہ لکي رهيو آهيان جو تون جتي موجود آهين اها اهڙي جُنڪشن آهي جتي ڪيڏي بہ تيز رفتار سان هر گذرندڙ ريلَ بيهندي آهي. مسافر لاهيندي آهي، مسافر کڻندي آهي ۽ ساهہ پٽيندي وري اڳتي سفر شروع ڪندي آهي، بلڪل اهڙيءَ ئي طرح تو ڏانهن آخري خط لکندي ٿوري ساهي پٽيندس وري بعد ۾ اڳتي پڙهڻ ۽ لکڻ جو سفر شروع ڪندس. يار! مسلسل پڙهڻ ۽ لکڻ ڪري منهنجي نظر ڪمزور ٿي وئي آهي. انهيءَ جي باوجود بہ مان پڙهي ۽ لکي رهيو آهيان. مان چشمو پائڻ کان الائي ڇو لهرائي رهيو آهيان.

مان هن خط ۾ تو ڏانهن هڪ خاص موضوع تي گفتگو ڪرڻ ٿو چاهيان. اهو موضوع ٽپاليءَ جو آهي ۽ مان دل کولي اڄ تنهنجي اڳيان رکڻ چاهيان ٿو. تون؛ مهرباني ڪري منهنجي دل کي غور سان ڏسجان. ان مٿان توکي هڪڙو لفظ ”اشڪا“ لکيل نظر ايندو. ماڻهو پڇن ٿا ته اشڪا جي معنيٰ ڇا آهي؟ اهو اهڙو سوال آهي، جنهن جو جواب ڏيڻ به جهڙوڪ حيرت زده آهي. اها مون کي به خبر ناهي ته ان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي ۽ اهو لفظ آهي به يا ناهي؟ مون اهو لفظ پنهنجن چئن محبوبائن جي نالن جي پهرين اکرن کي ڪٺي جوڙيو آهي ۽ انهيءَ ئي لفظ ۾ منهنجو نالو به شامل آهي. توکي؛ مزي جِي ڳالهه ٻڌايان ته مون پنهنجي نوٽ بُڪ ۾ اهو لکي ڇڏيو آهي ته جڏهن مان شادي ڪندس ۽ مون کي نياڻي ٿيندي ته مان ان جو نالو ”اشڪا“ رکندم ۽ جڏهن مان هن کي ڏسندس ته مون کي پنهنجون محبوبائون به ياد اينديون، ته پاڻ کي به ان ۾ ڏسي وٺندس.

حبيب،

هيءُ خط مان توکي پوسٽ ذريعي موڪلڻ ٿو چاهيان پر افسوس جو لاڪ ڊائون جي ڪري گهر ۾ رهڻ دوران اها خبر ڪونهي ته پوسٽ آفيس کليل به آهي يا نه ۽ مون کي اها به خبر ڪونهي ته هاڻي تنهنجو پوسٽ پتو ڪهڙو آهي. چاڪاڻ ته تون؛ ويجهر ۾ شايد گهر مٽائي ٻئي هنڌ وڃي وينو آهين، يار؛ تو ڪڏهن ان تي سوچيو آهي ته خط نويسيءَ جي تاريخ ڪيتري پراڻي آهي؟ جيڪڏهن ان تي سوچجي يا ان تي لکجي ته ڏينهن رات جي سَنڌي جو فرق ئي ختم ٿي وڃي.

خطَ قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ته اڄ به ڪبوترَ پهچائن ٿا. ٻن دلين جا رابطا بحال رکندي پيار جو پيغام رسائن ٿا ۽ چتونءَ جِي ڇهنبَ ۾ اڄ به قسمت جو لفافو آهي. مون کي اها خبر ڪونهي ته خط نويسي اڄ جي نئين سجاڳيءَ واري دؤر ۾ ڪيتري اهميت رکي ٿي پر مون کي اها خبر ضرور آهي ته خط لکڻ جون شڪليون تمام گهڻيون بدلجي ويون آهن. ڪاغذ ۽ قلم جِي جاءِ تي ڪمپوٽر ۽ موبائل جي اسڪرين اچي وئي آهي. اڳي خطَ پوسٽ ذريعي موڪلبا هئا ۽ ٽپالي سنيالي هٿو هٿ پهچائي ويندا هئا ۽ اڄ خطَ پهچائڻ لاءِ وچ واري جي ته ضرورت ئي محسوس نه ٿي ٿئي.

يار: هيستائين خط لکندي ۽ خط بابت سوچيندي مون کي الائي ڇو گارشيا مارڪيز جو ناوليٽ ”ڪرنل کي ڪير بہ خط نہ ٿو لکي“ (جيڪو تازو ئي پياري رحمت سومري: سنڌي ۾ ڏاڍو سهڻو ترجمو ڪري اسان کي ڏنو آهي) هر هر اکين آڏو تري اچي ٿو. خبر اٿئي تہ ان جو سبب ڇا آهي.؟ ان جو سبب اهو ئي آهي تہ جيئن ڪرنل: پينشن جو انتظار ڪندو آهي ۽ بندر گاهہ تي سامان پهچڻ کان ويندي پوسٽ آفيس پهچڻ تائين هو اکين سان ڏسندو رهندو آهي. ان سڄي عمل دوران هو: انتظار جي انگاس تي ٽنگيو رهندو آهي ۽ پنهنجي پينشن جي لفافي جي پهچڻ جي اوسيئڙي ۾ اکيون ٽپاليءَ جي هٿن ۾ پڪڙيل لفافن ۾ اٽڪيل هونديون اٿس ۽ هر ڀيري مايوسيءَ وچان گهر ورڻو پوندو آهيس ۽ پنهنجي جوان پُٽ جي نشاني ”ڪُڪڙ“ کي ڏسندو آهي ۽ دل کي وندرائيندو آهي. اها ساڳي صورتحال مون سان بہ ذري گهٽ لاڳو آهي تہ مون هن وقت تائين پنهنجن بہ دوستن ڏانهن خط لکيا آهن، انهن جي جوابي خطن جي انتظار جي اذيت جِي اُس مان خود ايئن ئي گذري رهيو آهيان، جيئن گارشيا: جو ڪردار ڪرنل گذرندو آهي. ساجد: توسان مان هڪڙي وڏيڪ ڳالهہ ونڊڻ چاهيان ٿو ۽ اُها ڳالهہ اِها آهي تہ:

”هو هر روز صبح سان تيار ٿي ڪاڙهي جا ڪپڙا پائيندو هو. جيڪي مليشا سان ملندڙ جلندڙ هوندا هئا. ڪلهي ۾ ڪپڙي جو ٿيلهو، ٻانهہ ۾ واچ ۽ قميص جي آڏو واري کيسي ۾ قلم رکي هٿن ۾ سائيڪل پڪڙي گهر جي وراندي کان ڪاهي ٽپڙي پري ڪري در جِي چانئُٺ ٽپي گهر جِي گهٽي مان هٿن تي سائيڪل ڪاهيندو جيئن ئي روڊ تي پهچندو هو تہ پينڊل تي پير رکي ٽاپ ڏئي ڳوٺ کي ڇڏي شهر ايندو هو. هو، ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هارين کي سلام ڪندو ايندو هو ۽ جيئن ئي شهر ۾ پهچندو هو تہ سائيڪل تان لهي هٿ تي ڪاهي سڌو پوسٽ آفيس ايندو هو. آفيس پهچڻ شرط هو ٻيني پير ئي نظرون ڦيرائيندو وڃي ڪرسيءَ تي ويهندو ۽ سيني نپن مان تاريخون مٽائيندو هو. هو: اڄ بہ انگريزن جي دؤر واري طور طريقي ۽ انهن جي ئي ڇڏيل سامان سان هر روز آفيس ۾ ڪم ڪار ڪندو هو. هو: جنهن آفيس ۾ ٽپاليءَ جي طور پرتي ٿيل هو. اها آفيس ڪچي ڪمري جي نهيل هئي، جنهن ۾ بلب جِي جهيڻي روشنيءَ ۾ هو

ٽپال ڏسندو ۽ خانن ۾ وجهندو ويندو هو. انهيءَ سڄي عمل دوران جيڪڏهن ڪو آفيس ۾ آيو ويو ته ڪم ڇڏي ٻه اڳلي سان اهڙو قرب وندبيندو هو. جهڙوڪ اڳلو سندس ڳوٺائي هجي، هن جِي اهڙي پنهنجائپ آفيس جي عملي ڪي اصل ڪونه وڻندي هئي ۽ هو: مُرڪي سڀ ڪي جهڙو خاموشيءَ جو سگنل ڏئي ڇڏيندو هو.

هو: روزاني جي بنياد تي پهتل سامان ماڻهن تائين پهچائيندو هو، پر خاص ڪري خط وڏي شوق سان موڪليندڙن ۽ ملندڙن جون ايڊريسون پڙهندو هو ۽ اهي خط هٿن ۾ ڪٺي حسرت سان ڏسندو هو، جيڪي رنگين لفافن ۾ بند هوندا هئا. جن جي مٿان ڪبوترَ، گلاب جا گلَ ۽ ڪيُوپڊ جا تيرَ نشان ڪنده هوندا هئا. هو: خطن ڪي گهر گهر پهچائيندي مُسرت محسوس ڪندو هو. هو جنهن رستي جنهن گهٽيءَ مان سائيڪل تي لنگهندو هو ته ماڻهو هٿن جي اشارن سان ته ڪي وري وڏي آواز سان خطن جو پڇندا هئا ۽ هو: انهن ڪي (جن لاءِ گلابي لفافي ۾ خط ايندا هئا) هٿ جِي بريڪ ڏئي پاسي سان بيهي ڏيرج ۾ ٻڌائيندو هيو ته تنهنجو خط آهي يا ناهي.

هن جي ڪن ۾ اڪثر ڪري قلم لڳل هوندو هو ۽ اکين تي اڇو چشمو پاتل هوندو هو. هن آرهڙ، سيارو ٽپال جو ڪم خوشيءَ سان ڪيو هو. سندس ڇهري تي ڪڏهن ٻه ڪنهن تِر جيتري ڪاوڙ ڪونه ڏٺي هئي. ڪاڙهي ۾ ٽڏ ۾ ٻه ٽپال ماڻهن تائين پهچائيندو هو ۽ اوسيتائين سج ٻه بيٺو هوندو هو جيستائين هو شام جو سائيڪل تي چڙهي گهر ورندو هو. هو جنهن وقت گهر جي گهٽيءَ ۾ پهچندو هو ته سائيڪل تان لهي هٿ ۾ ڪاهي ايندو هو پاڙي جا ٻارَ هن ڪي ڏسي گڏ ٿي ويندا هئا ۽ هو ٻارن ۾ ڪپڙي جي ٿيلهي مان ڪتمنڙا ڪڍي ورهائيندو هو ۽ ٻئي ڏينهن وري اها ساڳي ڪرت، وري اهي خط، اهو ٽپالي ۽ سندس سائيڪل ڦرندي رهندي هئي. گهٽي گهٽي، گهر گهر، در در.

حبيب،

هر روز دنيا ترقيءَ طرف گامزن آهي. ارتقا جو اهو پنڌ اڳتي کان اڳتي پيو وڃي. سائنس ٻه جديد کان جديد تر ٿيندي پئي وڃي ۽ هر انسان

ڪي سهولتن تي سهولتون مهيا ڪندي پئي وڃي. هتي ۽ اڪين جي اشارن سان شين ۽ مشينن جي چُرپُر يقيني بڻائي وئي آهي. جتي هر شعبي ۾ ترقي ٿي رهي آهي، اتي ٽپال ڪاتي ۾ بہ ترقي ٿي آهي. اسان وٽ توڙي جو انگريزن جي دؤر جون سڪون لاهيندڙ ٽپال ڪاتو آهي ۽ ان جو رومانس بہ پنهنجو آهي پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود بہ امريڪا ۾ ڪجهہ وقت اڳي روبوٽ اسڪوٽر ايجاد ڪيو ويو هو. جيڪو ٽپاليءَ جي جڳهہ تي ڪم ڪري ٿو، ”ريوون“ نالي ٽن ڦيٿن وارو ٽپالي روبوٽ اسڪوٽر پنڌرنهن ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي ٿو ۽ گهر گهر سامان پهچائي ٿو. انهيءَ سڄي صورتحال ۾ جيڪو ٽپاليءَ جو خاڪو آهي، اهو مون لاءِ انتهائي محترم ۽ احترام وارو آهي، جيڪو پنهنجي فرض شناسي ۾ ڪنهن بہ بهاني ڪي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نہ ٿو ڏي.

## ٽپاليءَ جي نالي....

تنهنجا هٿَ
هر روز ڪيترائي خطَ
ڇُهندي ٿڪجن نہ ٿا
خطَ جن ۾ سڪ ۽ ڇڪ
اکرن ۾ اڪريل آهي
اکرَ جن ۾ ڪنهن جا ڪنهن لاءِ
پيارَ ڀريا احساسَ بہ آهن تہ
اميد جي ٻرندڙ اگربتيءَ جِي
خوشبو بہ آهن.

حبيب،

اڄوڪو خط لکندي مان ايئن محسوس ڪري رهيو آهيان تہ جهڙوڪ منهنجي مٿان مصيبت جِي مڻين وزن رکندڙ ڇپ هٽي ويئي آهي ۽ مان پاڻ ڪي ايترو ئي هلڪو ۽ آزاد محسوس ڪري رهيو آهيان، جهڙوڪ هوا ۾ اڏرندڙ اڇو پکيءَ جو پَرُ هجان. هڪ تخليقڪار ان وقت تائين بيچينيءَ جِي وڏ ڦُڙي ۽ ڳڙي سان وسندڙ مينهن ۾ سٽڪندو رهندو آهي، جنهن لاءِ ڪابہ ير پاسي ۾ پناهہ گاهہ ناهي هوندي. ان سڄي تڪليف ده صورتحال

۾ هن؛ ڪي پيئن، پنو ۽ اڪيلائي ڳل ڳراٽي پائيندي آهي ۽ انهيءَ دوران جڏهن هو؛ ڪوري ڪاڳر تي قلم ڪي هلائيندو آهي ۽ ڪجهه تخليق ڪندو آهي تڏهن ئي سڪون ڀري منزل تي دم ڪٽندو آهي ۽ ٿوري ساهي ڪٽي وري اهو جوکي اهو پنڌ!

حبيب!

منهنجو ايڏانهن اچڻ جو ارادو آهي، رڳو ٿورو ماحول معمول مطابق ٿي پئي تہ نڪري اچان تو سان سکر ۽ روهڙيءَ جِي سنگت سان ملندي. اڳتي گهوٽڪي طرف وڃڻ جو ارادو آهي. جتي مون کي گهڻو وقت اڳي وڃڻ گهرجي ها پر ڪورونا وائرس، لاڪ ڊائون ۽ گرميءَ جي گڏيل گهيري جي ڪري گهر جِي ڪنڊ ۾ جهڙوڪ ڪنوار جي ونواهه جيان وينو آهيان ۽ پڙهڻ، لکڻ ۾ ڏينهن رات مشغول آهيان.

چڱو سدائين گڏ

موڪلاڻي ڪونهي.

احمد شاڪر

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

خط لکڻ اهو احساس آهي ته ڪو پهچ ۾ نه آهي، ان سان ملڻ جي حسرت ۽ پيڙا اڪرن جو روپ ڌاري تصور ۾ آسودگي ماڻي.

خط لکڻ مجبوري ۽ بيوسيءَ جو اهڃاڻ آهي. ڪو وقت هيو ماڻهو خطن جو انتظار ڪندا هيا. اهو دور هليو ويو ۽ هاڻي خط افسانن ۾ آهن. خطن جو رومانس ڪڏهن ختم ٿيڻو نه آهي. خط ۽ صحيفا نازل ٿيندا آهن.

"پور وڇوٽ پاڇا" پڙهي لڳو انسان اڪيلو نه آهي، اهو اڪيلائيءَ جو دعويدار ٿي عدميت ۽ وجوديت جو پرچارڪ ته ٿي سگهي ٿو پر حقيقت ۾ اهو پنهنجن يادن، پيڙائن، تصور ۽ معدوم جي تندن سان ڳنڍيو پيو آهي. اهو معاشري ڪان پاڻ ڇني الڳ ٿي نه ٿو سگهي. انسان، انسان سان تندن جي ڄار ۾ ڦاٿل آهي ۽ اهو ڪڏهن آزاد نه ٿيندو.

احمد شاڪر جو جذبو ۽ محنت ڏسي لڳندو آهي، هن نوجوان ڪي اها جدوجهد ادب جي اهڙي مٿاهين سطح تي وٺي ويندي جتي پهچڻ گهٽ اديبن ڪي نصيب ٿيو آهي. هو ادب لئه جاکوڙ ڪري ٿو ۽ ننڍي عمر ۾ ادب ڪي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي.

خطن تي مشتمل هيءَ ڪتاب پڙهي مان لفظن جي سحر ۾ وکوڙجي ويو آهيان. هن وٽ جذبن جي اظهار جي سگهه شدت سان موجود آهي. هو خوبصورت شاعريءَ جيان سنئو نثر پڻ لکي ٿو.

**رسول ميمڻ**

